ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) آچر 25 آڪٽوبر 2026ع 13 جمادي الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيا شمارو (71)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Sunday 25th October 2026

استنبول ۾ 8 ملڪن جو گڏيل اجلاس، پرڏيهي وزيرن ايران خلاف فوجي ڪارروائي جي مخالفت ڪري ڇڏي

ترڪي، پاڪستان ۽ سعودي عرب (آر 4) جي پرڏيهي وزيرن سان فرانس، جرمني، اٽلي ۽ برطانيا جي پرڏيهي وزيرن ملاقات ڪري گڏيل اجلاس منعقد ڪيو ويو

اجلاس ۾ علائقي ۽ ان کان ٻاهر امن ۽ استحڪام، ڪي هٿي ڏيڻ ۽ سيڪيورٽي، اقتصادي ۽ واپاري نتيجن کي منهن ڏيڻ لاءِ سفارتي ڪوششون جاري رکڻ جي عزم جو اظهار

خطي ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ ڳالهين، سفارتڪاري ۽ ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ ذريعي علائقائي تڪرارن کي منهن ڏيڻ جي فوري ضرورت تي اتفاق ڪيو ويو

ملاقات ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل - ايران تڪرار، اسرائيل - فلسطين تڪرار ۽ ٻه رياستي حل جي ضرورت، سعودي عرب ۽ يمن خلاف حوثي مليشيا جي حملي ۽ وڌندڙ ڇڪتاڻ بابت ڳالهيون

سمورن اڳواڻن پاران گڏيل قومن جي لاڳاپيل ٺهراءُن مطابق، انهن سمورن التوا هيٺ تڪرارن جي پائيدار ڳالهين وارو حل ڳولهڻ جي ضرورت تي زور ڀريو ويو

استنبول (اي پي پي) ترڪي، پاڪستان ۽ سعودي عرب (آر 4) جي پرڏيهي وزيرن سان فرانس، جرمني، اٽلي ۽ برطانيا جي پرڏيهي وزيرن گڏيل ڏينهن استنبول ۾ ملاقات ڪئي. ان موقعي تي علائقي ۽ ان کان ٻاهر امن ۽ استحڪام کي هٿي ڏيڻ ۽ انهن بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

استنبول: 8 علائقائي ۽ يورپي ملڪن جي پرڏيهي وزيرن جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

پاڪستان پاران اردن جي گادي واري شهر ڪرڪ ۾ گرجاگهر تي دهشتگرداڻي حملي جي مذمت

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اردن جي شهر ڪرڪ ۾ گرجاگهر ۾ جنازي دوران بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ترڪيه جو دورو مڪمل ڪري وطن واپس پهچي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

پوليو کان پاڪ پاڪستان شهيد بينظير ڀٽو جو خواب هو: بلاول ڀٽو زرداري

شهيد راڻي جي خواب کي پورو ڪرڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي ۽ عوامي شرڪت ضروري آهي.

مهم ۾ والدين، استادن ۽ سماج جي سمورن طبقن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، پوليو جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ مهانگائي وڌڻ جو خدشو عالمي معيشت غير يقيني صورتحال کي منهن ڏئي رهي آهي: وفاقي حڪومت

پاڪستان ۾ معاشي استحڪام لاءِ سخت سڌارن تي عملدرآمد جاري آهي، حڪومت جي توجهه روانگي واپار تي ٻڌل پائيدار معاشي ترقي ۽ نجي شعبي جي حوصلا افزائي تي آهي: ناڻي وزير

هلندڙ مالي سال ۾ آءِ ٽي روانگي واپار 5.5 ارب ڊالر ۽ پرڏيهه مان موڪليل ناڻو 44 ارب ڊالر تائين پهچڻ جي اميد آهي، ملڪ جا مٽاسٽا جا ذخيرا 3 مهينن جي روانگي واپار لاءِ ڪافي آهن

پاڪستان کي بوم- لينڊ بسٽ معاشي چڪر مان نڪري اهڙي ترقي جي راهه اختيار ڪرڻي پوندي جنهن سان روزگار جا موقعا پيدا ٿين ۽ معاشي ترقي جا ثمر عوام تائين پهچن

مسلسل ڪوششن جي نتيجي ۾ پاڪستان جي ڪريڊٽ ريٽنگ ۾ گذريل سال اپريل کان هن قوت تائين 3 ڀيرا بهتري آئي آهي، عالمي مالياتي مارڪيٽن تائين پهچ لاءِ به قدم کنيا پيا وڃن

حڪومت ٽيڪس نظام ۾ بهتري، ٽيڪس نيٽ ۾ واڌ ۽ روانگي واپار کي هٿي وٺائڻ، روانگي واپار وڌائڻ لاءِ سپر ٽيڪس جي خاتمي ۽ ٽيڪس سليب ۾ گهٽتائي سميت مختلف قدم کنيا ويا آهن

پاڪستان کي اهڙي معاشي ترقي جي ضرورت آهي جيڪا سيڙپڪاري ۽ پيداوار ۾ اضافي سان گڏ روزگار جا نوان موقعا به پيدا ڪري، رڳو 7 کان 8 سيڪڙو معاشي ترقي ڪافي ناهي

لاهور (اي پي پي/مانيٽرنگ ڊيسڪ) ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب خدشو ظاهر ڪيو آهي ته عالمي تڪرارن جا اثر عام واهپي وارين شين جي اگهن تي پئجي سگهن ٿا، جڏهن ته عالمي معيشت غيريقيني صورتحال کي منهن ڏئي رهي آهي، پاڪستان ۾ معاشي استحڪام لاءِ سخت سڌارن تي عملدرآمد جاري آهي ۽ حڪومت جي توجهه روانگي واپار تي ٻڌل بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

برلن: صدر آصف علي زرداري سيمن ڪمپني جي وفد سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪي پي ۾ 18 ارب 46 ڪروڙ رپين جي مالي بي ضابطگين جو انڪشاف

پي ٽي آءِ جي حڪومتي دور بابت آڊٽ رپورٽ ۾ سنگين اعتراض، سرڪاري خزاني کي نقصان پهچڻ جي نشاندهي

مالي بي ضابطگيون خيبرپختونخوا اڪنامڪ زونز ڊولپمينٽ اينڊ مئنيجمينٽ ڪمپني ۾ سامهون آيون آهن: رپورٽ

ڪمپني صنعتي مالڪن کي ليز تي ڏنل زمين جي مد ۾ 2 ارب 8 ڪروڙ 49 لک رپيا وصول ڪرڻ ۾ ناڪام رهي

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبرپختونخوا ۾ پي ٽي آءِ جي حڪومتي دور سان لاڳاپيل هڪ وڏو مالي اسڪينڊل سامهون اچڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي جنهن ۾ مالي سال 2024-2025ع دوران 18 ارب 46 ڪروڙ بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سيدال خان ناصر پاران بلوچستان ڪوٽا تحت نوري ڀرتي واري فيصلي جي آجيان

بلوچستان ۾ نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا ۽ نمائندگي ۾ بهتري ايندي: سيدال خان

مخصوص ڪوٽا جي بنياد تي وفاقي حڪومت ۾ نوڪريون حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏني ويندي

بلوچستان فيڊرل گورنمينٽ فيسيليٽيشن سينٽر جو قيام اهم اڳڀرائي آهي: ڊپٽي چيئرمين سينيٽ

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جي ڊپٽي چيئرمين سيدال خان ناصر بلوچستان جي ڪوٽا تحت وفاقي حڪومت جي گريڊ هڪ بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف سان پنجاب اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر ۽ ايم اين اي ملڪ منير اقبال جي ملاقات

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان پنجاب اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر ملڪ ظهير اقبال چنڙ ۽ قومي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومت جي ڪڻڪ جي مناسب اگهه تي فراهمي کي يقيني بڻائڻ جي هدايت

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ ڪابينا جي ڪميٽي جو اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو

قومي ذخيرن، خريداري نظام ۽ مقامي کپت جي رجحانن سميت قيمتن جي صورتحال جو جائزو ورتو ويو

قيمتن ۾ استحڪام آڻڻ لاءِ ڪڻڪ جي رسد ۾ اضافي سميت سمورا ضروري قدم کنيا وڃن: اسحاق ڊار

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان قومي اسيمبلي جو اسپيڪر ملڪ منير اقبال چنڙ ۽ پنجاب اسيمبلي جو ڊپٽي اسپيڪر ملڪ ظهير چنڙ ملاقات ڪري رهيا آهن

محسن نقوي جي لاهور قلندرز جي پليئرز ڊولپمينٽ پروگرام جي تقريب ۾ شرڪت

لاهور قلندرز نوجوان رانديگرن جي ترقي لاءِ سٺو ڪم ڪري پيئي: چيئرمين پي سي بي

پي ايس ايل جي ميڊنگ ۾ سمورن فرنچائز مالڪن کي درخواست ڪئي هئي: محسن نقوي

ڪرڪيٽ اهڙي راند آهي جنهن ۾ مسلسل محنت ۽ سکڻ جو عمل جاري رکڻ ضروري

لاهور (اي پي پي) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي چيئرمين محسن نقوي چنچر ڏينهن لاهور قلندرز جي پليئرز ڊولپمينٽ پروگرام بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

عوامي خدمت ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: رياض شاهه شيرازي

صوبائي وزير شيرازي هائوس ٺٽي ۾ عوام سان ملاقاتون ڪري سندن مسئلا معلوم ڪيا

لاڳاپيل آفيسرن کي شڪايتن جو سنجيدگيءَ سان جائزو وٺڻ ۽ اڻتڻا ندر ڪڻ جي هدايت

ڪراچي/ ٺٽو (بيورو رپورٽ) سنڌ جي اوقاف، زڪوات ۽ عشر ۽ مذهبي معاملن واري صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي هائوس ٺٽي ۾ عوام سان ملاقاتون ڪري سندن مسئلا ۽ شڪايتون بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پوليو کان بچاءُ ڪنهن به ٻار جي ائڊريس، غربت يا لڏپلاڻ جو محتاج نه هئڻ گهرجي: بلاول ڀٽو

ڪنهن ٻار جو حفاظتي ڦڙن کان رهجي وڃڻ اسان کي اهو ياد ڏياري ٿو ته اسان جو ڪم اڃان باقي آهي: پ پ چيئرمين

شهيد محترمه بينظير ڀٽو 1994ع ۾ آصف ڀٽو کي پاڻ پوليو جا ڦڙا پياري ماءُ جي حيثيت سان اعتماد جو پيغام ڏنو هو

اسان جو عزم اهڙو پاڪستان آهي جنهن ۾ هر ٻار کي بيماري کان تحفظ ملي ۽ پنهنجي صلاحيتن موجب پنهنجي زندگي گذارڻ جو موقعو ملي

اسلام آباد (اي پي پي) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته هر ٻار کي پوليو کان تحفظ ڏيڻ اسان جي اجتماعي ذميواري هئڻ گهرجي، خواهه هو ڪنهن وڏي شهر جي ڪچي آبادي ۾ رهندڙ هجي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سيئول: آءِ ٽي واري وزير شزا فاطمه خواجا جو ڏکڻ ڪوريا جي مشهور پينگيوٽيڪنو ويلي جو دورو ڪرڻ دوران وفد سان ورتل گروپ فوٽو

پاڪستان ريلويز ۾ 31 ڊسمبر تائين هنگامي حالت لاڳو، فيلڊ آفيسرن جون موڪلون رد

ريلوي آفيسرن جي سرڪاري معاملن جي سلسلي ۾ ٻين شهرن جي دورن لاءِ ٽرين ذريعي سفر ڪرڻ لازم قرار

آفيسرن کي اڄ تي به فيلڊ ۾ وڃي ٽرين آپريشن جي نگراني ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي: وفاقي وزير ريلوي

ريلوي آفيسر فيلڊ ۾ پنهنجي موجودگي يقيني بڻائڻ ۽ ٽرين آپريشن جي نگراني ۾ ڪنهن قسم جي غفلت نه ڪن

لاهور (اي پي پي) ريلوي جي وفاقي وزير محمد حنيف عباسي جي هدايت تي پاڪستان ريلويز ۾ ٽرين آپريشن کي محفوظ بڻائڻ ۽ حفاظتي انتظام وڌيڪ موثر بڻائڻ لاءِ 31 ڊسمبر تائين هنگامي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

عمران خان کي آزاد ڪري ملڪي بقا لاءِ سنجيده ڳالهين جي شروعات ڪئي وڃي: حليم عادل

ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ معاشي بدحالي حڪومت جي خراب پاليسين جو نتيجو آهي

ملڪ ۾ مهانگائي سبب غربت 48 سيڪڙو ۽ بيروزگاري 7.3 سيڪڙو تائين وڌي چڪي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ ملڪ اندر وڌندڙ مهانگائي ۽ معاشي بدحالي تي هڪ اهم وڊيو بيان جاري ڪندي پي ڊي ايم ون ۽ پي ڊي ايم بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم خشڪ رهڻ جو امڪان

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات کاتي اڳڪٿي ڪئي آهي ته ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ مالديپ وچ ۾ 20 معاهدن ۽ مفاهمتي يادداشتن جي مٿا سٽا معاشي استحڪام طرف اهم اڳڀرائي آهي: بئريسٽر دانيال

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي پارليامانٽي سيڪريٽري بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ پوليو جي خاتمي جو ڏهاڙو ملهايو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان سميت بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

نوابشاهه: قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر غلام مصطفيٰ شاهه جو ڪيڊٽ ڪاليج جي دوري بعد ورتل گروپ فوٽو

خيبرپختونخوا ۾ قومي ۽ صوبائي تڪن جي حدن ۾ ردوبدل جي ڪا به صداقت ناهي: اليڪشن ڪميشن

سمورن تڪن جون حدون هاڻي به اهي ئي برقرار آهن جيڪي عام چونڊ 2024ع جي وقت هيون: ترجمان اي سي پي

ڪي پي ڪي جي صوبائي حڪومت صوبي جي مختلف ضلعن ۾ انتظامي يونٽس ۾ تبديليون ڪيون هيون

اسلام آباد (اي پي پي) اليڪشن ڪميشن وضاحت ڪئي آهي ته خيبرپختونخوا ۾ بنا ٻڌائيءَ جي قومي ۽ صوبائي تڪن جي حدن ۾ ردوبدل جي خبر ۾ ڪا به صداقت ناهي ڪنهن تڪ جي حدن ۾ ڪا به تبديلي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

تڪرارن جو پرامن حل ۽ انساني وقار جو تحفظ گڏيل ذميواري آهي: اويس قادر شاهه

دنيا ۾ امن، انصاف ۽ انساني حقن جي واڌاري لاءِ عالمي سطح تي سهڪار ضروري آهي

ڪشمير ۽ فلسطين جي عوام جي جائز حقن جو تحفظ پائيدار امن لاءِ ضروري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وقتي گورنر سنڌ سيد اويس قادر شاهه گڏيل قومن جي ڏهاڙي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

آمريڪا جي صدر پاران ڪئناڊا جي اڪثر مصنوعات تي 50 سيڪڙو ٽيرف ختم ڪرڻ جو اعلان

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا جي صدر بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ايران تي وڏي حملي جون تياريون، آمريڪي جنگي جهاز تي بنڪر بسٽر بم رکڻ جو انڪشاف

آمريڪي جهاز بردار جنگي جهاز يو ايس ايس جارج واشنگٽن تي وڏي مقدار ۾ جديد هٿيار رکيا ويا آهن: رپورٽ

فوج ايران خلاف ممڪن نئين ڪارروائيءَ کي نظر ۾ رکندي پنهنجي فوجي پوزيشن مضبوط ڪري رهي آهي: آمريڪي عملدار

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪا پاران ايران خلاف وڏي پيماني تي ممڪن فوجي ڪارروائيءَ لاءِ تياريون تيز ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي آمريڪي اخبار وال اسٽريٽ جرنل جي هڪ رپورٽ موجب، بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

گلگت بلتستان صوبي جي سمورن شعبن ۾ سڌارا آڻي عوام کي روزگار فراهم ڪيو آهي: امجد حسين

اسان وٽ قدرتي وسيلن ۽ ترقيءَ جا بي پناهه موقعا موجود آهن، مائنز اينڊ منرلز جو شعبو صوبائي اختيارن ۾ هجڻ گهرجي

پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت اچڻ کانپوءِ ترقياتي ڪمن جي رفتار پڻ تيز ڪئي وئي آهي

صوبي ۾ صنعتي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ لاءِ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ يونٽ قائم ڪيو ويو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گلگت بلتستان جي وڏي وزير امجد حسين ايڊووڪيٽ چيو آهي ته گلگت بلتستان جي سمورن شعبن ۾ سڌارا آڻي رهيا آهيون. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت اچڻ کانپوءِ ساٿين کي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: گلگت جو وزيراعليٰ ايڊووڪيٽ امجد حسين شهيد راڻي جي مزار تي گل رکي رهيو آهي

چين جي جهاز سازي واري صنعت عالمي سطح تي لڳاتار پهرين نمبر تي اچي وئي

بيجنگ (اي پي پي) چين جي جهاز سازي واري صنعت جنوري کان سيپٽمبر 2026ع دوران عالمي سطح تي لڳاتار پهرين نمبر بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو پوليو جي خاتمي وارو مشن اڄ به پاڪستان کي پوليو کان پاڪ بڻائڻ واري جدوجهد ۾ مشعل راهه آهي: شازيه مري

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

هري پور ويجهو ڪار ۽ ٽرڪ ۾ ٽڪر، 4 ڄڻا فوت ۽ 2 زخمي

هري پور (اي پي پي) هري پور جي علائقي سرائي صالح ويجهو تيز رفتار آئل ٽينڪر بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽيءَ جو سينيئر اڳواڻ عبدالحميد جويو سنڌ اسيمبليءَ پهتو، آجيان

اسپيڪر اويس قادر شاهه سائنس ملاقات ڪري اجرڪ ۽ پارٽيءَ جي نشان وارو مفلر پارايو

پ پ ماڻهن کي روزگار سان گڏ عوامي سهولتن ڏيڻ ۽ ترقياتي منصوبن جو جال وڇائي رهي آهي: ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سينيئر اڳواڻ عبدالحميد جويو سنڌ اسيمبليءَ پهچي اسيمبليءَ جي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

پوليو خلاف جنگ ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي، غفلت يا سمجهوتو برداشت نه ڪيو ويندو: وڏو وزير

پاڪستان ۽ افغانستان دنيا جا آخري به ملڪ آهن جتي جهنگلي پوليو وائرس اڃا تائين موجود آهي

سنڌ جي هر ٻار کي پوليو کان محفوظ رکڻ حڪومت جي پهرين ترجيح ۽ قومي ذميواري آهي

والدين پنهنجي پنجن سالن کان گهٽ عمر جي هر ٻار کي هر مهم ۾ ڦڙا پيارين ۽ پوليو ورڪرز سان تعاون ڪن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه عالمي پوليو ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي هڪ عزم سان ڀريل پيغام ۾ واضح ڪيو آهي ته پوليو خلاف جنگ ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي، غفلت يا سمجهوتو برداشت نه بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ميهڙ: جي يو آءِ اڳواڻ راشد محمود سومرو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سون جي في تولو قيمت ۾ 2500 رپين جي گهٽتائي

اسلام آباد (اي پي پي) آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن طرفان جاري ڪيل اگهن مطابق ڇنڇر ڏينهن مقامي بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

سڄي سنڌ جي ٿاڻن کي ماڊل بڻائڻ صوبائي حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي: گهرو وزير

نوابشاهه ۾ ماڊل پوليس اسٽيشن جو قيام پوليسنگ نظام ۾ بهتريءَ طرف اهم سنگ ميل آهي: ضياءُ الحسن لنجار

شهر جي قديم ۽ سڀ کان مصروف "اي سيڪشن ٿاڻي" کي جديد تقاضائن موجب ماڊل ٿاڻي جو درجو ڏنو ويو آهي

منهنجي دلي خواهش آهي ته ماڊل پوليس اسٽيشنز جي ان اداري کي سنڌ جي ٻين ضلعن تائين پڻ وسعت ڏني وڃي

نوابشاهه (رپورٽ مشرف پٺي) صوبائي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار پاران ماڊل ٿاڻي اي سيڪشن جو باقاعده افتتاح خبر موجب صوبائي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار جي نوابشاهه آمد تي آءِ جي سنڌ بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

نوابشاهه: صوبائي گهرو وزير ضيا الحسين لنجار ۽ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ماڊل ٿاڻي اي سيڪشن جو افتتاح ڪري رهيا آهن

سنڌ جي روينيو بورڊ جي اسسٽنٽ ڪمشنر ظفر ڪلوڙ کي عدالتي ريمانڊ تي جيل حوالي

زال تي تشدد ۽ وڏي ماليت جا زيور وڪرو ڪرڻ جي ڪيس ۾ گرفتار جوابدار کي عدالت آندو ويو

جوڊيشل مئجسٽريٽ ڏکڻ جي عدالت ڪيس عدالتي ريمانڊ تي جيل موڪلڻ جو حڪم ڏنو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) زال تي تشدد ۽ وڏي ماليت جا زيور وڪرو ڪرڻ جي ڪيس ۾ سنڌ روينيو بورڊ جي اسسٽنٽ ڪمشنر ظفر احمد ڪلوڙ کي عدالتي ريمانڊ تي جيل موڪليو ويو جوڊيشل مئجسٽريٽ ڏکڻ جي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليس ۽ ڌورن وچ ۾ مقابلو ٿيو، هڪ ڌوهاري مارجي ويو

تيموريا ٿاڻي جي حد بفر زون ۾ ڦر دوران پوليس ۽ ڌورن ۾ مقابلو ٿيو

مارجي ويل جو لاش اسپتال منتقل ڪيو ويو ۽ سڃاڻپ نه ٿي سگهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي تيموريا ٿاڻي جي حد بفر زون هارون شاپنگ مال جي ويجهو پوليس جي مبينا مقابلي ۾ ڦورو مارجي ويو آهي مارجي ويل ملزم جي لاش کي قانوني ڪارروائي جي لاءِ ايڌي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڌابيجي پمپنگ ڪمپليڪس ۾ بجلي نظام جي بحالي واري منصوبي لاءِ سروي مڪمل

بجلي نظام جي بحالي سان گڏ مشينري جي ٽيڪنيڪي حالت ۽ عملي ڪارڪردگي جو به جائزو ورتو ويو

منصوبو عالمي بئنڪ جي سهڪار سان واٽر سيوريج سروسز امپرومينٽ پلان تحت مڪمل ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي ڌابيجي پمپنگ ڪمپليڪس ۾ بجلي جي فراهمي واري نظام جي بحالي ۽ بهتري جي تجويز ڪيل منصوبي جي سلسلي ۾ ماحولياتي ۽ بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ناميارو اديب، صحافي ۽ ٻولي ماهر سراج الحق ميمڻ جي سالگرهه ملهائي وئي

تقريب ۾ سندس علمي، ادبي، تحقيقي ۽ صحافتي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي

سنڌي ادب کي ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ بيورو آف ٽرانسليشن قائم ڪيو وڃي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ناميارو سنڌي اديب، صحافي ۽ ٻولين جي ماهر سراج الحق ميمڻ جي سالگرهه ڪراچي ۾ ملهائي وئي جنهن ۾ سندس علمي، ادبي، تحقيقي ۽ صحافتي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

بلڙي شاهه ڪريم ويجهو هٿياربند واپاري کان لکين رپيا روڪ ۽ سامان ڦري ويا

جهنگ ڪاتيار واري علائقي ۾ موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن واپارين يرغمال بڻايو

هٿياربند ست لک روڪ، موبائيل فون ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦري ويا آهن، انصاف ڪيو وڃي

بلڙي شاهه ڪريم (ن ع) بلڙي شاهه ڪريم ٿاڻي جي حد ڳوٺ جهنگ ڪاتيار وٽ ون ٽو ڦاٽو موٽرسائيڪل تي سوار ڪن نامعلوم هٿياربندن سوزوڪي سوار جنهان سومرو جي واپارين کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي 7 لک رپيا روڪ رقم ۽ ٽچ اسڪرين موبائل فون ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦر ڪري بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سنڌ ڪنهن جي جاگير ناهي، جو اقتدار جا ٻکيا وڪرو ڪري رهيا آهن: لال جروار

ست ڪروڙ سنڌي ڊوڙا، روپلا ۽ هوشو بڻجي پنهنجي وطن جي حفاظت ڪندا

بدين (د ر) سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ جي سازش، سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ تي ڌاڙو، ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي ۾ سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون ڪمپنين حوالي ڪرڻ، سنڌ جي زراعت، ماحوليات ۽ ساموندي پٽيءَ کي درپيش خطرن سميت بدين ضلعي جي عوام جا بنيادي مسئلا اجاگر ڪرڻ لاءِ بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

شڪارپور جي سماجي اڳواڻ شعيب سنجراڻي مبينا خودڪشي ڪري ڇڏي

شڪارپور (د ر) نيو فوجداري ٿاڻي جي حد خان چند آباد محلي جو رهواسي نوجوان سماج اڳواڻ شعيب سنجراڻي جنهن پنهنجي زندگي جو ڏيئو اجهائڻ کان اڳ پنهنجي واٽس اپ اڪائونٽ تي ڪجهه لفظ شيئر ڪيو، پنهنجي گهر ۾ مبينا طور نوجوان پاڻ کي گولي هڻي پنهنجي زندگي جو انت بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچ پاران مبينا فراڊ معاملي تي نيب جي رپورٽ تي بي اطميناني ظاهر

عدالت ۾ هڪ هزار کان وڌيڪ شهرين سان 15 ارب رپين کان وڌيڪ جي فراڊ واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

ٻڌڻي دوران نيب اختيارين رپورٽ پيش ڪئي، فراڊ جو معاملو نيب جي دائري اختيار ۾ نٿو اچي: ايڊيشنل ڊائريڪٽر

عدالت رپورٽ تي بي اطميناني ظاهر ڪندي ڊي جي نيب ڪراچي کي ايندڙ ٻڌڻي تي ذاتي طور طلب ڪري ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچ هڪ هزار کان وڌيڪ شهرين سان سيڙپڪاري جي نالي تي 15 ارب رپين کان وڌيڪ جي مبينا فراڊ واري معاملي تي نيب اختيارين جي رپورٽ تي بي اطميناني جو اظهار ڪندي ڊي جي نيب ڪراچي کي ايندڙ ٻڌڻي تي طلب ڪري ورتو آهي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

فنڪشنل ليگ کي فعال بڻائڻ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان رابطا تيز ڪيا وڃن: صدرالدين شاهه

سمورن ضلعن ۾ 22 نومبر تي پير سيد شاهه مردان شاهه جي سالگرهه شاندار نموني ملهائي ويندي

يونين سطح تائين تنظيم سازي مڪمل ڪرڻ ۽ عوامي رابطا مهم کي اثرائتو بڻائڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي صدر سيد صدرالدين شاهه راشدي سنڌ جي سمورن بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

آئين جي بالادستي ۽ سڀني لاءِ هڪجهڙو انصاف جمهوريت جا بنيادي اصول آهن: فاروق ايڇ نائڪ

پاڪستان کي اهڙن قانوني ماهرن جي ضرورت آهي، جيڪي شخصيتن بدران آئين ۽ انصاف جي اصولن جو دفاع ڪن

مرحوم پير الاهي بخش تعليم جي واڌاري، اعليٰ تعليمي ادارن جي قيام ۽ عوامي ڀلائي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو

سنڌ يونيورسٽي جي قيام لاءِ سندس ڪوششون تعليمي تاريخ ۾ اهم حيثيت رکن ٿيون: دادو ۾ تقريب کي خطاب

دادو (د ر) سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽي براءِ قانون ۽ انصاف جي چيئرمين سينيٽر فاروق ايڇ نائڪ چيو آهي ته آئين جي بالادستي، قانون جي حڪمراني ۽ سمورن شهرين لاءِ هڪجهڙو انصاف پاڪستان جي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ منڪي پاڪس ۾ مبتلا وڌيڪ هڪ ڏيڍ ورهين جو ٻارڙو فوت، انگ 12 ٿي ويو

سنڌ ۾ هلندڙ سال بيماري جا مجموعي طور 98 ڪيس رپورٽ ٿي چڪا آهن، فوتي ٻار جو تعلق ملير سان هو.

ٻار کي ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ خانگي اسپتال مان متعدي بيمارين جي اسپتال نيپا منتقل ڪيو ويو هو

اسپتال انتظاميا پاران فوت ٿيل ٻار جي موت منڪي پاڪس سبب ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ منڪي پاڪس جي مرض ۾ مبتلا ڏيڍ ورهين جو بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ روڊن ۽ فوٽ پاٿن تي حدخلين خلاف وارننگ جاري، سخت ڪارروائين جو حڪم

ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب جي صدارت هيٺ هنگامي اجلاس ۾ ڪاٽي جي ڪارڪردگي تي سخت ڪاوڙ جو اظهار

اينٽي انڪروچمينٽ ڪاٽي کي 15 ڏينهن جي سخت مهلت ڏيندي حدخلين جي خاتمو يقيني بڻائڻ جي هدايت

مقرر مدي اندر نتيجا نه اچڻ تي لاڳاپيل آفيسرن ۽ عملي خلاف برطرفي ۽ تاديبي ڪارروائي ڪئي ويندي: چتاءُ

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) جي حدخلين جي خاتمي واري ڪاٽي کي 15 ڏينهن جي سخت مهلت ڏيندي هدايت ڪئي آهي ته بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آرٽس ڪائونسل جي تقريب کي محمد احمد شاهه خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ لاءِ جدوجهد جي ميدان تي جيڪو به هلندو اسين انهن کي پاڪرن ۾ پرڻ لاءِ تيار آهيون: اياز لطيف

پرامن جدوجهد نه ڪندڙ رڳو گروهبندين، ٽڪراءَ ۾ هڪ ٻئي جي ڳچين ۾ هٿ وجهيو ويٺا هوندا سڀ ڪجهه هليو ويندو

اسان سڀ ٿو ڏيان سنڌ جي سمورين قومپرست دوست پارٽين کي، اسان ميزباني ڪرڻ لاءِ تيار آهيان

سنڌ جي تحفظ لاءِ گڏجڻ ۾ اسان فرق ڪون رکندس ته ڪهڙيون پارٽيون اچن ۽ ڪهڙيون نه اچن. منهنجون ٻئي اکيون ٺڏيون

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ پاران (سياڻي) اڄ مادر سنڌ جيجي زرينه بلوچ جي ايڪويهين ورسي سڄي سنڌ ۾ ملهائي ويندي قومي عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 7 ڄڻا فوت، 4 زخمي

مائي ڪولاچي روڊ تي حادثي ۾ موٽرسائيڪل تي سوار مرد ۽ 16 سالن جي آمنه ڏيءَ عمران فوت ٿي ويا

اسٽيل ٽائون ۽ ايئرپورٽ ويجهو حادثن ۾ ٻه نوجوان فوت ٿيا، گلستان جوهر ۽ ڪارادر ۾ ٻه لاش مليا.

نيو ڪراچي ۾ پيرسن گاڏي جي ٽڪر سان فوت مختلف علائقن ۾ فائرنگ ۽ جي واقعن ۾ چار ڄڻا زخمي ٿي پيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 7 ڄڻا مارجي ويا، جڏهن ته 4 ڄڻا پڻ زخمي ٿي پيا. ڪالهه مائي ڪولاچي روڊ تي موٽرسائيڪل تي سوار مرد بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ناميارو اديب سراج الحق ميمڻ جي سالگرهه جي تقريب جو ڏيک

ڪراچي ۾ 33 انچ پاڻي جي لائين جي مرمت مڪمل ڪري فراهمي بحال ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن اردو ڪاليج ويجهو متاثر ٿيل 33 انچ قطر جي پاڻي جي لائين بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

Daily Ibrat Karachi

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) آچر 25 آڪٽوبر 2026ع 13 جمادي الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (71)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Sunday 25th October 2026

استنبول ۾ 8 ملڪن جو گڏيل اجلاس، پرڏيهي وزيرن ايران خلاف فوجي ڪارروائي جي مخالفت ڪري ڇڏي

ترڪي، پاڪستان ۽ سعودي عرب (آر 4) جي پرڏيهي وزيرن سان فرانس، جرمني، اٽلي ۽ برطانيا جي پرڏيهي وزيرن ملاقات ڪري گڏيل اجلاس منعقد ڪيو ويو

اجلاس ۾ علائقي ۽ ان کان ٻاهر امن ۽ استحڪام، ڪي هٿي ڏيڻ ۽ سيڪيورٽي، اقتصادي ۽ واپاري نتيجن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ سفارتي ڪوششون جاري رکڻ جي عزم جو اظهار

خطي ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ ڳالهين، سفارتڪاري ۽ ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ ذريعي علائقائي تڪرارن کي منهن ڏيڻ جي فوري ضرورت تي اتفاق ڪيو ويو

ملاقات ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل - ايران تڪرار، اسرائيل - فلسطين تڪرار ۽ ٻه رياستي حل جي ضرورت، سعودي عرب ۽ يمن خلاف حوثي مليشيا جي حملي، ۽ وڌندڙ ڇڪتاڻ بابت ڳالهيون

سمورن اڳواڻن پاران گڏيل قومن جي لاڳاپيل ٺهرائن مطابق، انهن سمورن التوا هيٺ تڪرارن جي پائيدار ڳالهين وارو حل ڳولهڻ جي ضرورت تي زور ڀريو ويو

استنبول (اي پي پي) ترڪي، پاڪستان ۽ سعودي عرب (آر 4) جي پرڏيهي وزيرن سان فرانس، جرمني، اٽلي ۽ برطانيا جي پرڏيهي وزيرن گڏيل ڏينهن استنبول ۾ ملاقات ڪئي. ان موقعي تي علائقي ۽ ان کان ٻاهر امن ۽ استحڪام کي هٿي ڏيڻ ۽ انهن
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

استنبول: 8 علائقائي ۽ يورپي ملڪن جي پرڏيهي وزيرن جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

پاڪستان پاران اردن جي گادي واري شهر ڪرڪ ۾ گرجاگهر تي دهشتگردانه حملي جي مذمت

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اردن جي شهر ڪرڪ ۾ گرجاگهر ۾ جنازي دوران
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ترڪيه جو دورو مڪمل ڪري وطن واپس پهچي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

پوليو کان پاڪ پاڪستان شهيد بينظير ڀٽو جو خواب هو: بلاول ڀٽو زرداري

شهيد راڻي جي خواب کي پورو ڪرڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي ۽ عوامي شرڪت ضروري آهي.

مهم ۾ والدين، استادن ۽ سماج جي سمورن طبقن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، پوليو جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ مهانگائي وڌڻ جو خدشو، عالمي معيشت غير يقيني صورتحال کي منهن ڏئي رهي آهي: وفاقي حڪومت

پاڪستان ۾ معاشي استحڪام لاءِ سخت سڌارن تي عملدرآمد جاري آهي، حڪومت جي توجهه روانگي واپار تي ٻڌل پائيدار معاشي ترقي ۽ نجي شعبي جي حوصلا افزائي تي آهي: ناڻي وزير

هلندڙ مالي سال ۾ آءِ ٽي روانگي واپار 5.5 ارب ڊالر ۽ پرڏيهه مان موڪليل ناڻو 44 ارب ڊالر تائين پهچڻ جي اميد آهي، ملڪ جا مٽاسٽا جا ذخيرا 3 مهينن جي روانگي واپار لاءِ ڪافي آهن

پاڪستان کي بوم- لينڊ بسٽ معاشي چڪر مان نڪري اهڙي ترقي جي راهه اختيار ڪرڻي پوندي جنهن سان روزگار جا موقعا پيدا ٿين ۽ معاشي ترقي جا ثمر عوام تائين پهچن

مسلسل ڪوششن جي نتيجي ۾ پاڪستان جي ڪريڊٽ ريٽنگ ۾ گذريل سال اپريل کان هن فوت تائين 3 ڀيرا بهتري آئي آهي، عالمي مالياتي مارڪيٽن تائين پهچ لاءِ ٻه قدم کنيا پيا وڃن

حڪومت ٽيڪس نظام ۾ بهتري، ٽيڪس نيٽ ۾ واڌ ۽ روانگي واپار کي هٿي ڏيڻ، روانگي واپار وڌائڻ لاءِ سپر ٽيڪس جي خاتمي ۽ ٽيڪس سليب ۾ گهٽتائي سميت مختلف قدم کنيا ويا آهن

پاڪستان کي اهڙي معاشي ترقي جي ضرورت آهي جيڪا سيڙپڪاري ۽ پيداوار ۾ اضافي سان گڏ روزگار جا نوان موقعا به پيدا ڪري، رڳو 7 کان 8 سيڪڙو معاشي ترقي ڪافي ناهي

لاهور (اي پي پي/مانيٽرنگ ڊيسڪ) ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب خدشو ظاهر ڪيو آهي ته عالمي تڪرارن جا اثر عام واهپي وارين شين جي اگهن تي پئجي سگهن ٿا، جڏهن ته عالمي معيشت غير يقيني صورتحال کي منهن ڏئي رهي آهي، پاڪستان ۾ معاشي استحڪام لاءِ سخت سڌارن تي عملدرآمد جاري آهي ۽ حڪومت جي توجهه روانگي واپار تي ٻڌل
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

برلن: صدر آصف علي زرداري سيمن ڪمپني جي وفد سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪي پي ۾ 18 ارب 46 ڪروڙ رپين جي مالي بي ضابطگين جو انڪشاف

پي ٽي آءِ جي حڪومتي دور بابت آڊٽ رپورٽ ۾ سنگين اعتراض، سرڪاري خزاني کي نقصان پهچڻ جي نشاندهي

مالي بي ضابطگيون خيبرپختونخوا اڪنامڪ زونز ڊولپمينٽ اينڊ مئنيجمينٽ ڪمپني ۾ سامهون آيون آهن: رپورٽ

ڪمپني صنعتي مالڪن کي ليز تي ڏنل زمين جي مد ۾ 2 ارب 8 ڪروڙ 49 لک رپيا وصول ڪرڻ ۾ ناڪام رهي

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبرپختونخوا ۾ پي ٽي آءِ جي حڪومتي دور سان لاڳاپيل هڪ وڏو مالي اسڪينڊل سامهون اچڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي جنهن ۾ مالي سال 2024-2025ع دوران 18 ارب 46 ڪروڙ
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سيدال خان ناصر پاران بلوچستان ڪوٽا تحت فوري ڀرتي واري فيصلي جي آجيان

بلوچستان ۾ نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا ۽ نمائندگي ۾ بهتري ايندي: سيدال خان

مخصوص ڪوٽا جي بنياد تي وفاقي حڪومت ۾ نوڪريون حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ويندي

بلوچستان فيڊرل گورنمينٽ ٽيمپليمينٽيشن سيڪشن جو قيام اهم اڳڀرائي آهي: وفاقي چيئرمين سينيٽ

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جي وفاقي چيئرمين سيدال خان ناصر بلوچستان جي ڪوٽا تحت وفاقي حڪومت جي گريڊ هڪ
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف سان پنجاب اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر ۽ اير اين اي ملڪ منير اقبال جي ملاقات

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان پنجاب اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر ملڪ ظهير اقبال چنڙ ۽ قومي
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ڪي پي ۾ قومي ۽ صوبائي تڪن جي حدن ۾ ردوبدل جي ڪا به صداقت ناهي: اليڪشن ڪميشن

سمورن تڪن جون حدون هاڻي به اهي ئي برقرار آهن جيڪي عام چونڊ 2024ع جي وقت هيون: ترجمان اي سي پي

ڪي پي ڪي جي صوبائي حڪومت صوبي جي مختلف ضلعن ۾ انتظامي يونٽس ۾ تبديليون ڪيون هيون

اسلام آباد (اي پي پي) اليڪشن ڪميشن وضاحت ڪئي آهي ته خيبرپختونخوا ۾ ٻنا ٻڌڻ جي قومي ۽ صوبائي تڪن جي حدن ۾ ردوبدل جي خبر ۾ ڪا به صداقت ناهي ڪنهن تڪ جي حدن ۾ ڪا به تبديلي
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

تڪرارن جو پرامن حل ۽ انساني وقار جو تحفظ گڏيل ذميواري آهي: اويس قادر شاهه

دنيا ۾ امن، انصاف ۽ انساني حقن جي واڌاري لاءِ عالمي سطح تي سهڪار ضروري آهي

ڪشمير ۽ فلسطين جي عوام جي جائز حقن جو تحفظ پائيدار امن لاءِ ضروري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وقتي گورنر سنڌ سيد اويس قادر شاهه گڏيل قومن جي ڏهاڙي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

آمريڪا جي صدر پاران ڪئناڊا جي اڪثر مصنوعات تي 50 سيڪڙو ٽيرف ختم ڪرڻ جو اعلان

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا جي صدر
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ايران تي وڏي حملي جون تياريون، آمريڪي جنگي جهاز تي بنڪر بسٽر بم رکڻ جو انڪشاف

آمريڪي جهاز بردار جنگي جهاز يو ايس ايس جارج واشنگٽن تي وڏي مقدار ۾ جديد هٿيار رکيا ويا آهن: رپورٽ

فوج ايران خلاف ممڪن نئين ڪارروائيءَ کي نظر ۾ رکندي پنهنجي فوجي پوزيشن مضبوط ڪري رهي آهي: آمريڪي عملدار

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪا پاران ايران خلاف وڏي پيماني تي ممڪن فوجي ڪارروائيءَ لاءِ تياريون تيز ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي آمريڪي اخبار وال اسٽريٽ جرنل جي هڪ رپورٽ موجب،
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

گلگت بلتستان صوبي جي سمورن شعبن ۾ سڌارا آڻي عوام کي روزگار فراهم ڪيو آهي: امجد حسين

اسان وٽ قدرتي وسيلن ۽ ترقيءَ جا بي پناهه موقعا موجود آهن، مائنز اينڊ منرلز جو شعبو صوبائي اختيارن ۾ هجڻ گهرجي

پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت اچڻ ڪانپوءِ ترقياتي ڪمن جي رفتار ۾ تيز ڪئي وئي آهي

صوبي ۾ صنعتي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ لاءِ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ يونٽ قائم ڪيو ويو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گلگت بلتستان جي وڏي وزير امجد حسين ايڊووڪيٽ چيو آهي ته گلگت بلتستان جي سمورن شعبن ۾ سڌارا آڻي رهيا آهيون. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت اچڻ ڪانپوءِ ماڻهن کي
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: گلگت جو وزيراعليٰ ايڊووڪيٽ امجد حسين شهيد راڻي جي مزار تي گل رکي رهيو آهي

چين جي جهاز سازي واري صنعت عالمي سطح تي لڳاتار پهرين نمبر تي اچي وئي

بيجنگ (اي پي پي) چين جي جهاز سازي واري صنعت جنوري کان سيپٽمبر 2026ع دوران عالمي سطح تي لڳاتار پهرين نمبر
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو پوليو جي خاتمي وارو مشن اڄ به پاڪستان کي پوليو کان پاڪ بنائڻ واري جدوجهد ۾ مشعل راهه آهي: شازيه مري

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽيءَ جو سينيئر اڳواڻ عبدالحميد جويو سنڌ اسيمبليءَ پهتو، آجيان

اسپيڪر اويس قادر شاهه سائين ملاقات ڪري اجرڪ ۽ پارٽيءَ جي نشان وارو مفلر پارايو

پ پ ماڻهن کي روزگار سان گڏ عوامي سهولتن ڏيڻ ۽ ترقياتي منصوبن جو جار رچايو آهي: ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي سينيئر اڳواڻ عبدالحميد جويو سنڌ اسيمبليءَ پهچي اسيمبليءَ جي
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

هري پور ويجهو ڪار ۽ ٽرڪ ۾ ٽڪر، 4 ڄڻا فوت ۽ 2 زخمي

هري پور (اي پي پي) هري پور جي علائقي سرائي صالح ويجهو تيز رفتار آئل ٽينڪر
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

پوليو خلاف جنگ ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي، غفلت يا سمجهوتو برداشت نه ڪيو ويندو: وڏو وزير

پاڪستان ۽ افغانستان دنيا جا آخري ٻه ملڪ آهن جتي جهنگلي پوليو وائرس اڃا تائين موجود آهي

سنڌ جي هر ٻار کي پوليو کان محفوظ رکڻ حڪومت جي پهرين ترجيح ۽ قومي ذميواري آهي

والدين پنهنجي پنجن سالن کان گهٽ عمر جي هر ٻار کي هر مهم ۾ ڦڙا پيارين ۽ پوليو ورڪرز سان تعاون ڪن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه عالمي پوليو ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي هڪ عزم سان ڀريل پيغام ۾ واضح ڪيو آهي ته پوليو خلاف جنگ ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي غفلت يا سمجهوتو برداشت نه
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ميهڙ: جي يو آءِ اڳواڻ راشد محمود سومرو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سون جي ڦي تولو قيمت ۾ 2500 رپين جي گهٽتائي

اسلام آباد (اي پي پي) آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن طرفان جاري ڪيل اگهن مطابق ڇنڇر ڏينهن مقامي
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

سڄي سنڌ جي ٿاڻن کي ماڊل بنائڻ صوبائي حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي: گهرو وزير

نوابشاهه ۾ ماڊل پوليس اسٽيشن جو قيام پوليسنگ نظام ۾ بهتريءَ طرف اهم سنگ ميل آهي: ضياءَ الحسن لنجار

شهر جي قديم ۽ سڀ کان مصروف "اي سيڪشن ٿاڻي" کي جديد تقاضائن موجب ماڊل ٿاڻي جو درجو ڏنو ويو آهي

منهنجي دلي خواهش آهي ته ماڊل پوليس اسٽيشنز جي ان اداري کي سنڌ جي ٻين ضلعن تائين پڻ وسعت ڏني وڃي

نوابشاهه (رپورٽ مشرف پٺاڻ) صوبائي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار پاران ماڊل ٿاڻي اي سيڪشن جو باقاعده افتتاح خبر موجب صوبائي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار جي نوابشاهه آمد تي آءِ جي سنڌ
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

نوابشاهه: صوبائي گهرو وزير ضيا الحسين لنجار ۽ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ماڊل ٿاڻي اي سيڪشن جو افتتاح ڪري رهيا آهن

سنڌ لاءِ جدوجهد جي ميدان تي جيڪو به هلندو اسين انهن کي ياڪرن ۾ پرڻ لاءِ تيار آهيون: اياز لطيف

پرامن جدوجهد نه ڪندڙ رڳو گروپنديون، ٽڪراءُ ۾ هڪ ٻئي جي ڳچين ۾ هٿ وجهڻ ويٺا هوندا سڀ ڪجهه هليو ويندو

اسان سڌ ٿو ڏيان سنڌ جي سمورين قومپرست دوست پارٽين کي، اسان ميزباني ڪرڻ لاءِ تيار آهيان

سنڌ جي تحفظ لاءِ گڏجڻ ۾ اسان فرق ڪون رکندس ته هي پارٽيون اچن ۽ هو نه اچن منهنجون ٻئي اکيون ڏاڍيون

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ پاران (سپاڻ) اڄ مادر سنڌ جيجي زرينه بلوچ جي ايڪويهين ورسي سڄي سنڌ ۾ ملهائي ويندي قومي عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 7 ڄڻا فوت، 4 زخمي

مائي ڪولاچي روڊ تي حادثي ۾ موٽرسائيڪل تي سوار مرد ۽ 16 سالن جي آمنه ڌيءَ عمران فوت ٿي ويا

اسٽيل ٽائون ۽ ايئرپورٽ ويجهو حادثن ۾ ٻه نوجوان فوت ٿيا، گلستان جوهر ۽ ڪارادر ۾ ٻه لاش مليا

نيو ڪراچي ۾ پيرسن گاڏي جي ٽڪر سان فوت مختلف علائقن ۾ فائرنگ ۽ جي واقعن ۾ چار ڄڻا زخمي ٿي پيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 7 ڄڻا مارجي ويا، جڏهن ته 4 ڄڻا پڻ زخمي ٿي پيا. ڪالهه مائي ڪولاچي روڊ تي موٽرسائيڪل تي سوار مرد
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ناميارو اديب سراج الحق ميمڻ جي سالگرهه جي تقريب جو ڏيک

ڪراچي ۾ 33 انچ پاڻي جي لائين جي مرمت مڪمل ڪري فراهمي بحال ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن اردو ڪاليج ويجهو متاثر ٿيل 33 انچ قطر جي پاڻي جي لائين
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

محسن نقوي جي لاهور قلندرز جي پليئرز ڊولپمينٽ پروگرام جي تقريب ۾ شرڪت

لاهور قلندرز نوجوان رانديگرن جي ترقي لاءِ سٺو ڪم ڪري پئي; چيئرمين پي سي بي

پي ايس ايل جي ميڊنگ ۾ سمورن فرنچائز مالڪن کي درخواست ڪئي هئي: محسن نقوي

ڪرڪيٽ اهڙي راند آهي جنهن ۾ مسلسل محنت ۽ سکڻ جو عمل جاري رکڻ ضروري

لاهور (اي پي پي) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي چيئرمين محسن نقوي ڇنڇر ڏينهن لاهور قلندرز جي پليئرز ڊولپمينٽ پروگرام
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

عوامي خدمت ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: رياض شاهه شيرازي

صوبائي وزير شيرازي هائوس ٺٽي ۾ عوام سان ملاقاتون ڪري سندن مسئلا معلوم ڪيا

لاڳاپيل آفيسرن کي شڪايتن جو سنجيدگيءَ سان جائزو وٺڻ ۽ اثرائتا قدم کڻڻ جي هدايت

ڪراچي/ ٺٽو (بيورو رپورٽ) سنڌ جي اوقاف، زڪوات ۽ عشر ۽ مذهبي معاملن واري صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي شيرازي هائوس ٺٽي ۾ عوام سان ملاقاتون ڪري سندن مسئلا ۽ شڪايتون
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومت جي ڪڻڪ جي مناسب اگهه تي فراهمي کي يقيني بنائڻ جي هدايت

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ ڪابينا جي ڪميٽي جو اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو

قومي ذخيرن، خريداري نظام ۽ مقامي کپت جي رجحانن سميت قيمتن جي صورتحال جو جائزو ورتو ويو

قيمتن ۾ استحڪام آڻڻ لاءِ ڪڻڪ جي رسد ۾ اضافي سميت سمورا ضروري قدم کنيا وڃن: اسحاق ڊار

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان قومي اسيمبلي جو اسپيڪر ملڪ منير اقبال چنڙ ۽ پنجاب اسيمبلي جو ڊپٽي اسپيڪر ملڪ ظهير چنڙ ملاقات ڪري رهيا آهن

پوليو کان بچاءُ ڪنهن به ٻار جي ائڊريس، غربت يا اڏيلاڊ جو محتاج نه هئڻ گهرجي: بلاول ڀٽو

ڪنهن ٻار جو حفاظتي ڦڙن کان رهجي وڃڻ اسان کي اهو ياد ڏياري ٿو ته اسان جو ڪم اڃان باقي آهي: پ پ چيئرمين

شهيد محترمه بينظير ڀٽو 1994ع ۾ آصفه ڀٽو کي پاڻ پوليو جا ڦڙا پياري ماءُ جي حيثيت سان اعتماد جو پيغام ڏنو هو

اسان جو عزم اهڙو پاڪستان آهي جتي هر ٻار کي بيماري کان تحفظ ملي ۽ پنهنجي صلاحيتن موجب پنهنجي زندگي گذارڻ جو موقعو ملي

اسلام آباد (اي پي پي) پ پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته هر ٻار کي پوليو کان تحفظ ڏيڻ اسان جي اجتماعي ذميواري هئڻ گهرجي، خواهه هو ڪنهن وڏي شهر جي ڪچي آبادي ۾ رهندڙ هجي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سيئول: آءِ ٽي واري وزير شزا فاطمه خواجا جو ڏکڻ ڪوريا جي مشهور پينگيوٽيڪنو ويلي جو دورو ڪرڻ دوران وفد سان ورتل گروپ فوٽو

پاڪستان ريلويز ۾ 31 ڊسمبر تائين هنگامي حالت لاڳو، فيلڊ آفيسرن جون موڪلون رد

ريلوي آفيسرن جي سرڪاري معاملن جي سلسلي ۾ ٻين شهرن جي دورن لاءِ ٽرين ذريعي سفر ڪرڻ لازم قرار

آفيسرن کي آچر تي به فيلڊ ۾ وڃي ٽرين آپريشن جي نگراني ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي: وفاقي وزير ريلوي

ريلوي آفيسر فيلڊ ۾ پنهنجي موجودگي يقيني بڻائن ۽ ٽرين آپريشن جي نگراني ۾ ڪنهن قسم جي غفلت نه ڪن

لاهور (اي پي پي) ريلوي جي وفاقي وزير محمد حنيف عباسي جي هدايت تي پاڪستان ريلويز ۾ ٽرين آپريشن کي محفوظ بڻائڻ ۽ حفاظتي انتظام وڌيڪ موثر بڻائڻ لاءِ 31 ڊسمبر تائين هنگامي
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم خشڪ رهڻ جو امڪان

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات کاتي اڳڪٿي ڪئي آهي ته ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر علائقن ۾ موسم
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

عمران خان کي آزاد ڪري ملڪي بقا لاءِ سنجيده ڳالهين جي شروعات ڪئي وڃي: حليم عادل

ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ معاشي بدحالي حڪومت جي خراب پاليسين جو نتيجو آهي

ملڪ ۾ مهانگائي سبب غربت 48 سيڪڙو ۽ بيروزگاري 7.3 سيڪڙو تائين وڌي چڪي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ ملڪ اندر وڌندڙ مهانگائي ۽ معاشي بدحالي تي هڪ اهم وڊيو بيان جاري ڪندي پي ڊي ايم ون ۽ پي ڊي ايم
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ مالديپ وچ ۾ 20 معاهدن ۽ مفاهمتي يادداشتن جي مثبت معاشي استحڪام طرف اهم اڳڀرائي آهي: بئريسٽر دانيال

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي پارلياماني سيڪريٽري
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ پوليو جي خاتمي جو ڏهاڙو ملهايو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان سميت
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

نوابشاهه: قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر غلام مصطفيٰ شاهه جو ڪيڊٽ ڪاليج جي دوري بعد ورتل گروپ فوٽو

سنڌ ريونيو بورڊ جي اسسٽنٽ ڪمشنر ظفر ڪلوڙ کي عدالتي ريمانڊ تي جيل حوالي

ڏاڍ تي تشدد ۽ وڏي ماليت جا زيور وڪرو ڪرڻ جي ڪيس ۾ گرفتار جوابدار کي عدالت آندو ويو

جوڊيشل مئجسٽريٽ ڏکڻ جي عدالت ڪيس عدالتي ريمانڊ تي جيل موڪلڻ جو حڪم ڏنو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڏاڍ تي تشدد ۽ وڏي ماليت جا زيور وڪرو ڪرڻ جي ڪيس ۾ سنڌ ريونيو بورڊ جي اسسٽنٽ ڪمشنر ظفر احمد ڪلوڙ کي عدالتي ريمانڊ تي جيل موڪليو ويو جوڊيشل مئجسٽريٽ ڏکڻ جي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليس ۽ ڌرين وچ ۾ مقابلو ٿيو، هڪ ڌاڙيل مارجي ويو

تيموريا ٿاڻي جي حد بفر زون ۾ ڦر دوران پوليس ۽ ڌرين ۾ مقابلو ٿيو

مارجي ويل جو لاش اسپتال منتقل ڪيو ويو ۽ سڃاڻپ نه ٿي سگهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي تيموريا ٿاڻي جي حد بفر زون هارون شاپنگ مال جي ويجهو پوليس جي مبينا مقابلي ۾ ڦورو مارجي ويو آهي. مارجي ويل ملزم جي لاش کي قانوني ڪارروائي جي لاءِ ايڌي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڌابيجي پمپنگ ڪمپليڪس ۾ بجلي نظام جي بحالي واري منصوبي لاءِ سروي مڪمل

بجلي نظام جي بحالي سان گڏ مشينري جي ٽيڪنيڪي حالت ۽ عملي ڪارڪردگي جو به جائزو ورتو ويو

منصوبو عالمي بئنڪ جي سهڪار سان واٽر سيوريج سروسز امپروومينٽ پلان تحت مڪمل ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي ڌابيجي پمپنگ ڪمپليڪس ۾ بجلي جي فراهمي واري نظام جي بحالي ۽ بهتري جي تجويز ڪيل منصوبي جي سلسلي ۾ ماحولياتي ۽
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ناميارو اديب، صحافي ۽ ٻولي ماهر سراج الحق ميمڻ جي سالگرهه ملهائي وئي

تقريب ۾ سندس علمي، ادبي، تحقيقي ۽ صحافتي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي

سنڌي ادب کي ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ بيورو آف ٽرانسليشن قائم ڪيو وڃي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ناميارو سنڌي اديب، صحافي ۽ ٻولين جي ماهر سراج الحق ميمڻ جي سالگرهه ڪراچي ۾ ملهائي وئي جنهن ۾ سندس علمي ادبي تحقيقي ۽ صحافتي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ٻلهڙي شاهه ڪريم ويجهو هٿياربند ڌاڙيلن واپاري کان لکين رپيا روڪ ۽ سامان ڦري ويا

جهنگ ڪاٺيار واري علائقي ۾ موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن واپارين يرغمال بڻايو

هٿياربند سٽ لک روڪ، موبائيل فون ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦري ويا آهن، انصاف ڪيو وڃي

ٻلهڙي شاهه ڪريم (ع ر) ٻلهڙي شاهه ڪريم ٿاڻي جي حد ڳوٺ جهنگ ڪاٺيار وٽ رن ڪر ڦاٽيو موٽرسائيڪل تي سوار نامعلوم هٿياربندن سوڙ ڪي سوار جنهن جو سومرو جي واپارين کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي 7 لک رپيا روڪ رقم ۽ ڪچ اسڪرين موبائيل فون ۽ ٻيو قيمتي سامان ڦري ڪري
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سنڌ ڪنهن جي جاگير ناهي، جو اقتدار جا بکيا رکرو ڪري رهيا آهن: لال جروار

ست ڪروڙ سنڌي ڌوڌا، روپلا ۽ هوشو بڻجي پنهنجي وطن جي حفاظت ڪندا

بدين (ڊ ر) سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ جي سازش، سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ تي ڌاڙا، ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي ۾ سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون ڪمپنين حوالي ڪرڻ، سنڌ جي زراعت، ماحوليات ۽ ساموندي پٽيءَ کي درپيش خطرن سميت بدين ضلعي جي عوام جا بنيادي مسئلا اجاگر ڪرڻ لاءِ
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

شڪارپور جي سماجي اڳواڻ شعيب سنجراڻي مبينا خودڪشي ڪري ڇڏي

شڪارپور (ڊ ر) نيو فوجداري ٿاڻي جي حد خان چند آباد محلي جو رهواسي نوجوان سماجي اڳواڻ شعيب سنجراڻي جنهن پنهنجي زندگي جو ڏيئو اجهائڻ کان اڳ پنهنجي واٽس اپ اڪائونٽ تي ڪجهه لفظ شيئر ڪيو، پنهنجي گهر ۾ مبينا طور نوجوان پاڻ کي گولي هڻي پنهنجي زندگي جو انت
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچ پاران مبينا فراڊ معاملي تي نيب جي رپورٽ تي بي اطمينانيءَ ظاهر

عدالت ۾ هڪ هزار کان وڌيڪ شهرين سان 15 ارب رپين کان وڌيڪ جي فراڊ واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

ٻڌڻي دوران نيب اختيارين رپورٽ پيش ڪئي، فراڊ جو معاملو نيب جي دائري اختيار ۾ نٿو اچي: ايڊيشنل ڊائريڪٽر

عدالت رپورٽ تي بي اطمينانيءَ ظاهر ڪندي ڊي جي نيب ڪراچي کي ايندڙ ٻڌڻي تي ذاتي طور طلب ڪري ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچ هڪ هزار کان وڌيڪ شهرين سان سيڙپڪاري جي نالي تي 15 ارب رپين کان وڌيڪ جي مبينا فراڊ واري معاملي تي نيب اختيارين جي رپورٽ تي بي اطمينانيءَ جو اظهار ڪندي ڊي جي نيب ڪراچي کي ايندڙ ٻڌڻي تي طلب ڪري ورتو آهي
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

فنڪشنل ليگ کي فعال بڻائڻ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان رابطا تيز ڪيا وڃن: صدرالدين شاهه

سمورن ضلعن ۾ 22 نومبر تي پير سيد شاهه مردان شاهه جي سالگرهه شاندار نموني ملهائي ويندي

يونين سطح تائين تنظيم سازي مڪمل ڪرڻ ۽ عوامي رابطا مهم کي اثرائتو بڻائڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي صدر سيد صدرالدين شاهه راشدي سنڌ جي سمورن
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

آئين جي بالادستي ۽ سڀني لاءِ هڪجهڙو انصاف جمهوريت جا بنيادي اصول آهن: فاروق ايڇ نائڪ

پاڪستان کي اهڙن قانوني ماهرن جي ضرورت آهي، جيڪي شخصيتن بدران آئين ۽ انصاف جي اصولن جو دفاع ڪن

مرحوم پير الاهي بخش تعليم جي واڌاري، اعليٰ تعليمي ادارن جي قيام ۽ عوامي ڀلائي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو

سنڌ يونيورسٽي جي قيام لاءِ سندس ڪوششون تعليمي تاريخ ۾ اهم حيثيت رکن ٿيون: دادو ۾ تقريب کي خطاب

دادو (ڊ ر) سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪميٽي براءِ قانون ۽ انصاف جي چيئرمين سينيٽر فاروق ايڇ نائڪ چيو آهي ته آئين جي بالادستي، قانون جي حڪمراني ۽ سمورن شهرين لاءِ هڪجهڙو انصاف پاڪستان جي
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ منڪي پاڪس ۾ مبتلا وڌيڪ هڪ ڏيڍ ورهين جو ٻارڙو فوت، انگ 12 ٿي ويو

سنڌ ۾ هلندڙ سال بيماري جا مجموعي طور 98 ڪيس رپورٽ ٿي چڪا آهن، فوتي ٻار جو تعلق ملير سان هو.

ٻار کي ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ خانگي اسپتال مان متعدي بيمارين جي اسپتال ٿيپا منتقل ڪيو ويو هو

اسپتال انتظاميا پاران فوت ٿيل ٻار جي موت منڪي پاڪس سبب ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ منڪي پاڪس جي مرض ۾ مبتلا ڏيڍ ورهين جو
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ روڊن ۽ فوٽ پاٿن تي حدخلين خلاف وارننگ جاري، سخت ڪارروائين جو حڪم

ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب جي صدارت هيٺ هنگامي اجلاس ۾ ڪاتي جي ڪارڪردگي تي سخت ڪاوڙ جو اظهار

اينٽي انڪروچمينٽ کاتي کي 15 ڏينهن جي سخت مهلت ڏيندي حدخلين جي خاتمو يقيني بڻائڻ جي هدايت

مقرر مدي اندر نتيجا نه اچڻ تي لاڳاپيل آفيسرن ۽ عملي خلاف برطرفي ۽ تاديبي ڪارروائي ڪئي ويندي: چتاءُ

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (ڪي ايم سي) جي حدخلين جي خاتمي واري کاتي کي 15 ڏينهن جي سخت مهلت ڏيندي هدايت ڪئي آهي ته
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آرٽس ڪائونسل جي تقريب کي محمد احمد شاهه خطاب ڪري رهيو آهي

سال (18) آچر 25 آڪٽوبر 2026ع 13 جمادي الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (34)
Daily Ibrat Karachi

پائيدار معاشي ترقي ٽيڪس نظام جي بهتري، توانائي جي لاڳت ۾ گهٽتائي ۽ نجي سعبي جي حوصلا افزائي تي آهي هن چيو ته جاري مالي سال ۾ آءِ ٽي روانگي واپار 5.5 ارب ڊالر ۽ پرڏيهه مان موڪليل ناڻو 44 ارب ڊالر تائين پهچڻ جي اميد آهي جڏهن ته ملڪ جا مٽاسٽا جا ذخيرا 3 مهينن جي روانگي واپار لاءِ ڪافي آهن چنچر ڏينهن هتي هڪ نجي يونيورسٽي جي تقريب کي خطاب ڪندي ڳالهائيندي وزير چيو ته پاڪستان کي بوم اينڊ بسٽ معاشي چڪر مان نڪري اهڙي ترقي جي راهه اختيار ڪرڻي پوندي جنهن سان روزگار جا موقعا پيدا ٿين ۽ معاشي ترقي جا ثمر عوام تائين پهچن هن چيو ته آمدني واپار تي ضرورت کان وڌيڪ ڀاڙڻ سبب ماضي ۾ پاڪستان کي ادائگين جي توازن جي بحران کي منهن ڏيڻو پيو جنهن کان پوءِ معيشت کي ٻيهر مستحڪم ڪرڻ ۾ چار کان پنج سال لڳي ويندا هئا ان صورتحال کان بچڻ لاءِ روانگي واپار ۾ اضافي پيداواري صلاحيت بهتر بنائڻ ۽ معاشي بنيادن کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي هن چيو ته مسلسل ڪوششن جي نتيجي ۾ پاڪستان جي ڪريڊٽ ريٽنگ ۾ گذريل سال اپريل کان هن قوت تائين 3 ڀيرا بهتري آئي آهي عالمي مالياتي مارڪيٽن تائين پهچ لاءِ به قدم کنيا پيا وڃن هن چيو ته پاڪستاني يورو بانڊز لاءِ سيڙپڪارن پاران مليل آرڊرز جاري ڪيل ڳاڻيٽي کان ٻيڻا هئا، جڏهن ته ايشيا، وچ اوڀر، يورپ ۽ آمريڪا جي سيڙپڪارن به دلچسپي ظاهر ڪئي ناڻي واري وزير چيو ته پاڪستان جي مٽاسٽا جي ناڻي جا ذخيرا ملڪي تاريخ جي بلند ترين سطح تي آهن ۽ 3 مهينن کان وڌيڪ آمدني واپار لاءِ ڪافي آهن جڏهن ته ماضي ۾ اهي ذخيرا صرف ٻن هفتن جي آمدني واپار جي برابر هئا هن چيو ته حڪومت ٽيڪس نظام ۾ بهتري، ٽيڪس نيٽ ۾ واڌ ۽ روانگي واپار کي هٿي وٺائڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي روانگي واپار وڌائڻ لاءِ سپر ٽيڪس جي خاتمي ۽ ٽيڪس سليب ۾ گهٽتائي سميت مختلف قدم کنيا ويا آهن جڏهن ته روانگي واپار ڪندڙن کي سادا چار سيڪڙو وياج واري شرح تي قرضن جي فراهمي جي سهولت به بجيٽ ۾ شامل ڪئي وئي آهي هن چيو ته علائقائي مارڪيٽن ۾ مقابلي جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ ٽيرف ۽ توانائي جي لاڳت ۾ گهٽتائي ضروري آهي جڏهن ته صنعتن کي اضافي بجلي اٽڪل 23 روپيا في يونٽ جي اڳهه تي فراهم ڪرڻ جي حوالي سان به ڳالهيون ڪيون ويون آهن محمد اورنگزيب چيو ته پاڪستان کي اهڙي معاشي ترقي جي ضرورت آهي جيڪا سيڙپڪاري ۽ پيداوار ۾ اضافي سان گڏ روزگار جا نوان موقعا به پيدا ڪري، رڳو 7 کان 8 سيڪڙو معاشي ترقي ڪافي ناهي پر ان جا ثمر عوام تائين پهچڻ ۽ ان جي زندگي جي معيار ۾ بهتري اچڻ به ضروري آهي ناڻي واري وزير چيو ته پاڪستان جي آءِ ٽي خدمتن جو روانگي واپار هڪ ارب ڊالر کان وڌي 4.6 ارب ڊالر تائين پهچي ويو آهي جڏهن ته جاري مالي سال ان جي 5.5 ارب ڊالر تائين پهچڻ جي توقع آهي هن چيو ته پاڪستان جا نوجوان خاص ڪري فري لانسرز گهرڻ کان ڪم ڪندي عالمي مارڪيٽن جي آءِ ٽي خدمتن فراهم ڪري رهيا آهن ۽ آءِ ٽي روانگي واپار ۾ فري لانسرز جو حصو اٽڪل 1.6 ارب ڊالر آهي هن موجب ڊجيٽل معيشت ۾ ترقي سان مٽاسٽا جو ناڻو حاصل ڪرڻ، روزگار جي فراهمي ۽ عالمي مارڪيٽن ۾ پاڪستان جي مقابلي جي صلاحيت وڌائڻ جا وسيع موقعا موجود آهن هن چيو ته جاري مالي سال پرڏيهه مان موڪليل ناڻو 44 ارب ڊالر تائين پهچڻ جي توقع آهي علائقائي جنگ سبب پرڏيهه مان موڪليل ناڻي ۾ گهٽتائي جو خدشو هو جڏهن ته ان باوجود ان ۾ اضافو ٿيو هن چيو ته پرڏيهه ۾ ترسيل پاڪستانين پاران موڪليل رقم ملڪي معيشت ۽ مٽاسٽا جي ناڻي جي دستيابي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندي آهي توانائي جي صورتحال جي حوالي سان هن چيو ته علائقائي تڪرارن باوجود پاڪستان ۾ توانائي جي کوٽ پيدا ٿيڻ نه ڏني وئي ۽ پيٽرول پمپس تي ٻارڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ڊگهيون قطارون نه لڳيون هن ٻڌايو ته موٽر سائيڪلن ٽن ڦيٿن وارين گاڏين ۽ 800 سي سي کان گهٽ انجڻ رکندڙ گاڏين لاءِ هدفي سبسڊي فراهم ڪئي وئي جنهن سان هاڻي تائين هڪ ڪروڙ 20 لک ماڻهو فائدو کڻي چڪا آهن جڏهن ته مجموعي طور تي اٽڪل چار کان پنج ڪروڙ ماڻهوان رليف مان فائدو کڻي چڪا آهن هن چيو ته هدفي امداد ذريعي محدود سرڪاري وسيلا وڌيڪ مستحق ماڻهن تائين پهچائي سگهجن ٿا ناڻي واري وزير موسمياتي تبديلي ۽ آبادي ۾ تيز رفتار اضافي کي پاڪستان جون وڏيون چئلينجز قرار ڏيندي چيو ته ملڪ ۾ آبادي وڌڻ جي سالياني شرح اٽڪل 2.55 سيڪڙو آهي ۽ موجوده رفتار برقرار رهڻ جي صورت ۾ آبادي 39 ڪروڙ تائين پهچي سگهي ٿي هن چيو ته وڌندڙ آبادي تعليم صحت، روزگار ۽ ٻين بنيادي سهولتن تي دٻاءُ وجهي سگهي ٿي، ان لاءِ ڊگهي مدي واري منصوبابندي ۽ ساختي قدم ضروري آهن هن چيو ته بنگلاديش انڊونيشيا ۽ ايران هڪ ڏهاڪي دوران آبادي ۾ اضافي جي شرح هڪ سيڪڙو کان گهٽ ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي پاڪستان ۾ به عورتن جي تعليم افرادي قوت ۾ ان جي شرڪت ۽ عوامي آگاهي کي هٿي وٺائڻ لاءِ قدم کڻڻا پوندا هن چيو ته پاڪستان ۾ عورتن جي افرادي قوت ۾ شرڪت جي شرح اٽڪل 22.7 سيڪڙو آهي جنهن ۾ اضافي سان ملڪي پيداواري صلاحيت ۽ معاشي ترقي کي هٿي ملي سگهي ٿي هن چيو ته عالمي معيشت غير يقيني واري صورتحال کي منهن ڏئي رهي آهي ۽ علائقائي تڪرارن جا اثر ضروري شين جي قيمتن ۽ توانائي جي فراهمي تي پئجي سگهن ٿا انهن حالتن ۾ پاڪستان لاءِ ضروري آهي ته معاشي سڌارن جو تسلسل برقرار رکيو وڃي، روانگي واپار کي سگهه ڏني وڃي نجي سيڙپڪاري جي حوصلا افزائي ڪئي وڃي ۽ مالياتي نظم و ضبط بهتر بڻايو وڃي ته جيئن معيشت کي پائيدار بنيادن تي گامزن ڪري روزگار دوست ترقي جي راهه هموار ڪري سگهجي.

ريين جي مالي بي ضابطگين ۽ مبينا گهوٽالن جو ذڪر ڪيو ويو آهي رپورٽ موجب، مالي بي ضابطگيون خيبرپختونخوا اڪنامڪ زونز ڊوليپمينٽ اينڊ مئنيجمينٽ ڪمپني ۾ سامهون آيون آهن آڊٽ رپورٽ ۾ ڪمپني جي ڪارڪردگي انتظامي ڍانچي ۽ مالي معاملن بابت سنگين اعتراض اٿاريا ويا آهن آڊٽ اعتراضن موجب، ناقص رٿابندي ۽ ڪمزور انتظامي نظام سبب سرڪاري خزاني کي وڏي مالي نقصان جو خطرو پيدا ٿيو رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته عدالتن جي حڪمن باوجود ڪمپني صنعتي مالڪن کي ليز تي ڏنل زمين جي مد ۾ 2 ارب 8 ڪروڙ 49 لک رپيا وصول ڪرڻ ۾ ناڪام رهي رپورٽ ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته 2024ع ۾ ليز جي مدي ۾ واڌ لاءِ متعارف ڪرايل نئين پاليسي تحت واپاري زمينن جي معاهدن جي تجديد نه ٿيڻ سبب سرڪاري خزاني کي 62 ڪروڙ 98 لک رپين جو نقصان ٿيو اهڙيءَ طرح بونير مهمند ۽ جلوزئي ۾ سرڪاري زمينون قبضي مان ڇڏائي نه سگهڻ سبب هڪ ارب 7 ڪروڙ 74 لک رپين جي نقصان جي نشاندهي ڪئي وئي آهي آڊٽ رپورٽ موجب، واپاري مقصدن لاءِ مخصوص زمين غيرقانوني طور صنعتي مقصدن لاءِ الاٽ ڪرڻ سبب پڻ سرڪاري خزاني کي 17 ڪروڙ 41 لک رپين جو نقصان پهتو رپورٽ ۾ هريپور ۾ الحديد انجنيئرنگ ڪمپني کي 10 ايڪڙن تي ٻڌل پلاٽ نمبر 185، 186، 187 ۽ 190 الاٽ ڪرڻ جو به ذڪر آهي آڊٽ اعتراضن موجب، انهن پلاٽن جي مد ۾ رقم وصول نه ڪرڻ سبب سرڪاري خزاني کي 49 ڪروڙ 78 لک رپين جو نقصان ٿيو رپورٽ ۾ ڪمپني تي اسڪائي ڏميوارين جو ڪاٿو 14 ارب رپيا لڳايو ويو آهي جنهن کي ڪمپني جي ڪاروباري سرگرمين ۽ مالي استحڪام لاءِ هڪ وڏو خطرو قرار ڏنو ويو آهي آڊٽ رپورٽ ۾ مجموعي طور تي زمينن جي الاٽمينٽ، ليز جي تجديد، واجبات جي وصولي ۽ انتظامي معاملن بابت سوال اٿاريا ويا آهن رپورٽ موجب، انهن معاملن سبب سرڪاري وسيلن جي استعمال ۽ مالي انتظام ۾ شفافيت بابت خدشا پيدا ٿيا آهن مالي بي ضابطگين ۽ نقصان بابت ڄاڻ آڊٽ رپورٽ سان منسوب آهي مبينا گهوٽالن جي ذميواري جو حتمي تعين لاڳاپيل جاچ ۽ قانوني ڪارروائي ڪانپوءِ ئي ٿي سگهي ٿو.

ڪان 16 تائين جي خالي آسامين تي فوري ڀرتي شروع ڪرڻ واري فيصلي جي آجيان ڪندي چيو آهي ته ان قدم سان صوبي جي نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا ۽ نمائندگي ۾ بهتري ايندي هن چيو ته وزيراعظم آفيس

پائيدار معاشي ترقي ٽيڪس نظام جي بهتري، توانائي جي لاڳت ۾ گهٽتائي ۽ نجي سعبي جي حوصلا افزائي تي آهي هن چيو ته جاري مالي سال ۾ آءِ ٽي روانگي واپار 5.5 ارب ڊالر ۽ پرڏيهه مان موڪليل ناڻو 44 ارب ڊالر تائين پهچڻ جي اميد آهي جڏهن ته ملڪ جا مٽاسٽا جا ذخيرا 3 مهينن جي روانگي واپار لاءِ ڪافي آهن ڇنڇر ڏينهن هتي هڪ نجي يونيورسٽي جي تقريب کي خطاب ڪندي ٽاڻي واري وزير چيو ته پاڪستان کي بوم اينڊ بسٽ معاشي چڪر مان نڪري اهڙي ترقي جي راهه اختيار ڪرڻي پوندي جنهن سان روزگار جا موقعا پيدا ٿين ۽ معاشي ترقي جا ثمر عوام تائين پهچن هن چيو ته آمدني واپار تي ضرورت کان وڌيڪ ڀاڙڻ سبب ماضي ۾ پاڪستان کي ادائگين جي توازن جي بحران کي منهن ڏيڻو پيو جنهن کان پوءِ معيشت کي ٻيهر مستحڪم ڪرڻ ۾ چار کان پنج سال لڳي ويندا هئا. ان صورتحال کان بچڻ لاءِ روانگي واپار ۾ اضافي پيداواري صلاحيت بهتر بنائڻ ۽ معاشي بنيادن کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي هن چيو ته مسلسل ڪوششن جي نتيجي ۾ پاڪستان جي ڪريڊٽ ريٽنگ ۾ گذريل سال اپريل کان هن قوت تائين 3 ڀيرا بهتري آئي آهي عالمي مالياتي مارڪيٽن تائين پهچ لاءِ به قدم کنيا پيا وڃن هن چيو ته پاڪستاني يورو بانڊز لاءِ سيڙپڪارن پاران ملبل آرڊرز جاري ڪيل گهٽيتي کان ٻيڻا هئا، جڏهن ته ايشيا، وچ اوڀر يورپ ۽ آمريڪا جي سيڙپڪارن به دلچسپي ظاهر ڪئي ناڻي واري وزير چيو ته پاڪستان جي مٽاسٽا جي ناڻي جا ذخيرا ملڪي تاريخ جي بلند ترين سطح تي آهن ۽ 3 مهينن کان وڌيڪ آمدني واپار لاءِ ڪافي آهن جڏهن ته ماضي ۾ اهي ذخيرا صرف ٻن هفتن جي آمدني واپار جي برابر هئا. هن چيو ته حڪومت ٽيڪس نظام ۾ بهتري، ٽيڪس نيٽ ۾ واڌ ۽ روانگي واپار کي هٿي وٺائڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي روانگي واپار وڌائڻ لاءِ سپر ٽيڪس جي خاتمي ۽ ٽيڪس سليب ۾ گهٽتائي سميت مختلف قدم کنيا ويا آهن جڏهن ته روانگي واپار ڪندڙن کي سادا چار سيڪڙو وياج واري شرح تي قرضن جي فراهمي جي سهولت به بجيٽ ۾ شامل ڪئي وئي آهي هن چيو ته علائقائي مارڪيٽن ۾ مقابلي جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ ٽيرف ۽ توانائي جي لاڳت ۾ گهٽتائي ضروري آهي جڏهن ته صنعتن کي اضافي بجلي اٽڪل 23 روپيا في يونٽ جي اڳهه تي فراهم ڪرڻ جي حوالي سان به ڳالهيون ڪيون وڃن آهن محمد اورنگزيب چيو ته پاڪستان کي اهڙي معاشي ترقي جي ضرورت آهي جيڪا سيڙپڪاري ۽ پيداوار ۾ اضافي سان گڏ روزگار جا نوان موقعا به پيدا ڪري، رڳو 7 کان 8 سيڪڙو معاشي ترقي ڪافي ناهي پر ان جا ثمر عوام تائين پهچڻ ۽ ان جي زندگي جي معيار ۾ بهتري اچڻ به ضروري آهي ناڻي واري وزير چيو ته پاڪستان جي آءِ ٽي خدمتن جو روانگي واپار هڪ ارب ڊالر کان وڌي 4.6 ارب ڊالر تائين پهچي ويو آهي جڏهن ته جاري مالي سال ان جي 5.5 ارب ڊالر تائين پهچڻ جي توقع آهي هن چيو ته پاڪستان جا نوجوان خاص ڪري فري لانسرز گهرڻ کان ڪم ڪندي عالمي مارڪيٽن جي آءِ ٽي خدمتن فراهم ڪري رهيا آهن ۽ آءِ ٽي روانگي واپار ۾ فري لانسرز جو حصو اٽڪل 1.6 ارب ڊالر آهي، هن موجب ڊجيٽل معيشت ۾ ترقي سان مٽاسٽا جو ناڻو حاصل ڪرڻ، روزگار جي فراهمي ۽ عالمي مارڪيٽن ۾ پاڪستان جي مقابلي جي صلاحيت وڌائڻ جا وسيع موقعا موجود آهن هن چيو ته جاري مالي سال پرڏيهه مان موڪليل ناڻو 44 ارب ڊالر تائين پهچڻ جي توقع آهي علائقائي جنگ سبب پرڏيهه مان موڪليل ناڻي ۾ گهٽتائي جو خدشو هو جڏهن ته ان باوجود ان ۾ اضافو ٿيو. هن چيو ته پرڏيهه ۾ ترسيل پاڪستانين پاران موڪيل رقم ملڪي معيشت ۽ مٽاسٽا جي ناڻي جي دستيابي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندي آهي توانائي جي صورتحال جي حوالي سان هن چيو ته علائقائي تڪرارن باوجود پاڪستان ۾ توانائي جي کوٽ پيدا ٿيڻ نه ڏني وئي ۽ پيٽرول پمپس تي بارڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ڊگهيون قطارون نه لڳيون هن ٻڌايو ته موٽر سائيڪلن، ڪن ٽيڪن وارين گاڏين ۽ 800 سي سي کان گهٽ انجڻ رکندڙ گاڏين لاءِ هدفي سبسڊي فراهم ڪئي وئي، جنهن سان هاڻي تائين هڪ ڪروڙ 20 لک ماڻهو فائدو کڻي چڪا آهن جڏهن ته مجموعي طور تي اٽڪل چار کان پنج ڪروڙ ماڻهوان رليف مان فائدو کڻي چڪا آهن هن چيو ته هدفي امداد ذريعي محدود سرڪاري وسيلا وڌيڪ مستحق ماڻهن تائين پهچائي سگهجن ٿا. ناڻي واري وزير موسمياتي تبديلي ۽ آبادي ۾ تيز رفتار اضافي کي پاڪستان جون وڏيون چئلينجز قرار ڏيندي چيو ته ملڪ ۾ آبادي وڌڻ جي سالياني شرح اٽڪل 2.55 سيڪڙو آهي ۽ موجوده رفتار برقرار رهڻ جي صورت ۾ آبادي 39 ڪروڙ تائين پهچي سگهي ٿي هن چيو ته وڌندڙ آبادي تعليم صحت، روزگار ۽ ٻين بنيادي سهولتن تي دٻاءُ وجهي سگهي ٿي، ان لاءِ ڊگهي مدي واري منصوبابندي ۽ ساختي قدم ضروري آهن هن چيو ته بنگلاديش، انڊونيشيا ۽ ايران هڪ ڏهاڪي دوران آبادي ۾ اضافي جي شرح هڪ سيڪڙو کان گهٽ ڪرڻ ۾ ڪاميابي ڪئي آهي پاڪستان ۾ به عورتن جي تعليم افرادي قوت ۾ ان جي شرڪت ۽ عوامي آگاهي کي هٿي وٺائڻ لاءِ قدم کڻڻا پوندا. هن چيو ته پاڪستان ۾ عورتن جي افرادي قوت ۾ شرڪت جي شرح اٽڪل 22.7 سيڪڙو آهي، جنهن ۾ اضافي سان ملڪي پيداواري صلاحيت ۽ معاشي ترقي کي هٿي ملي سگهي ٿي هن چيو ته عالمي معيشت غير يقيني واري صورتحال کي منهن ڏئي رهي آهي ۽ علائقائي تڪرارن جا اثر ضروري شين جي قيمتن ۽ توانائي جي فراهمي تي پئجي سگهن ٿا. انهن حالتن ۾ پاڪستان لاءِ ضروري آهي ته معاشي سڌارن جو تسلسل برقرار رکيو وڃي، روانگي واپار کي سگهه ڏني وڃي، نجي سيڙپڪاري جي حوصلا افزائي ڪئي وڃي ۽ مالياتي نظم و ضبط بهتر بڻايو وڃي ته جيئن معيشت کي پائيدار بنيادن تي گامزن ڪري روزگار دوست ترقي جي راهه هموار ڪري سگهجي.

ريين جي مالي بي ضابطگين ۽ مبينا گهوٽين جو ذڪر ڪيو ويو آهي رپورٽ موجب، مالي بي ضابطگيون خيبرپختونخوا اڪنامڪ زونز ڊوليمينٽ اينڊ مئنيجمينٽ ڪمپني ۾ سامهون آيون آهن آڊٽ رپورٽ ۾ ڪمپني جي ڪارڪردگي انتظامي ڍانچي ۽ مالي معاملن بابت سنگين اعتراض اٿاريا ويا آهن آڊٽ اعتراضن موجب، ناقص رٿابندي ۽ ڪمزور انتظامي نظام سبب سرڪاري خزاني کي وڏي مالي نقصان جو خطرو پيدا ٿيو رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته عدالتن جي حڪمن باوجود ڪمپني صنعتي مالڪن کي ليز تي ڏنل زمين جي مد ۾ 2 ارب 8 ڪروڙ 49 لک رپيا وصول ڪرڻ ۾ ناڪام رهي رپورٽ ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته 2024ع ۾ ليز جي مدي ۾ واڌ لاءِ متعارف ڪرايل نئين پاليسي تحت واپاري زمينن جي معاهدن جي تجديد نه ٿيڻ سبب سرڪاري خزاني کي 62 ڪروڙ 98 لک رپين جو نقصان ٿيو اهڙيءَ طرح بونير مهمند ۽ جلوزئي ۾ سرڪاري زمينون قبضي مان ڇڏائي نه سگهڻ سبب هڪ ارب 7 ڪروڙ 74 لک رپين جي نقصان جي نشاندهي ڪئي وئي آهي آڊٽ رپورٽ موجب، واپاري مقصدن لاءِ مخصوص زمين غيرقانوني طور صنعتي مقصدن لاءِ الاٽ ڪرڻ سبب پڻ سرڪاري خزاني کي 17 ڪروڙ 41 لک رپين جو نقصان پهتو رپورٽ ۾ هريپور ۾ الحديد انجنيئرنگ ڪمپني کي 10 ايڪڙن تي ٻڌل پلاٽ نمبر 185، 186، 187 ۽ 190 الاٽ ڪرڻ جو به ذڪر آهي آڊٽ اعتراضن موجب، انهن پلاٽن جي مد ۾ رقم وصول نه ڪرڻ سبب سرڪاري خزاني کي 49 ڪروڙ 78 لک رپين جو نقصان ٿيو رپورٽ ۾ ڪمپني تي اسڪاني ذميوارين جو ڪاٿو 14 ارب رپيا لڳايو ويو آهي جنهن کي ڪمپني جي ڪاروباري سرگرمين ۽ مالي استحڪام لاءِ هڪ وڏو خطرو قرار ڏنو ويو آهي آڊٽ رپورٽ ۾ مجموعي طور تي زمينن جي الاٽمينٽ، ليز جي تجديد، واجبات جي وصولي ۽ انتظامي معاملن بابت سوال اٿاريا ويا آهن رپورٽ موجب، انهن معاملن سبب سرڪاري وسيلن جي استعمال ۽ مالي انتظام ۾ شفافيت بابت خدشا پيدا ٿيا آهن مالي بي ضابطگين ۽ نقصان بابت جاڻ آڊٽ رپورٽ سان منسوب آهي مبينا گهوٽين جي ذميواري جو حتمي تعين لاڳاپيل جاچ ۽ قانوني ڪارروائي ڪانپوءِ ئي ٿي سگهي ٿو.

ڪان 16 تائين جي خالي آسامين تي فوري ڀرتي شروع ڪرڻ واري فيصلي جي آجيان ڪندي چيو آهي ته ان قدم سان صوبي جي نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا ۽ نمائندگي ۾ بهتري اينديي هن چيو ته وزيراعظم آفيس جي هدايتن موجب ڪنيل اهي قدم اهل اميدوارن کي ميرٽ ۽ صوبي لاءِ مختص ڪوٽا جي بنياد تي وفاقي حڪومت ۾ نوڪريون حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏيندا. هن بلوچستان لاءِ خالي آسامين کي پرڻ پرتي جي عمل کي تيز ڪرڻ ۽ اهل اميدوارن جي سهولت لاءِ فوري قدم کڻڻ تي زور ڀريو. هن چيو ته بلوچستان فيڊرل گورنمينٽ فيسيليٽيشن سينٽر جو قيام به هڪ اهم اڳڀرائي آهي هن نشاندهي ڪئي ته عمر جي حدن ۾ ڏنل خصوصي رعايت، جنهن تحت 35 سال تائين جي عمر جا اميدوار گريڊ 16 تائين جي آسامين لاءِ درخواست ڏئي سگهندا، صوبي جي وڌيڪ نوجوانن کي وفاقي حڪومت جي نوڪرين لاءِ مقابلو ڪرڻ جي قابل بڻائيندي انهن خيالن جو اظهار هن پارليامينٽ هائوس ۾ مختلف وفدن ۽ مشهور شخصيتن سان ملاقاتن دوران ڪيو ملاقاتن ۾ بلوچستان جي ترقي وفاقي نوڪرين ۾ صوبي جي ڪوٽا، معاشي استحڪام، سيڙپڪاري، واپار، ڪاروباري سرگرمين کي هٿي وٺائڻ ۽ گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي سيدال خان ناصر چيو ته وزيراعظم بلوچستان جي ترقي، خوشحالي ۽ عوامي ڀلائي ۾ خاص دلچسپي رکي ٿو هن چيو ته وفاقي حڪومت عوام جي زندگي جي معيار کي بهتر بڻائڻ نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ ڪين قومي ترقي جي عمل ۾ شامل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي هن زور ڀريو ته بلوچستان جي اهل اميدوارن کي ميرٽ ۽ صوبي لاءِ مختص ڪوٽا مطابق وفاقي نوڪرين ۾ مناسب موقعا فراهم ڪيا وڃن ته جيئن هو ملڪ جي ترقي ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهن هن چيو ته صوبي ۾ روزگار جا موقعا وڌائڻ سيڙپڪارن جو اعتماد بحال ڪرڻ ۽ واپاري ۽ ڪاروباري سرگرمين کي هٿي وٺائڻ لاءِ موثر قدمن جي ضرورت آهي. حڪومت، ڪاروباري برادري ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين وچ ۾ ويجهي تعاون ۽ ان مقصد حاصل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. وقتي سينيٽ چيئرمين پاڪستان جي سمورن خطن ۾ متوازن ترقي لاءِ اجتماعي ڪوششن کي مضبوط بڻائڻ عوامي مسئلا حل ڪرڻ نوجوانن لاءِ روزگار پيدا ڪرڻ ۽ معاشي استحڪام کي هٿي وٺائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو.

اسيمبلي جي ميمبر ملڪ منير اقبال چنڙ ملاقات ڪئي ڇنڇر ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان مطابق ملاقات ۾ عوامي مسئلن انهن جي حل ۽ تڪ جي معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي وزيراعظم عوامي مسئلن جي حل لاءِ رابطا مهم مضبوط ڪرڻ جي هدايت ڪئي.

ڪڻڪ جي قيمتن ۾ اضافي جي رجحان تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي وفاقي ۽ صوبائي اختيارين کي هدايت ڪئي ته هو قيمتن ۾ استحڪام آڻڻ لاءِ ڪڻڪ جي رسد ۾ اضافي سميت سمورا ضروري قدم کنيا وڃن قومي غذائي سيڪيورٽي جو تحفظ ۽ عوام جي ضروري شين جي مناسب قيمتن تي فراهمي حڪومت جي اولين ترجيح آهي پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان مطابق انهن خيالن جو اظهار هن ڇنڇر ڏينهن ڪابينه ڪميٽي جي هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو جنهن ۾ ضروري شين جي ذخيري جي موجوده صورتحال، قيمتن ۽ رسد جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ قومي ذخيرن خريداري جي نظام ۽ مقامي ڪيٽ جي رجحانن سميت قيمتن جي صورتحال جو جائزو ورتو ويو اجلاس کي ٻڌايو ويو ته روز مره استعمال وارين شين جا ملڪي ذخيرا تسلي بخش سطح تي موجود آهن جيڪي مقامي مارڪيٽن ۾ رسد جي استحڪام کي يقيني بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي رهيا آهن اجلاس کي ڪڻڪ جي حوالي سان بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو ته مقامي ذخيرن ۽ آمدني واپار ڪيل ڪڻڪ کي گڏائي دستياب مقدار ايندڙ فصل جي ڪٽائي تائين ملڪي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي جڏهن ته نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير ڪڻڪ جي قيمتن ۾ اضافي جي رجحان تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ۽ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن کي هدايت ڪئي ته قيمتن ۾ استحڪام آڻڻ لاءِ ڪڻڪ جي رسد ۾ اضافي سميت سمورا ضروري قدم کنيا وڃن ڪنڊ جي حوالي سان ڪميٽي کي آگاهه ڪيو ويو ته مقامي مارڪيٽن ۾ ان جي قيمت 155 روپيا في ڪلوگرام جي مقرر هدف جي قيمت کان ڪيترائي پيرا گهٽ آهي جڏهن ته ايندڙ ڪرشنگ سيزن تائين ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ وافر ذخيرا به دستياب آهن نائب وزيراعظم ان ڳالهه تي زور ڀريو ته قومي غذائي سيڪيورٽي جو تحفظ ۽ عوام کي ضروري شيون مناسب قيمتن تي فراهم ڪرڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي هن وفاقي ۽ صوبائي اختيارين کي هدايت ڪئي ته مارڪيٽن ۽ واپاري نيٽ ورڪس تي نظر رکي وڃي هن واضح ڪيو ته سمورا لاڳاپيل ادارا ذخيره اندوزي ۽ مارڪيٽ ۾ قياس آرائي ذريعي قيمتن تي اثر انداز ٿيڻ خلاف زيرو ٽالرنس جي پاليسي تي عملدرآمد يقيني بنائين اجلاس ۾ قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق واري وفاقي وزير، وزيراعظم جي خاص مددگار طارق باجوه، قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق ۽ واپار بابت سيڪريٽريز ۽ سمورن صوبن جي چيف سيڪريٽريز ۽ لاڳاپيل وفاقي ۽ صوبائي کاتن جي اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي.

جي تقريب ۾ شرڪت ڪئي ۽ رانديگرن سان ملاقات ڪئي ان موقعي تي هن چيو ته لاهور قلندرز نوجوان رانديگرن جي ترقي لاءِ سٺو ڪم ڪري رهي آهي پي سي بي اڪيلو اهو ڪم نٿو ڪري سگهي ان لاءِ فرنچائزز سان گڏجي ڪم ڪنداسين ته جيئن ملڪ ۾ موجود ڪرڪيٽ ٽيلنٽ کي اڳتي آڻي سگهجي محسن نقوي چيو ته پي ايس ايل جي ميٽنگ ۾ سمورن فرنچائز مالڪن کي درخواست ڪئي هئي ته نئين ٽيلنٽ کي پنهنجي ٽيمن ۾ شامل ڪن ۽ اسڪول ڪرڪيٽ کان به رانديگرن کي پي ايس ايل ۾ کيڏڻ جا موقعا فراهم ڪيا وڃن ايندڙ سال 3 هزار اسڪولن جي اسڪول ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ ۾ شامل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي ته جيئن وڌ کان وڌ نوجوان رانديگرن کي پنهنجون صلاحيتون ڏيکارڻ جو موقعو ملي سگهي پي سي بي چيئرمين چيو ته ملڪ ۾ ڪرڪيٽ جو ٽيلنٽ وڌيڪ آهي جڏهن ته ان کي نکارڻ ۽ رانديگرن کي تيار ڪرڻ هڪ مشڪل ڪم آهي ان مقصد لاءِ پي سي بي، فرنچائزز ۽ ڪرڪيٽ ايسوسي ايشنز کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو نيشنل ڪرڪيٽ اڪيڊمي ۾ به رانديگرن جي بهتري لاءِ ڪافي ڪم ٿي رهيو آهي هن چيو ته ڪجهه رانديگر شهرت ملڻ ڪانپوءِ سکڻ ڇڏي ڏين ٿا جڏهن ته ڪرڪيٽ اهڙي راند آهي جنهن ۾ مسلسل محنت ۽ سکڻ جو عمل جاري رکڻ ضروري آهي اسان پنهنجي خامين کي درست ڪيو آهي ۽ اڳتي به ڪم جاري رکنداسين.

تفصيل سان ٻڌيون ۽ انهن جي فوري ۽ اثرائتي حل لاءِ موقعي تي ئي لاڳاپيل آفيسرن کي ضروري هدايتون جاري ڪيون ان موقعي تي مختلف علائقن مان آيل شهرين صوبائي وزير کي پنهنجن انفرادي ۽ اجتماعي مسئلن کان آگاهه ڪيو ۽ دريش ڏکيائين جي حل لاءِ درخواستون پيش ڪيون صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي عوام جا مسئلا غور سان ٻڌندي لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته عوامي مسئلن کي اوليت جي بنياد تي حل ڪرڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن ۽ شهرين پاران پيش ڪيل شڪايتن تي بروقت ڪارروائي کي يقيني بڻايو وڃي ان موقعي تي صوبائي وزير چيو ته عوام جي خدمت، سندن مسئلن جو حل ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي حڪومت جي پهرين ترجيحن ۾ شامل آهي عوامي نمائندن جي بنيادي ذميواري آهي ته هو عوام سان رابطي ۾ رهن سندن مسئلن ۽ ڏکيائين کان آگاهه ٿين ۽ انهن جي حل لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن هن وڌيڪ چيو ته عوام کي پنهنجن مسئلن جي حل لاءِ غير ضروري پريشانين ۽ دير کي منهن نه ڏيڻو پوي لاڳاپيل آفيسر سرڪاري ذميوارين جي ادائگي دوران عوامي مفاد کي اوليت ڏين، شهرين جي شڪايتن جو سنجيدگيءَ سان جائزو وٺن ۽ قانون ۽ ضابطن موجب انهن جي حل لاءِ اثرائتا قدم کڻن صوبائي وزير لاڳاپيل اختيارين تي زور ڀريو ته عوام پاران پيش ڪيل درخواستن ۽ مسئلن تي خاص ڌيان ڏنو وڃي ۽ انهن جي حل لاءِ ذميواري ۽ سنجيدگيءَ جو مظاهرو ڪيو وڃي جيئن شهرين کي رليف فراهم ڪرڻ سان گڏ سرڪاري ادارن تي عوام جو اعتماد پڻ وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي سيد رياض حسين شاهه شيرازي ان عزم جو اظهار ڪيو ته عوامي خدمت جو سلسلو جاري رکيو

سنڌي ايڊيشن
انچارج: مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
عبرت سنسار
68 Golden Jubilee Year
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 25 آڪٽوبر 2026ع

آمريڪا ۽ اسرائيل جون چونڊون ۽ ايران جنگ

فريد احمد

اسرائيل جي چونڊن ۾ 2 ڏينهن ۽ آمريڪا جي مڊٽرم چونڊن ۾ 9 ڏينهن باقي بچيا آهن، پر اهڙي موقعي تي ايران خلاف جنگ جي نئين خطري وچ اوڀر جي صورتحال کي وڌيڪ ڳنڀير بڻائي ڇڏيو آهي. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ فلوريڊا ۾ چونڊ مهم جي جلسي کي خطاب ڪندي چيو آهي تہ ايران سان معاهدو نہ ٿيو تہ آمريڪا هڪ ٻي، محدود فوجي ڪارروائي ڪري سگهي ٿو. هاڻي سوال اهو آهي تہ ايران خلاف نئين فوجي ڪارروائيءَ جو خطرو ڪهڙو رخ وٺندو؟ ۽ جڏهن جنگ جو امڪان ٻنهي ملڪن جي چونڊن کان اڳ سامهون اچي، تڏهن ان کي رڳو سلامتيءَ جو معاملو سمجهجي يا ان جي سياسي اثرن تي بہ سوال اٿارڻ گهرجن؟

ٽرمپ جي اها ڌمڪي اهڙي وقت آئي آهي، جڏهن اسرائيل ۾ 27 آڪٽوبر تي عام چونڊون ٿي رهيون آهن ۽ آمريڪا ۾ 3 نومبر تي مڊٽرم چونڊن ذريعي ڪانگريس جي طاقت جو توازن طئہ ٿيڻو آهي. ٽرمپ فلوريڊا واري جلسي ۾ ايران خلاف هڪ ٻي محدود فوجي ڪارروائيءَ جو امڪان ظاهر ڪرڻ سان گڏ دعوي ڪئي تہ هو 8 جنگيون روڪرائي چڪو آهي. هن نوبل امن انعام نہ ملڻ جو پڻ شڪوو بہ ڪيو.

پر جنگ ۽ امن بابت اهڙن بيانن کي رڳو چونڊ مهم جي تقرير سمجهي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ تہ انهن جي پٺيان حقيقي فوجي فيصلا ۽ خطي جي سلامتيءَ جا سوال موجود آهن.

اسرائيل ۾ وزيراعظم نيتن ياهو لاءِ چونڊون حڪومت برقرار رکڻ کان وڌيڪ اهميت رکن ٿيون. 7 آڪٽوبر 2023ع تي حماس جي حملي کان پوءِ سيڪيورٽيءَ جي ناڪاميءَ بابت سوال، غزا جي جنگ ۽ ايران سان ڇڪتاڻ سندس سياسي مستقبل سان ڳنڍيل آهن. اسرائيلي ووٽرن آڏو اهو سوال بہ آهي تہ موجوده حڪومت جي جنگي حڪمت عمليءَ ملڪ کي وڌيڪ محفوظ بڻايو آهي يا ان کي ڊگهي تڪرار ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي. اسرائيل جي پارليامينٽ، ڪنيسٽ، ۾ 120 سيٽون آهن ۽ حڪومت ٺاهڻ لاءِ 61 ميمبرن جي حمايت ضروري آهي. چونڊن کان اڳ ٿيل سروي موجب ڪنهن بہ ڌر لاءِ واضح اڪثريت حاصل ڪرڻ جو رستو آسان نظر نٿو اچي.

آمريڪا ۾ مڊٽرم چونڊون ٽرمپ جي صدارت جو سڌو فيصلو نہ ڪنديون، پر ڪانگريس ۾ سندس جماعت جي طاقت ضرور آزمائينديون. جيڪڏهن مخالف جماعت کي اڪثريت ملي ٿي تہ صدر لاءِ قانون سازيءَ ۽ بجيٽ سميت ڪيترن معاملن ۾ اڳتي وڌڻ ڏکيو ٿي سگهي ٿو. ايران سان جنگ بابت عوامي ردعمل بہ هن سياسي مقابلي جو حصو آهي. اهڙي صورتحال ۾ ٽرمپ لاءِ ايران بابت هر نئين فيصلي جا فوجي ۽ سفارتي نتيجا تہ اهم آهن ئي، پر ان جا سياسي اثر بہ نظرانداز نٿا ڪري سگهجن.



دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ ٽرمپ هلندڙ مهيني اڳ چيو هو تہ آمريڪا 3 نومبر جي چونڊن کان اڳ ايران تي حملو نہ ڪندو، پر 23 آڪٽوبر تي فلوريڊا ۾ هن ٻيهر محدود فوجي آپريشن جو امڪان ظاهر ڪيو. ان کان اڳ ABC News رپورٽ ڪيو هو تہ آمريڪا ۽ اسرائيل جي فوجن ايران خلاف گڏيل حملا ٻيهر شروع ڪرڻ جا منصوبا تيار ڪيا آهن ۽ اسرائيلي ذريعن جي حوالي سان ٻڌايو هو تہ ايران خلاف ڪارروائي چونڊن کان پوءِ ٿي سگهي ٿي. رپورٽ ۾ اهو بہ چيو ويو تہ حملي بابت حتمي فيصلو ٽرمپ جي هٿ ۾ آهي.

ايران بہ ڪنهن نئين حملي جي امڪان کي نظرانداز نٿو ڪري. تهران پنهنجي هوائي دفاع کي مضبوط ڪرڻ، ميزائلن ۽ ڊرونز جي صلاحيت وڌائڻ ۽ جوابي ڪارروائيءَ لاءِ تياريءَ جا پيغام ڏئي رهيو آهي. ايراني انقلابي گارڊ ڪور جي ترجمان هڪ نئين هٿيار کي "بمن جو پيءُ" سڏيندي ان کي ظاهر ڪرڻ جي تيارين جو اعلان ڪيو پر ان جي فني صلاحيتن بابت تفصيل نہ ڏنا. ايران وٽ زيرِ زمين ميزائل اڏن ۽ هٿيارن جا ذخيرا بہ موجود آهن. بوشهر ۾ روسي فوجي ٽرانسپورٽ جهازن جي لهڻ جون خبرون بہ اهڙي موقعي تي سامهون آيون آهن، پر انهن جي مقصد ۽ ڪٽي آيل سامان بابت پڪي تصديق نہ ٿي سگهي. جڏهن تہ ڪي تجزيا نگار انهن جهازن کي روسي هٿيارن جي فراهميءَ جو تسلسل ڪوٺي رهيا آهن. ائين لڳي ٿو تہ ايران بہ جوابي ڪاوائيءَ جون تياريون ڪري رهيو آهي.

صدر ٽرمپ لاءِ ڏباءُ رڳو ايران تائين محدود ناهي. ايران خلاف جنگ ۽ ان جي نتيجي ۾ توانائيءَ جي قيمتن ۾ واڌ تي سندس پاليسيءَ تي تنقيد ٿي رهي آهي، جڏهن تہ روس بابت سندس نرم رويي تي ريپبلڪن پارٽيءَ جي ڪجهہ ميمبرن بہ اعتراض ڪيو آهي. رائٽرز/اِپسوس جي 19 آڪٽوبر 2026ع واري سروي موجب، ٽرمپ جي ڪارڪردگيءَ جي منظوري ڏيندڙ آمريڪين جو انگ گهٽجي 31 سيڪڙو تي اچي ويو، جيڪو سندس ٻنهي صدارتي دورن ۾ سڀ کان گهٽ آهي. ساڳي سروي ۾ ڪانگريس جي چونڊن لاءِ ڊيموڪريٽڪ اميدوارن کي 47 سيڪڙو ۽ ريپبلڪن اميدوارن کي 35 سيڪڙو ووٽرن جي حمايت حاصل ٿي آهي. اهڙي صورتحال ۾ ايران بابت ٽرمپ جو ايندڙ فيصلو رڳو پرڏيهي پاليسيءَ جو معاملو نہ، پر مڊٽرم چونڊن کان اڳ سندس سياسي پوزيشن سان بہ لاڳاپيل آهي.

ڪجهہ مبصرن جو رايو آهي تہ آمريڪا ۽ اسرائيل ۾ چونڊن جا نتيجا ٻنهي ملڪن جي پاليسين تي اثرانداز ٿيندا، پر اهو لازمي ناهي تہ ايران بابت حڪمت عملي تبديل ٿئي.

اسرائيل ۾ نئين پارلياماني اتحاد ۽ آمريڪا ۾ ڪانگريس جي نئين توازن سان حڪمرانن جي سياسي گنجائش بدلجي سگهي ٿي، پر علائقائي سلامتيءَ جا بنيادي مسئلا برقرار رهندا.

بهرحال! سوال رڳو اهو ناهي تہ ٽرمپ يا نيتن ياهو چونڊن ۾ ڪهڙي سياسي پوزيشن حاصل ڪندا؟ اصل سوال اهو آهي تہ جنگ ۽ امن بابت فيصلا ڪهڙي بنياد تي ٿيندا ۽ انهن جي قيمت ڪير ڀريندو؟ وچ اوڀر کي هن وقت هڪ ٻئي فوجي محاذ جي نہ، پر اهڙي سياسي حڪمت عمليءَ جي ضرورت آهي، جيڪا تڪرار وڌائڻ بدران ان جي پائيدار حل ڏانهن وٺي وڃي.

جنگ جو وڪڙ، عالمي معيشت ۽ سياست

مجيب ناريجو

جيئن جيئن آمريڪا ۾ 3 نومبر جون مڊٽرم چونڊون ويجهو اچي رهيون آهن، تيئن وچ اوڀر ۾ جنگي ڇڪتاڻ، توانائيءَ جي اهم ساموندي رستن تي حملن ۽ عالمي معاشي غيريقينيءَ جا اثر وڌيڪ شدت اختيار ڪري رهيا آهن. انهن اثرن جي هڪ جهلڪ آمريڪا ۾ صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي گهٽجندڙ مقبوليت ۽ يورپ جي مختلف ملڪن ۾ مهانگائي، رهائش جي بحران ۽ معمول وارن خرچن ۾ واڌ خلاف ٿيندڙ احتجاجن ۾ ڏسي سگهجي ٿي. جنگ جو ميدان وچ اوڀر آهي، پر ان جا معاشي اثر هزارين ميل پري عام ماڻهن جي کيسي ۽ حڪمرانن جي سياسي مستقبل تائين پهچي رهيا آهن.

جنگ جا معاشي اثر رڳو ٻارڻ ۽ کاڌي پيتي جي اگهن تائين محدود ناهن، پر اهي حڪمرانن لاءِ سياسي چئلينج بہ بڻجي رهيا آهن. آمريڪا ۾ صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي مقبوليت بابت تازو سروي ان صورتحال جو هڪ مثال آهي. رائٽرز ۽ اِپسوس جي 19 آڪٽوبر 2026ع تي جاري ڪيل گڏيل سروي موجب صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي ڪارڪردگيءَ جي حمايت ڪندڙ آمريڪين جو انگ گهٽجي 31 سيڪڙو رهجي ويو، جيڪو سندس ٻنهي صدارتي دورن ۾ سڀ کان گهٽ آهي. ساڳئي سروي ۾ 68 سيڪڙو جواب ڏيندڙن معيشت بابت ٽرمپ جي ڪارڪردگيءَ تي عدم اطمينان ظاهر ڪيو. ان کان اڳ 9 آڪٽوبر تي رائٽرز ۽ اِپسوس جي هڪ ٻي سروي ۾ 78 سيڪڙو آمريڪين مهانگائيءَ جي وڌندڙ بار جو گهٽ ۾ ڪجهہ حصو ٽرمپ جي پاليسين سان لاڳاپيل قرار ڏنو. رائٽرز جي رپورٽن موجب، ايران سان جنگ، ٻارڻ جي اگهن ۾ واڌ ۽ واپاري ٽيڪسن سبب وڌندڙ خرچ 3 نومبر تي ٿيندڙ مڊٽرم چونڊن کان اڳ اهم سياسي مسئلو بڻجي ويا آهن. تنهن هوندي بہ، ٽرمپ جي مقبوليت ۾ گهٽتائيءَ کي رڳو جنگ جو نتيجو قرار ڏيڻ درست نہ ٿيندو. ان ۾ معاشي پاليسين ۽ معمول وارن خرچن بابت عوامي خدشن جو بہ حصو آهي.

ڪورونا وبا کان پوءِ دنيا جي معيشت کي پاڻ سنڀالڻ ۾ وقت لڳو. روس ۽ يوڪرين جي جنگ توانائي، خوراڪ ۽ ڀاڻ جي رسد کي متاثر ڪيو جڏهن تہ موسمياتي آفتن ڪيترن ئي ملڪن جي زراعت ۽ پيداوار کي ڇيهو رسايو. هاڻي وچ اوڀر ۾ جنگي ڇڪتاڻ عالمي واپار لاءِ هڪ ٻيو خطرو ٻڻيل آهي. جڏهن تيل جي فراهميءَ بابت خدشا وڌن ٿا يا جهازن کي اهم ساموندي رستن تان گذرڻ ۾ خطرا پيش اچن ٿا تہ ان جا اثر رڳو لاڳاپيل ملڪن تائين محدود نٿا رهن.

هرمز ساموندي لنگهہ نار وارن ملڪن مان تيل ۽ گئس جي عالمي رسد لاءِ اهم رستو آهي، جڏهن تہ باب المندب ڳاڙهي سمنڊ کي عدن جي نار سان ڳنڍي ٿو ۽ سوئيز ڪئنال ذريعي ٿيندڙ واپار ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. انهن رستن تي خطرا وڌڻ سان جهازن جي انشورنس مهانگي ٿي رهي آهي، سفر ۾ دير لڳي ٿي ۽ واپاري ڪمپنين کي متبادل رستا اختيار ڪرڻا پون ٿا. ڊگهي سفر جو مطلب وڌيڪ ٻارڻ ۽ وڌيڪ خرچ آهي. اهي خرچ واپاري عمل جي تسلسل ۾ اڳتي منتقل ٿي شين جي قيمتن تي بہ اثرانداز ٿي رهيا آهن.

آمريڪي مالياتي معلومات ۽ تجزياتي اداري S&P Global جي جولاءِ 2026ع واري رپورٽ موجب انشورنس بروڪر Marsh جي ڄاڻايل انگن اکرن تحت، هرمز مان گذرندڙ جهازن لاءِ اضافي جنگي خطري واري انشورنس جو پريميئم جهاز جي پنهنجي ڪيل انشورنس واري قيمت جي 7.5 سيڪڙو کان 10 سيڪڙو تائين پهچي ويو هو. اهي جولاءِ 2026ع جا انگ اکر آهن، موجوده صورتحال يا هر جهاز تي لاڳو ٿيندڙ ڪا هڪ مقرر شرح نہ. ٻئي پاسي سيپٽمبر 2026ع ۾ انٽرنيشنل يونين آف مئرين انشورنس (IUMI) هرمز جي بحران دوران ساموندي انشورنس شعبي جي نقصان جو اندازو لڳ ڀڳ 2 ارب آمريڪي ڊالر ٻڌايو. انهن وڏيل خرچن جو بار آخر ڪنهن تي پوي ٿو؟ جهازن جا مالڪ، انشورنس ڪمپنيون ۽ واپاري ادارا ڪجهہ خرچ پاڻ برداشت ڪري سگهن ٿا، پر وڏيل مال برداريءَ جو خرچ شين جي اگهن ۾ شامل ٿئي ٿو. جيڪڏهن تيل يا گئس جي فراهمي متاثر ٿئي تہ توانائيءَ جا اگهہ وڌيڪ غيريقينيءَ جو شڪار ٿين ٿا. ان سان ٽرانسپورٽ، ڪارخانن ۽ زراعت جا خرچ وڌن ٿا. اهڙي طرح هر شيءِ مهانگي ٿئي ٿي.

ان پسمنظر ۾ يورپ جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ احتجاج ضروع ٿيا آهن. فرانس ۾ 17 آڪٽوبر تي تيل مظاهرن ۾ گهرو وزارت موجب لڳ ڀڳ ساڍا پنج لک ماڻهو شريڪ ٿيا، جڏهن تہ احتجاج جو سڏ ڏيندڙن اٺ لک انگ ٻڌايو. احتجاجن جي شروعات اسڪولن جي خراب حالتن، استادن جي کوٽ ۽ تعليم جي سهولتن بابت مطالبن سان ٿي، پر مهانگائي، پگهارن ۽ عوامي خدمتن بابت شڪايتن انهن احتجاجن کي وڌيڪ شدت ڏني. ڪجهہ هنڌن تي مظاهرن دوران تشدد ۽ ڀڃ ڊاهہ جا واقعا پڻ ٿيا.

اٽليءَ ۾ بہ تيل جي قيمتن ۾ واڌ، مهانگائي، معمول جا خرچ وڌڻ، پگهارن، روزگار ۽ عوامي سهولتن بابت احتجاج ٿيا. ڪجهہ هنڌن تي مزدورن ۽ هارين ٻارڻ ۽ ڪاروباري خرچن خلاف احتجاج ڪيو. ميلان ۾ مچريل ماڻهن جي ريلي دوران جهيڙن ۽ ملڪيت کي نقصان پهچائڻ وارا واقعا پيش آيا.

پرتگال جي گاديءَ واري شهر لزبن ۾ 17 آڪٽوبر تي هزارين ماڻهو مهانگائي خلاف احتجاج ڪيو. اهڙي طرح ميڊرڊ، بيلجيم ۾ بہ احتجاج رڪارڊ ٿيا. بين الاقوامي مالياتي فنڊ (IMF) جي آڪٽوبر 2026ع واري عالمي معاشي جائزي موجب، عالمي معاشي واڌ 2026ع ۾ 3.1 سيڪڙو ۽ 2027ع ۾ 3.4 سيڪڙو رهڻ جو اندازو آهي. عالمي مهانگائيءَ جي شرح 2026ع ۾ 4.7 سيڪڙو تائين پهچڻ ۽ 2027ع ۾ 4.1 سيڪڙو ٿيڻ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. فنڊ جنگي ڇڪتاڻ، واپاري تڪرارن ۽ ٻين غيريقيني حالتن کي عالمي معيشت لاءِ خطرا ڄاڻايا آهن.

يورپ جي احتجاجن ۽ آمريڪا ۾ عوامي راءِ مان هڪ اهم سوال سامهون اچي ٿو: معاشي واڌ جو فائدو عام ماڻهن تائين ڪيترو پهچي ٿو؟ جيڪڏهن نوجوانن کي مناسب رهائش نہ ملي، مزدورن جي آمدني ضروري خرچن سان گڏ نہ هلي ۽ تعليم توڙي صحت جون سهولتون ڪمزور ٿين تہ ڪاوڙ وڌي ٿي. آمريڪا ۾ بہ ٻارڻ ۽ خوراڪ جا وڌندڙ خرچ سياسي بحث جو حصو بڻجي رهيا آهن. مڊٽرم چونڊون صدر جي سڌي چونڊ نہ آهن، پر ڪانگريس جي ٻنهي ايوانن ۾ پارٽيءَ جي پوزيشن صدر جي قانون سازيءَ ۽ پاليسين تي اثرانداز ٿي سگهي ٿي.

هرمز ۽ باب المندب جهڙن ساموندي رستن جي سلامتي عالمي واپار لاءِ اهم آهي، پر عام ماڻهن جي معاشي تحفظ لاءِ رڳو محفوظ واپاري رستا ڪافي ناهن. مناسب پگهارون، روزگار ۽ ڄڻادار عوامي سهولتون بہ ضروري آهن. جنگي ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۽ عالمي واپار کي محفوظ رکڻ سان گڏ حڪومتن کي اهو بہ ڏسڻو پوندو تہ وڌندڙ خرچن جو بار سڀ کان ڪمزور طبقن تي نہ پوي. امن رڳو سفارتي ڪاميابي ناهي. اهو اهڙي معاشي زندگيءَ جو بہ بنيادي شرط آهي، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجي آمدنيءَ مان گهر هلائي سگهن ۽ مستقبل بابت مسلسل پريشانيءَ ۾ نہ رهن.

ڇا نار جون معيشتون بچي سگهنديون؟

ساره فياض | بي بي سي

دنيا جي نهايت شاهوڪار علائقن مان هڪ نار اڄ هڪ اهڙي سوال کي منهن ڏئي رهيو آهي، جنهن جو تعلق رڳو تيل جي دولت يا معاشي ترقيءَ سان ناهي، پر امن، جاگرافيائي بيهڪ ۽ عالمي واپار سان پڻ آهي. ڇا وڏا مالي ذخيرا، جديد شهر ۽ گهڻ رخا معاشي منصوبا جنگ جي هاڃن کان بچائڻ لاءِ ڪافي آهن، يا هڪڙو علائقائي تڪرار سالن جي ترقيءَ کي خطري ۾ وجهي سگهي ٿو؟

بي بي سي نيوز عربيءَ جي معاشي معاملن بابت صحافي ساره فياض جي تجزيي موجب، آمريڪا، اسرائيل ۽ ايران وچ ۾ جاري تڪرار 'نار سهڪار ڪائونسل' جي ملڪن جي معيشتن لاءِ هڪ وڏو امتحان بڻيو آهي. عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) جي اڳڪٿين ۾ سعودي عرب، گڏيل عرب رياستن، قطر، ڪويت ۽ بحرين جي معيشتن ۾ 2026ع دوران گهٽتائيءَ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ عمان لاءِ معاشي واڌ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. اهي انگ اکر اڳڪٿيون آهن، حتمي نتيجا نہ، پر انهن مان خطري جي شدت جو اندازو ضرور ٿئي ٿو.

دولت موجود، پر خطرا بہ موجود

نار وارن ملڪن جي معاشي طاقت جو بنياد ڊگهي عرصي تائين تيل ۽ گئس جا وسيلا رهيا آهن. وقت سان گڏ انهن ملڪن سياحت، هوابازي، واپار، لاجسٽڪس ۽ تفريحي صنعتن کي بہ هٿي ڏني آهي، تہ جيئن تيل تي ڀاڙڻ گهٽائي سگهجي. پر جنگ ڏيکاريو آهي تہ گهڻ رخن معاشي ذريعن باوجود، واپاري رستن ۽ سلامتيءَ اڳيان خطرو اچي بيهي تہ معيشت جا ڪيترائي شعبا هڪ ئي وقت متاثر ٿي سگهن ٿا.

سياح نہ اچن، جهاز اڏامون بند ٿين، بندرگاهن تي اچ وڃ گهٽجي يا سيڙپڪار پنهنجا منصوبا ملتوي ڪن تہ نقصان رڳو تيل جي آمدنيءَ تائين محدود نٿو رهي. هوٽلن، هوائي ڪمپنين، دڪانن ۽ ٻين ڪاروباري سرگرمين تي بہ اثر پوي ٿو.

ساموندي گذرگاهہ هرمز: اهم رستو، وڏو خطرو

نار وارين معيشتن لاءِ سڀ کان اهم جاگرافيائي مسئلن مان هڪ ساموندي گذرگاهہ هرمز آهي، جنهن تان عالمي تيل جي واپار جو وڏو حصو گذري ٿو. هن رستي ۾ رنڊڪ پيدا ٿيڻ سان تيل ۽ گئس جي روانگي واپار سان گڏ ضروري شين ۽ صنعتي خام مال جي رسد بہ متاثر ٿي سگهي ٿي.

قطر، ڪويت ۽ بحرين جو هن رستي تي وڌيڪ ڀاڙڻ کين خاص طور حساس بڻائي ٿو. ان جي ابتڙ، سعودي عرب وٽ اوڀر - اولهہ تيل پائيپ لائين ذريعي تيل کي ڳاڙهي سمنڊ ڪناري ينبع بندرگاهہ تائين پهچائڻ جو متبادل رستو موجود آهي. گڏيل عرب رياستن وٽ بہ فجيره ذريعي تيل پهچائڻ جو متبادل انتظام آهي. جڏهن تہ عمان جا اهم بندرگاهہ ساموندي گذرگاهہ هرمز کان ٻاهر واقع آهن.

پر متبادل رستن جي موجودگي بہ مڪمل تحفظ جي ضمانت ناهي. انهن رستن کي بہ محفوظ رکڻو پوي ٿو ۽ جنگ جي شدت وڌڻ سان واپار جا خرچ ۽ خطرا وڌي سگهن ٿا.

معاشي بحاليءَ لاءِ ڇا ضروري آهي؟

جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ بہ لازمي ناهي تہ معيشت اڳوڻي رفتار سان هلي. ڪمپنيون پنهنجا واپاري رستا تبديل ڪن ٿيون، سيڙپڪار وڌيڪ تحفظ ۽ ضمانتون گهرن ٿا. جڏهن تہ انشورنس ۽ ڪاروبار ڪرڻ جي لاڳت بہ وڌي سگهي ٿي. اهڙي صورتحال ۾ مالي ذخيرا نقصان برداشت ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿا، پر مستقل معاشي استحڪام لاءِ امن ۽ محفوظ واپار ضروري آهي.

نار وارن ملڪن کي گهڻ رخن معاشي ذريعن سان گڏ توانائيءَ جي روانگي ۽ واپار وارن متبادل رستن، اهم مرڪزن جي تحفظ ۽ علائقائي دفاعي ۽ لاجسٽڪ سهڪار کي مضبوط ڪرڻو پوندو. ڇاڪاڻ تہ هڪ ملڪ جي بندرگاهہ ٻئي ملڪ جي زميني رستن ۽ ٽئين ملڪ جي توانائي وسيلن جو گڏيل استعمال بحرانن جا اثر گهٽائي سگهي ٿو.

بهرحال، سوال رڳو اهو ناهي تہ خليجي ملڪن وٽ ڪيتري دولت آهي، پر اهو بہ آهي تہ ڇا اهي ان دولت جي سهاري جنگ ۽ جاگرافيائي چئلينجز جا ڌڪ سهي، پنهنجي معيشتن کي بدلجندڙ خطرن آڏو بيهاري سگهندا؟ جاگرافيائي بيهڪ تبديل نٿي ڪري سگهجي، پر ان مان پيدا ٿيندڙ خطرن کي گهٽائڻ لاءِ منصوبابندي، علائقائي سهڪار ۽ امن جون ڪوششون ضرور ڪري سگهجن ٿيون. خليجي معيشتن جو مستقبل رڳو سندن دولت تي نہ، پر انهن فيصلن تي بہ دارومدار رکي ٿو.

[illegible] بي بي سي نيوز عربيءَ جي معاشي معاملن بابت نامانگار ساره فياض جي تجزيي "هل تصمد اقتصادات الخليج مام الحرب وتحديات الجغرافيا؟" (ڇا خليجي معيشتون جنگ ۽ جاگرافيائي چئلينجز آڏو بيهي سگهنديون؟) مان چونڊيل معلومات ۽ خيالن جي بنياد تي ترتيب ڏنو ويو آهي.

سنڌي ايڊيشن
انچارج :مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
عبرت سنسار
68 Golden Jubilee Year
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 25 آڪٽوبر 2026ع

آمريڪا ۽ اسرائيل جون چونڊون ۽ ايران جنگ

فريد احمد

اسرائيل جي چونڊن ۾ 2 ڏينهن ۽ آمريڪا جي مڊٽرم چونڊن ۾ 9 ڏينهن باقي بچيا آهن. پر اهڙي موقعي تي ايران خلاف جنگ جي نئين خطري وچ اوڀر جي صورتحال کي وڌيڪ ڳنڀير بڻائي ڇڏيو آهي. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ فلوريڊا ۾ چونڊ مهم جي جلسي کي خطاب ڪندي چيو آهي ته ايران سان معاهدو نه ٿيو ته آمريڪا هڪ ٻي، محدود فوجي ڪارروائي ڪري سگهي ٿو. هاڻي سوال اهو آهي ته ايران خلاف نئين فوجي ڪارروائيءَ جو خطرو ڪهڙو رخ وٺندو؟ ۽ جڏهن جنگ جو امڪان ٻنهي ملڪن جي چونڊن کان اڳ سامهون اچي، تڏهن ان کي رڳو سلامتيءَ جو معاملو سمجهجي يا ان جي سياسي اثرن تي به سوال اٿارڻ گهرجن؟

ٽرمپ جي اها ڌمڪي اهڙي وقت آئي آهي، جڏهن اسرائيل ۾ 27 آڪٽوبر تي عام چونڊون ٿي رهيون آهن ۽ آمريڪا ۾ 3 نومبر تي مڊٽرم چونڊن ذريعي ڪانگريس جي طاقت جو توازن طئه ٿيڻو آهي. ٽرمپ فلوريڊا واري جلسي ۾ ايران خلاف هڪ ٻي محدود فوجي ڪارروائيءَ جو امڪان ظاهر ڪرڻ سان گڏ دعوي ڪئي ته هو 8 جنگيون روڪرائي چڪو آهي. هن نوبل امن انعام نه ملڻ جو پِٽڪو به ڪيو.

پر جنگ ۽ امن بابت اهڙن بيانن کي رڳو چونڊ مهم جي تقرير سمجهي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ ته انهن جي پٺيان حقيقي فوجي فيصلا ۽ خطي جي سلامتيءَ جا سوال موجود آهن.

اسرائيل ۾ وزيراعظم نيتن ياهو لاءِ چونڊون حڪومت برقرار رکڻ کان وڌيڪ اهميت رکن ٿيون. 7 آڪٽوبر 2023ع تي حماس جي حملي کان پوءِ سيڪيورٽيءَ جي ناڪاميءَ بابت سوال، غزا جي جنگ ۽ ايران سان ڇڪتاڻ سندس سياسي مستقبل سان ڳنڍيل آهن. اسرائيلي ووٽرن آڏو اهو سوال به آهي ته موجوده حڪومت جي جنگي حڪمت عمليءَ ملڪ کي وڌيڪ محفوظ بڻايو آهي يا ان کي ڊگهي تڪرار ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي. اسرائيل جي پارليامينٽ، ڪنيسٽ، ۾ 120 سيٽون آهن ۽ حڪومت ٺاهڻ لاءِ 61 ميمبرن جي حمايت ضروري آهي. چونڊن کان اڳ ٿيل سروي موجب ڪنهن به ڌر لاءِ واضح اڪثريت حاصل ڪرڻ جو رستو آسان نظر نٿو اچي.



آمريڪا ۾ مڊٽرم چونڊون ٽرمپ جي صدارت جو سڌو فيصلو نه ڪنديون، پر ڪانگريس ۾ سندس جماعت جي طاقت ضرور آزمائينديون. جيڪڏهن مخالف جماعت کي اڪثريت ملي ٿي ته صدر لاءِ قانون سازي ۽ بجيٽ سميت ڪيترن معاملن ۾ اڳتي وڌڻ ڏکيو ٿي سگهي ٿو. ايران سان جنگ بابت عوامي ردعمل به هن سياسي مقابلي جو حصو آهي. اهڙي صورتحال ۾ ٽرمپ لاءِ ايران بابت هر نئين فيصلي جا فوجي ۽ سفارتي نتيجا ته اهم آهن ئي، پر ان جا سياسي اثر به نظرانداز نٿا ڪري سگهجن.

دلچسپ ڳالهه اها آهي ته ٽرمپ هلندڙ مهيني اڳ چيو هو ته آمريڪا 3 نومبر جي چونڊن کان اڳ ايران تي حملو نه ڪندو، پر 23 آڪٽوبر تي فلوريڊا ۾ هن ٻيهر محدود فوجي آپريشن جو امڪان ظاهر ڪيو. ان کان اڳ ABC News رپورٽ ڪيو هو ته آمريڪا ۽ اسرائيل جي فوجن ايران خلاف گڏيل حملا ٻيهر شروع ڪرڻ جا منصوبا تيار ڪيا آهن ۽ اسرائيلي ذريعن جي حوالي سان ٻڌايو هو ته ايران خلاف ڪارروائي چونڊن کان پوءِ ٿي سگهي ٿي. رپورٽ ۾ اهو به چيو ويو ته حملي بابت حتمي فيصلو ٽرمپ جي هٿ ۾ آهي.

ايران به ڪنهن نئين حملي جي امڪان کي نظرانداز نٿو ڪري. تهران پنهنجي هوائي دفاع کي مضبوط ڪرڻ، ميزائلن ۽ ڊرونز جي صلاحيت وڌائڻ ۽ جوابي ڪارروائيءَ لاءِ تياريءَ جا پيغام ڏئي رهيو آهي. ايراني انقلابي گارڊ ڪور جي ترجمان هڪ نئين هٿيار کي "بمن جو پيءُ" سڏيندي ان کي ظاهر ڪرڻ جي تيارين جو اعلان ڪيو پر ان جي فني صلاحيتن بابت تفصيل نه ڏنا. ايران وٽ زيرِ زمين ميزائل اڏن ۽ هٿيارن جا ذخيرا به موجود آهن. بوشهر ۾ روسي فوجي ٽرانسپورٽ جهازن جي لهڻ جون خبرون به اهڙي موقعي تي سامهون آيون آهن، پر انهن جي مقصد ۽ ڪٽي آيل سامان بابت پڪي تصديق نه ٿي سگهي. جڏهن ته ڪي تجزيا نگار انهن جهازن کي روسي هٿيارن جي فراهميءَ جو تسلسل ڪوٺي رهيا آهن. ائين لڳي ٿو ته ايران به جوابي ڪاوائيءَ جون تياريون ڪري رهيو آهي.

صدر ٽرمپ لاءِ ڏهاءِ رڳو ايران تائين محدود ناهي. ايران خلاف جنگ ۽ ان جي نتيجي ۾ توانائيءَ جي قيمتن ۾ واڌ تي سندس پاليسيءَ تي تنقيد ٿي رهي آهي، جڏهن ته روس بابت سندس نرم رويي تي ريپبلڪن پارٽيءَ جي ڪجهه ميمبرن به اعتراض ڪيو آهي. رائٽرز/اِپسوس جي 19 آڪٽوبر 2026ع واري سروي موجب، ٽرمپ جي ڪارڪردگيءَ جي منظوري ڏيندڙ آمريڪين جو انگ گهٽجي 31 سيڪڙو تي اچي ويو جيڪو سندس ٻنهي صدارتي دورن ۾ سڀ کان گهٽ آهي. ساڳي سروي ۾ ڪانگريس جي چونڊن لاءِ ڊيموڪريٽڪ اميدوارن کي 47 سيڪڙو ۽ ريپبلڪن اميدوارن کي 35 سيڪڙو ووٽرن جي حمايت حاصل ٿي آهي. اهڙي صورتحال ۾ ايران بابت ٽرمپ جو ايندڙ فيصلو رڳو پرڏيهي پاليسيءَ جو معاملو نه، پر مڊٽرم چونڊن کان اڳ سندس سياسي پوزيشن سان به لاڳاپيل آهي.

ڪجهه مبصرن جو رايو آهي ته آمريڪا ۽ اسرائيل ۾ چونڊن جا نتيجا ٻنهي ملڪن جي پاليسين تي اثرانداز ٿيندا، پر اهو لازمي ناهي ته ايران بابت حڪمت عملي تبديل ٿئي. اسرائيل ۾ نئين پارلياماني اتحاد ۽ آمريڪا ۾ ڪانگريس جي نئين توازن سان حڪمرانن جي سياسي گنجائش بدلجي سگهي ٿي، پر علائقائي سلامتيءَ جا بنيادي مسئلا برقرار رهندا.

بهرحال! سوال رڳو اهو ناهي ته ٽرمپ يا نيتن ياهو چونڊن ۾ ڪهڙي سياسي پوزيشن حاصل ڪندا؟ اصل سوال اهو آهي ته جنگ ۽ امن بابت فيصلا ڪهڙي بنياد تي ٿيندا ۽ انهن جي قيمت ڪير ڀريندو؟ وچ اوڀر کي هن وقت هڪ ٻئي فوجي محاذ جي نه، پر اهڙي سياسي حڪمت عمليءَ جي ضرورت آهي، جيڪا تڪرار وڌائڻ بدران ان جي پائيدار حل ڏانهن وٺي وڃي.

جنگ جو وڪڙ، عالمي معيشت ۽ سياست

مجيب ناريجو

جيئن جيئن آمريڪا ۾ 3 نومبر جون مڊٽرم چونڊون ويجهو اچي رهيون آهن، تيئن وچ اوڀر ۾ جنگي ڇڪتاڻ، توانائيءَ جي اهم ساموندي رستن تي حملن ۽ عالمي معاشي غيريقينيءَ جا اثر وڌيڪ شدت اختيار ڪري رهيا آهن. انهن اثرن جي هڪ جهلڪ آمريڪا ۾ صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي گهٽجندڙ مقبوليت ۽ يورپ جي مختلف ملڪن ۾ مهانگائي، رهائش جي بحران ۽ معمول وارن خرچن ۾ واڌ خلاف ٿيندڙ احتجاجن ۾ ڏسي سگهجي ٿي. جنگ جو ميدان وچ اوڀر آهي، پر ان جا معاشي اثر هزارين ميل پري عام ماڻهن جي کيسي ۽ حڪمرانن جي سياسي مستقبل تائين پهچي رهيا آهن.

جنگ جا معاشي اثر رڳو ٻارڻ ۽ کاڌي پيتي جي اگهن تائين محدود ناهن. پر اهي حڪمرانن لاءِ سياسي چئلينج به بڻجي رهيا آهن. آمريڪا ۾ صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي مقبوليت بابت تازو سروي ان صورتحال جو هڪ مثال آهي. رائٽرز ۽ اِپسوس جي 19 آڪٽوبر 2026ع تي جاري ڪيل گڏيل سروي موجب صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي ڪارڪردگيءَ جي حمايت ڪندڙ آمريڪين جو انگ گهٽجي 31 سيڪڙو رهجي ويو، جيڪو سندس ٻئي صدارتي دور ۾ سڀ کان گهٽ آهي. ساڳئي سروي ۾ 68 سيڪڙو جواب ڏيندڙن معيشت بابت ٽرمپ جي ڪارڪردگيءَ تي عدم اطمينان ظاهر ڪيو. ان کان اڳ 9 آڪٽوبر تي رائٽرز ۽ اِپسوس جي هڪ ٻي سروي ۾ 78 سيڪڙو آمريڪين مهانگائيءَ جي وڌندڙ بار جو گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه حصو ٽرمپ جي پاليسين سان لاڳاپيل قرار ڏنو. رائٽرز جي رپورٽن موجب، ايران سان جنگ، ٻارڻ جي اگهن ۾ واڌ ۽ واپاري ٽيڪسن سبب وڌندڙ خرچ 3 نومبر تي ٿيندڙ مڊٽرم چونڊن کان اڳ اهم سياسي مسئلو بڻجي ويا آهن. تنهن هوندي به، ٽرمپ جي مقبوليت ۾ گهٽتائيءَ کي رڳو جنگ جو نتيجو قرار ڏيڻ درست نه ٿيندو. ان ۾ معاشي پاليسين ۽ معمول وارن خرچن بابت عوامي خدشن جو به حصو آهي.

ڪورونا وبا کان پوءِ دنيا جي معيشت کي پاڻ سنڀالڻ ۾ وقت لڳو. روس ۽ يوڪرين جي جنگ توانائي، خوراڪ ۽ ڀاڻ جي رسد کي متاثر ڪيو. جڏهن ته موسمياتي آفتن ڪيترن ئي ملڪن جي زراعت ۽ پيداوار کي ڇيهو رسايو. هاڻي وچ اوڀر ۾ جنگي ڇڪتاڻ عالمي واپار لاءِ هڪ ٻيو خطرو آهن.

آمريڪي مالياتي معلومات ۽ تجزياتي اداري S&P Global جي جولاءِ 2026ع واري رپورٽ موجب انشورنس بروڪر Marsh جي ڄاڻايل انگن اکرن تحت، هرمز مان گذرندڙ جهازن لاءِ اضافي جنگي خطري واري انشورنس جو پريميئم جهاز جي پنهنجي ڪيل انشورنس واري قيمت جي 7.5 سيڪڙو کان 10 سيڪڙو تائين پهچي ويو هو. اهي جولاءِ 2026ع جا انگ اکر آهن، موجوده صورتحال يا هر جهاز تي لاڳو ٿيندڙ ڪا هڪ مقرر شرح نه. ٻئي پاسي سيپٽمبر 2026ع ۾ انٽرنيشنل يونين آف مئرين انشورنس (IUMI) هرمز جي بحران دوران ساموندي انشورنس شعبي جي نقصان جو اندازو لڳ ڀڳ 2 ارب آمريڪي ڊالر ٻڌايل آهي. جڏهن تيل جي فراهميءَ بابت خدشا وڌن ٿا يا جهازن کي اهم ساموندي رستن تان گذرڻ ۾ خطرا پيش اچن ٿا ته ان جا اثر رڳو لاڳاپيل ملڪن تائين محدود نٿا رهن.

هرمز ساموندي لنگهه نار وارن ملڪن مان تيل ۽ گئس جي عالمي رسد لاءِ اهم رستو آهي، جڏهن ته باب المندب ڳاڙهي سمنڊ کي عدن جي نار سان ڳنڍيندي ٿو ۽ سوئيز ڪئنال ڏانهن ويندڙ واپار ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. انهن رستن تي خطرا وڌڻ سان جهازن جي انشورنس مهانگي ٿي رهي آهي، سفر ۾ دير لڳي ٿي ۽ واپاري ڪمپنين کي متبادل رستا اختيار ڪرڻا پون ٿا. ڊگهي سفر جو مطلب وڌيڪ ٻارڻ ۽ وڌيڪ خرچ آهي. اهي خرچ واپاري عمل جي تسلسل ۾ اڳتي منتقل ٿي شين جي قيمتن تي به اثرانداز ٿي رهيا ٻڌايو. انهن وڌيل خرچن جو بار آخر ڪنهن تي پوي ٿو؟ جهازن جا مالڪ، انشورنس ڪمپنيون ۽ واپاري ادارا ڪجهه خرچ پاڻ برداشت ڪري سگهن ٿا، پر وڌيل مال برداريءَ جو خرچ شين جي اگهن ۾ شامل ٿئي ٿو. جيڪڏهن تيل يا گئس جي فراهمي متاثر ٿئي ته توانائيءَ جا اگهه وڌيڪ غيريقينيءَ جو شڪار ٿين ٿا. ان سان ٽرانسپورٽ، ڪارخانن ۽ زراعت جا خرچ وڌن ٿا. اهڙي طرح هر شيءِ مهانگي ٿئي ٿي.

ان پسمنظر ۾ يورپ جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ احتجاج ضروع ٿيا آهن. فرانس ۾ 17 آڪٽوبر تي ٿيل مظاهرن ۾ گهرو وزارت موجب لڳ ڀڳ سادا پنج لک ماڻهو شريڪ ٿيا، جڏهن ته احتجاج جو سڏ ڏيندڙن اٺ لک انگ ٻڌايو. احتجاجن جي شروعات اسڪولن جي خراب حالت، استادن جي کوٽ ۽ تعليم جي سهولتن بابت مطالبن سان ٿي، پر مهانگائي، پگهارن ۽ عوامي خدمتن بابت شڪايتن انهن احتجاجن کي وڌيڪ شدت ڏني. ڪجهه هنڌن تي مظاهرن دوران تشدد ۽ ڀڃ ڊاهه جا واقعا پڻ ٿيا.

اٽليءَ ۾ به تيل جي قيمتن ۾ واڌ، مهانگائي، معمول جا خرچ وڌڻ، پگهارن، روزگار ۽ عوامي سهولتن بابت احتجاج ٿيا. ڪجهه هنڌن تي مزدورن ۽ هارين ٻارڻ ۽ ڪاروباري خرچن خلاف احتجاج ڪيو. ميلان ۾ مچريل ماڻهن جي ريلي دوران جهيڙن ۽ ملڪيت کي نقصان پهچائڻ وارا واقعا پيش آيا. پرتگال جي گاديءَ واري شهر لزبن ۾ 17 آڪٽوبر تي هزارين ماڻهو مهانگائي خلاف احتجاج ڪيو. اهڙي طرح ميڊرڊ، بيلجيم ۾ به احتجاج رڪارڊ ٿيا.

بين الاقوامي مالياتي فنڊ (IMF) جي آڪٽوبر 2026ع واري عالمي معاشي جائزي موجب، عالمي معاشي واڌ 2026ع ۾ 3.1 سيڪڙو ۽ 2027ع ۾ 3.4 سيڪڙو رهڻ جو اندازو آهي. عالمي مهانگائيءَ جي شرح 2026ع ۾ 4.7 سيڪڙو تائين پهچڻ ۽ 2027ع ۾ 4.1 سيڪڙو تائين اچڻ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. فنڊ جنگي ڇڪتاڻ، واپاري تڪرارن ۽ ٻين غيريقيني حالتن کي عالمي معيشت لاءِ خطرا ڄاڻايا آهن.

يورپ جي احتجاجن ۽ آمريڪا ۾ عوامي راءِ مان هڪ اهم سوال سامهون اچي ٿو: معاشي واڌ جو فائدو عام ماڻهن تائين ڪيترو پهچي ٿو؟ جيڪڏهن نوجوانن کي مناسب رهائش نه ملي، مزدورن جي آمدني ضروري خرچن سان گڏ نه هلي ۽ تعليم ۽ صحت جون سهولتون ڪمزور ٿين ته ڪاوڙ وڌي ٿي. آمريڪا ۾ به ٻارڻ ۽ خوراڪ جا وڌندڙ خرچ سياسي بحث جو حصو بڻجي رهيا آهن. مڊٽرم چونڊون صدر جي سڌي چونڊ نه آهن، پر ڪانگريس جي ٻنهي ايوانن ۾ پارٽيءَ جي پوزيشن صدر جي قانون سازيءَ ۽ پاليسين تي اثرانداز ٿي سگهي ٿي.

هرمز ۽ باب المندب جهڙن ساموندي رستن جي سلامتي عالمي واپار لاءِ اهم آهي، پر عام ماڻهن جي معاشي تحفظ لاءِ رڳو محفوظ واپاري رستا ڪافي ناهن. مناسب پگهارون، روزگار ۽ ڄٽادار عوامي سهولتون به ضروري آهن. جنگي ڇڪتاڻ گهٽائڻ ۽ عالمي واپار کي محفوظ رکڻ سان گڏ حڪومتن کي اهو به ڏسڻو پوندو ته وڌندڙ خرچن جو بار سڀ کان ڪمزور طبقن تي نه پوي. امن رڳو سفارتي ڪاميابي ناهي. اهو اهڙي معاشي زندگيءَ جو به بنيادي شرط آهي، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجي آمدنيءَ مان گهر هلائي سگهن ۽ مستقبل بابت مسلسل پريشانيءَ ۾ نه رهن.

ڇا نار جون معيشتون بچي سگهنديون؟

ساره فياض|بي بي سي

دنيا جي نهايت شاهوڪار علائقن مان هڪ نار هڪ اهڙي سوال کي منهن ڏئي رهيو آهي، جنهن جو تعلق رڳو تيل جي دولت يا معاشي ترقيءَ سان ناهي، پر امن، جاگرافيائي بيهڪ ۽ عالمي واپار سان پڻ آهي. ڇا وڏا مالي ذخيرا، جديد شهر ۽ گهڻ رخا معاشي منصوبا جنگ جي هاڃن کان بچائڻ لاءِ ڪافي آهن، يا هڪڙو علائقائي تڪرار سالن جي ترقيءَ کي خطري ۾ وجهي سگهي ٿو؟

بي بي سي نيوز عربيءَ جي معاشي معاملن بابت صحافي ساره فياض جي تجزيي موجب، آمريڪا، اسرائيل ۽ ايران وچ ۾ جاري تڪرار 'نار سهڪار ڪائونسل' جي ملڪن جي معيشتن لاءِ هڪ وڏو امتحان بڻيو آهي. عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) جي اڳڪٿين ۾ سعودي عرب، گڏيل عرب رياستن، قطر، ڪويت ۽ بحرين جي معيشتن ۾ 2026ع دوران گهٽتائيءَ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته عمان لاءِ معاشي واڌ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. اهي انگ اکر اڳڪٿيون آهن، حتمي نتيجا نه، پر انهن مان خطري جي شدت جو اندازو ضرور ٿئي ٿو.

دولت موجود، پر خطرا به موجود

نار وارن ملڪن جي معاشي طاقت جو بنياد ڊگهي عرصي تائين تيل ۽ گئس جا وسيلا رهيا آهن. وقت سان گڏ انهن ملڪن سياحت، هوابازي، واپار، لاجسٽڪس ۽ تفريحي صنعتن کي به هٿي ڏني آهي، ته جيئن تيل تي پاڙڻ گهٽائي سگهجي. پر جنگ ڏيکاريو آهي ته گهڻ رخن معاشي ذريعن باوجود، واپاري رستن ۽ سلامتيءَ اڳيان خطرو اچي بيهي ته معيشت جا ڪيترائي شعبا هڪ ئي وقت متاثر ٿي سگهن ٿا. سياح نه اچن، جهاز اڏامون بند ٿين، بندرگاهن تي اچ وڃ گهٽجي يا سيڙپڪار پنهنجا منصوبا ملتوي ڪن ته نقصان رڳو تيل جي آمدنيءَ تائين محدود نٿو رهي. هوٽلن، هوائي ڪمپنين، دڪانن ۽ ٻين ڪاروباري سرگرمين تي به اثر پوي ٿو.

ساموندي گذرگاهه هرمز: اهم رستو وڏو خطرو

نار وارين معيشتن لاءِ سڀ کان اهم جاگرافيائي مسئلن مان هڪ ساموندي گذرگاهه هرمز آهي. جنهن تان عالمي تيل جي واپار جو وڏو حصو گذري ٿو. هن رستي ۾ رڪاوٽ پيدا ٿيڻ سان تيل ۽ گئس جي روانگي واپار سان گڏ ضروري شين ۽ صنعتي خام مال جي رسد به متاثر ٿي سگهي ٿي. قطر، ڪويت ۽ بحرين جو هن رستي تي وڌيڪ ڀاڙڻ کين خاص طور حساس بڻائي ٿو. ان جي ابتڙ، سعودي عرب وٽ اوڀر- اولهه تيل پائيپ لائين ذريعي تيل ڪي ڳاڙهي سمنڊ ڪناري ينبع بندرگاهه تائين پهچائڻ جو متبادل رستو موجود آهي. گڏيل عرب رياستن وٽ به فجيره ڏانهن تيل پهچائڻ جو متبادل انتظام آهي. جڏهن ته عمان جا اهم بندرگاهه ساموندي گذرگاهه هرمز کان ٻاهر واقع آهن.

پر متبادل رستن جي موجودگي به مڪمل تحفظ جي ضمانت ناهي. انهن رستن کي به محفوظ رکڻو پوي ٿو ۽ جنگ جي شدت وڌڻ سان واپار جا خرچ ۽ خطرا وڌي سگهن ٿا.

معاشي بحاليءَ لاءِ ڇا ضروري آهي؟

جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ به لازمي ناهي ته معيشت اڳوڻي رفتار سان هلي. ڪمپنيون پنهنجا واپاري رستا تبديل ڪن ٿيون، سيڙپڪار وڌيڪ تحفظ ۽ ضمانتون گهرن ٿا، جڏهن ته انشورنس ۽ ڪاروبار ڪرڻ جي لاڳت به وڌي سگهي ٿي. اهڙي صورتحال ۾ مالي ذخيرا نقصان برداشت ڪرڻ ۾ مدد ڏين ٿا، پر مستقل معاشي استحڪام لاءِ امن ۽ محفوظ واپار ضروري آهن.

نار وارن ملڪن کي گهڻ رخن معاشي ذريعن سان ڳنڍ توانائيءَ جي روانگي واپار وارن متبادل رستن، اهم مرڪزن جي تحفظ ۽ علائقائي دفاعي ۽ لاجسٽڪ سهڪار کي مضبوط ڪرڻو پوندو. ڇاڪاڻ ته هڪ ملڪ جي بندرگاهه، ٻئي ملڪ جي زميني رستن ۽ ٽئين ملڪ جي توانائي وسيلن جو گڏيل استعمال بحرانن جا اثر گهٽائي سگهي ٿو.

بهرحال، سوال رڳو اهو ناهي ته خليجي ملڪن وٽ ڪيتري دولت آهي، پر اهو به آهي ته ڇا اهي ان دولت جي سهاري جنگ ۽ جاگرافيائي چئلينجز جا ڌڪ سهي، پنهنجي معيشتن کي بدلجندڙ خطرن آڏو بيهاري سگهندا؟ جاگرافيائي بيهڪ تبديل نٿي ڪري سگهجي، پر ان مان پيدا ٿيندڙ خطرن کي گهٽائڻ لاءِ منصوبابندي علائقائي سهڪار ۽ امن جون ڪوششون ضرور ڪري سگهجن ٿيون. خليجي معيشتن جو مستقبل رڳو سندن دولت تي نه، پر انهن فيصلن تي به دارومدار رکي ٿو.

ماخذ ۽ حوالو: هي مضمون بي بي سي نيوز عربيءَ جي معاشي معاملن بابت نامانگار ساره فياض جي تجزيي "هل تصمد اقتصادات الخليج امام الحرب وتحديات الجغرافيا؟"(ڇا خليجي معيشتون جنگ ۽ جاگرافيائي چئلينجز آڏو بيهي سگهنديون؟) مان چونڊيل معلومات ۽ خيالن جي بنياد تي ترتيب ڏنو ويو آهي.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 25 آڪٽوبر 2026ع

تيل ڪمپنين جي منافعي ۾ واڌ، حڪومتي نگراني ءَ جي ضرورت

ملڪ ۾ مهانگائيءَ جي ماريل عوام لاءِ پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ لڳاتار واڌ ڪنهن وڏي عذاب کان گهٽ ناهي، ڇاڪاڻ ته تيل جي قيمتن ۾ اضافو رڳو گاڏين جي ٽانڪين تائين محدود نٿو رهي پر ان جا اثر کاڌي پيتي جي شين، زرعي پيداوار، صنعت، واپار ۽ روزمره جي استعمال جي تقريبن هر شيءِ تي پون ٿا. جڏهن پيٽرول ۽ ڊيزل مهانگا ٿين ٿا ته ٽرانسپورٽ جا خرچ وڌي وڃن ٿا، سامان پهچائڻ مهانگو ٿي وڃي ٿو ۽ ان جو بار آخرڪار عام ماڻهوءَ جي کيسي تي پوي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ عوام پنهنجي محدود آمدنيءَ مان گهر جو خرچ پورو ڪرڻ لاءِ پريشان هجي ۽ ٻئي پاسي تيل جون ڪمپنيون ۽ ريفائنريون پنهنجي منافعي ۾ سوين سيڪڙو اضافو رڪارڊ ڪري رهيون هجن ته اهو ڪاروباري ڪاميابيءَ جو نه پر معاشي انصاف، حڪومتي پاليسين ۽ عوامي مفادن جي تحفظ جو بڻجي وڃي ٿو. ميڊيا رپورٽن ۾ ڇاپيل انگ اکر ان صورتحال جا ڪيترائي اهم پهلو سامهون آڻين ٿا. ايران خلاف آمريڪا ۽ اسرائيل جي جنگ ۽ آبناءِ هرمز جي بندش سبب عالمي توانائي مارڪيٽن ۾ غير يقيني صورتحال پيدا ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪچي تيل ۽ ٻين پيٽروليم شين جون قيمتون وڌي ويون. ان عالمي صورتحال جا اثر پاڪستان تي به پيا ۽ جنگ کان اڳ پيٽرول جي قيمت 276 رپيا ۽ ڊيزل جي قيمت 287 رپيا في ليٽر هجڻ جي پيٽ ۾ اهي اگهه 400 رپيا في ليٽر تائين پهچي ويا. مهانگائيءَ جي شرح فيبروريءَ ۾ 7 سيڪڙو هئي، جيڪا اڄ 11 سيڪڙو تي پهتل آهي. اهڙي صورتحال جي باوجود سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ طبقي جي آمدنيءَ ۾ واڌ ته نٿي ٿئي پر هيٺو خرچ هر مهيني وڌندا رهن ٿا.

حڪومت کي اهو به ڏسڻو پوندو ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ ڪيترو حصو عالمي مارڪيٽ جي اگهن، رپئي جي مٽاسٽا واري شرح، درآمدي خرچن ليوي ۽ ٻين سرڪاري ٽئڪسن جو آهي، جڏهن ته ڪيترو حصو ريفائنرين ۽ مارڪيٽنگ ڪمپنين جي لاڳت ۽ منافعي سان لاڳاپيل آهي. جيڪڏهن حڪومت عالمي قيمتن ۾ واڌ جو جواز ڏئي عوام تي بار وجهي ٿي ته پوءِ ان کي اهو به يقيني بڻائڻ گهرجي ته ڪمپنيون غيرمعمولي منافعي جي نالي تي گراهڪن جو استحصال نه ڪن. قيمتن جي تعين واري نظام ۾ شفافيت، ڪمپنين جي مالي انگن اکرن جي آزاد جاچ ۽ لاڳاپيل ادارن جي اثرائتي نگرانيءَ کان سواءِ عوام جي خدشن کي ختم نٿو ڪري سگهجي. ان سلسلي ۾ تيل ۽ گئس جي شعبي جي نگران ادارن، قانون تي عمل ڪرائيندڙ اختيارين ۽ مالي نگراني ڪندڙ ادارن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. حقيقت اها آهي ته پاڪستان جو عام ماڻهو اڳ ئي مهانگائي، بيروزگاري، گهٽ آمدني ۽ وڌندڙ گهريلو خرچن سبب سخت پريشان آهي. اهڙي صورتحال ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگهه وڌڻ سان سندس زندگي وڌيڪ ڏکي ٿي وڃي ٿي. جڏهن ته تيل جي شعبي ۾ ڪمپنين جي منافعي ۾ سوين سيڪڙو واڌ جا انگ اکر ڪيترائي سوال پيدا ڪن ٿا. بهرحال حڪومت کي گهرجي ته اها انهن انگن اکرن جي بنياد تي جاچ ڪرائي ته ڇا منافعي ۾ واڌ جا اصل سبب عوام آڏو آڻي ۽ اهو يقيني بڻايو وڃي ته عالمي بحران کي ڪنهن به ڌر لاءِ ناجائز فائدي جو ذريعو بڻجڻ ڏنو نه ويندو. ڇاڪاڻ ته معاشي پاليسين جي ڪاميابيءَ جو اندازو رڳو ڪمپنين جي وڌندڙ منافعي مان نه پر ان ڳالهه مان به لڳايو ويندو آهي ته عام ماڻهوءَ کي ڪيترو رليف مليو؟ سندس خريداريءَ جي سگهه ڪيتري محفوظ رهي ۽ سندس زندگي ڪيتري آسان ٿي؟ جيڪڏهن ملڪ ۾ تيل جي ڪمپنين جا منافعو وڌندو رهي ٿو ۽ عوام لاءِ پيٽرول، ٽرانسپورٽ ۽ روزمره جون ضرورتون ناقابلِ برداشت ٿين ٿيون ته اهڙي صورتحال تي نظرثاني ڪرڻ لازمي آهي. اسان سمجهون ٿا ته حڪومت کي پيٽروليم شين جي اگهن بابت فيصلن ۾ عوام جي قوتِ خريد کي بنيادي اهميت ڏيڻ گهرجي. ان کان علاوه هر ڀيري عالمي مارڪيٽ ۾ اگهه وڌڻ تي سڄو بار عوام ڏانهن منتقل ڪرڻ ۽ اگهه گهٽ ٿيڻ وقت شفافيت نه رکڻ سان حڪومتي پاليسين تي عوام جو اعتماد متاثر ٿئي ٿو. تيل جي شعبي بابت عوام کي واضح ڄاڻ ڏيڻ سان ئي اهو اعتماد بحال ٿي سگهي ٿو.

طاقت جي ڊوڙ ۽ انسانيت جو الميو!

منظور ڪوسو

ماڻهو فطرت جي هڪ اهڙي نازڪ، نفيس، حساس ۽ جسماني طور ڪمزور مخلوق آهي جيڪا زماني جي گرم ۽ سرد حالتن ڏکن ۽ تڪليفن کي برداشت ڪرڻ جي به ڪا خاص سگهه نه ٿي رکي. ها پر جيڪڏهن حالتن جو جبر وڌي وڃي ٿو ته انسان لاچار ٿيو پوي، ڇاڪاڻ ته کي حالتون اهڙيون هونديون آهن جن آڏو سندس اختيار ۽ وس محدود ٿي ويندا آهن سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ...

آمريڪا جي فضائن مان

’هڪ شام انو ڪپور جي نالي‘

راجا زاهد اختر خانزاده

ورهايل دنيا ۾ لاڳاپن جون پُلون اڏڻ!

فضل ڪريم دادا پاڻي

(نوٽ: ليڪ پاڪستان جو هڪ ...)

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

سنڌ جي نيائين کي جيئڻ جو حق ڪڏهن ملندو؟

... ۽ فيصلي جو اختيار قانون ۽ عدالتن وٽ آهي ته ڪي ڪنهن هٿياربند ٽولي جرڳي يا ذاتي انتقام وٺندڙ ماڻهن وٽ آهي حڪومت، پوليس، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سميت لاڳاپيل ڌرين جي ذميواري آهي ته اهڙي تُهمت جي نالي تي ٿيندڙ قتلن کي روڪڻ لاءِ صرف بيانن ۽ مذمتي قراردادن تائين محدود نه رکي پر عملي قدم کڻي پوليس کي اهڙين شڪايتن تي فوري ڪارروائي جو پابند بڻائي ۽ انهن اهلڪارن خلاف به قدم کڻڻ گهرجن جيڪي اهڙو واقعو پيش اچڻ تي غفلت ڪن ٿا ۽ جوابدارن کي تحفظ ڏين ٿا. (خرم سنديلو)

اڄوڪو ڏينهن ...... 25 آڪٽوبر

مرزا قنبر علي بيگ

مرزا قنبر علي بيگ جو جنم 25 آڪٽوبر 1906ع تي ٽنڊي ٺوڙهي حيدرآباد ۾ ٿيو هن ايل ايل بي جي سند حاصل ڪئي ۽ عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ وڪيل جي حيثيت ۾ ڪئي اڳتي هلي ترقي ڪري سيشن جج مقرر ٿيو هو هڪ قادرالڪلام شاعر پڻ هو هن جي شاعريءَ ۾ حمد، نعتون، مرثيه، نوحه، سلام، منقبتون، قصيده، غزل ۽ ڪافيون شامل آهن هن ڪجهه مزاحيه شاعري به ڪئي سنڌيءَ سان گڏ اردوءَ ۾ به شعر لکيائين سندس شاعريءَ جا مجموعا "ڪليات حيدري" (سنڌي) ۽ "ڪليات حيدري" (اردو) ڇپجي چڪا آهن هن 25 سيپٽمبر 1972ع ۾ ايران جي شهر مشهد ۾ وفات ڪئي

ورتائين مسرور پنهور سياست ۾ به ڪافي سرگرم هو شروع ۾ سنڌ هاري ڪميٽيءَ سان سندس سلڪ رهيو، اڳتي هلي يونين ڪائونسل ٽليپوٽا جو ناظم مقرر ٿيو هو هڪ بهترين مزاحمتي شاعر پڻ هو سندس شاعريءَ جو مجموعو "زندگي ماڪ ڦڙا" نالي سان ڇپيل آهي هن 10 آگسٽ 2004ع تي وفات ڪئي

مختيار انڙ

سڪونت اختيار ڪيائين انهيءَ شهر ۾ پنهنجي دوست نظر سنڌيءَ جي صحبت ڪيس هيڻهر شاعريءَ طرف مائل ڪيو هن سنڌيءَ ۽ سرائڪي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي سندس شاعريءَ جا ٻه مجموعا "اکڙيون مينگهه ملهار" ۽ "ٻوٽڻون بس نه ڪن" ڇپجي پڌرا ٿيا هن 25 آڪٽوبر 1988ع تي وفات ڪئي

شاهده ڪوڪر



هن مشهور ليکڪا، شاعره، ڪهاڻيڪاره ۽ ڪالم نگار جو جنم 25 آڪٽوبر 1961ع تي پير ڳوٺ، تعلقي ٺٽين ديري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو هوءَ هڪ اعليٰ تعليم يافته خاتون هئي جنهن ايم اي ...

اسماعيل گلجي

اسماعيل گلجي پاڪستان جو مشهور مصور ۽ خطاط هو هن جو جنم 25 آڪٽوبر 1926ع تي ...



ڊاڪٽر تجر عباسي

سنڌ جي هن مهان ڪهاڻيڪار ۽ برک اديب جو جنم 17 يا 18 آڪٽوبر 1927ع تي نوشهري فيروز جي شهر خانواهڻ ۾ ٿيو هن ...



سيد گل محمد شاهه بخاري



شادي فقير



مسرور پنهور

زبيده بلوچ

بردو سنڌي

ورهايل دنيا ۾ لاڳاپن جون پُلون اڏڻ!

فضل ڪريم دادا پاٽي

اڄ جي وڌندڙ غير يقيني صورتحال واري دنيا ۾ ملڪن وچ ۾ اختلافن کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ بدران، انهن وچ ۾ لاڳاپن جون پلون اڏڻ جي صلاحيت ڪنهن به ملڪ جي عالمي امن لاءِ انتهائي اهم خدمتن مان هڪ آهي پاڪستان جو تجربو اهو ثابت ڪري ٿو ته سفارتڪاري رڳو طاقت جي بنياد تي نه پر اعتماد، مستقل مزاجي ۽ اهڙي صلاحيت تي به قائم هوندي آهي، جنهن جي مدد سان انتهائي ڏکين اختلافن باوجود ڳالهه ٻولهه جا دروازا کليل رکي سگهجن ٿا. دنيا ۾ ڪي ملڪ پنهنجي فوجي طاقت سبب ياد رکيا وڃن ٿا ته ڪي وري پنهنجي معاشي قوت جي ڪري سڃاتا وڃن ٿا، پر ڪجهه ملڪ اهڙا به آهن جيڪي تاريخ ۾ پنهنجي ان صلاحيت جي ڪري نمايان حيثيت حاصل ڪن ٿا

...

ملڪ طرفان عالمي امن لاءِ ڏنل اهم ترين خد...
اڄ به اوترو ئي اهم آهي جيترو ماضيءَ ۾ ه...
سفارتڪاري، دشمنيءَ بدران انسانيت ۽ اشت...

(نوٽ: ليکڪ پاڪستان جو ه...

بي آئيور (آئيوري ڪوسٽ) جو اعزازي...
لاڳاپن جي شعبن ۾ ڪيترن ئي ڏها...
ترقي، ڪارپوريٽ سماجي ذميواري ۽ ...
سفارتي لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ جي...

آمريڪا جي فضائن مان ’هڪ شام انو ڪپور جي نالي‘

راجا زاهد اختر خانزاده

ڪي شامون وقت گذرڻ جو نالو نه هونديون آهن، اهي يادن ۽ احساسن جي اهڙي داستان بڻجي وينديون آهن، جيڪا دير تائين دل تي پنهنجا نشان ڇڏي ويندي آهي. انهن ۾ نه ڪا رسمي اسٽيج هوندي آهي ۽ نه سوالن جي اڳواٽ ٺهيل فهرست، بس ڪچهري هوندي آهي، جيڪا ڪڏهن تاريخ جي گهٽين ۾ نڪري ويندي آهي، ڪڏهن فلسفي جي در تي دستڪ ڏيندي آهي ۽ ڪڏهن انسانيت جي ان گڏيل اڱڻ ۾ اچي ترسندي آهي، جتي مذهب، سرحد ۽ سڃاڻپ کان اڳ انسان بيٺل هوندو آهي. ڊيلس ۾ ناميارو پارٽي اداڪار فنڪار دانشور ۽ مقبول ٽي وي پروگرام ’انتاڪشري‘ جي ميزبان انو ڪپور سان گڏ گذاريل شام به اهڙي ئي هئي. هو ناميارو

پولين، موسيقي ڪاڏا ۽ رسمون ايترين هڪجهڙيون آهن اهي ايترو پري ڇو آهن؟ جنگين جي تاريخ ۽ بي اعتمادي حقيقت آهي جن کي سهڻن لفظن سان ميٽي نٿو سگهجي پر ڇا انهن جي هوندي تهذيبي احترام به ناممڪن آهي؟ ڪڏهن ڪڏهن امن جي شروعات ڪنهن وڏي معاهدي کان اڳ هڪ ٻئي کي ٻڌڻ جي آمادگيءَ سان ٿيندي آهي سنڌ جو ذڪر آيو ته انو ڪپور لال ڪرشن ايڊواڻي ۽ سنڌس سنڌ سان نسبت جو حوالو ڏنو پوءِ ڳالهه ٻولهه تصوف ڏانهن

...

ته اسان ڪڏهن به پنهنجي پرفارمنس يا عوامي تقريب ۾ پاڪستان جي ڌرتيءَ بابت ڪا توهين آميز ٻولي استعمال ناهي ڪئي ۽ دهليءَ جي لال قلعي ۾ پنهنجي هڪ تقريب جو حوالو ڏنو سنڌس لفظ هئا: ’اسان پنهنجي وطن سان محبت ثابت ڪرڻ لاءِ پاڪستان جي باري ۾ غلط ڳالهه ڇو ڪريان؟ بلڪ آئون اهو ڪيئن وساري سگهان ٿو ته اها ڌرتي منهنجي وڏڙن جي به ڌرتي آهي‘ اهو جملو دير تائين منهنجي ذهن ۾ ٻوڙندو رهيو جيڪڏهن آئون پنهنجي ماءُ سان محبت ڪريان ٿو ته ڇا ان جي اظهار لاءِ ڪنهن ٻئي جي ماءُ جي توهين ضروري آهي؟ سرحدون زمين تي ڪڍيون وڃن ٿيون، يادن جا نقشا انهن جا پابند نه هوندا آهن وطن سان محبت فطري جذبو آهي پر ان کي نفرت ۾ بدلائي ڇڏڻ انسان جي پنهنجي چونڊ آهي محبت جي شرط ناهي مستقبل بابت البت سنڌس لهجو حقيقتن تي ٻڌل، بلڪ ٿورو مايوس هو هن امن جي خواهش ظاهر ڪئي پر چيو ته هو 70 سالن جا ٿي چڪا آهيون ۽ پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪنهن وڏي تبديليءَ جي اميد نٿا رکو چيائين ته شايد اسين قيامت تائين هڪ ٻئي سان اٿين ئي مختلف مسئلن تي ڇڪتاڻ ڪيو ويٺل رهنداسين پاڙيسرين جو مثال ڏيندي چيائين ته ڪڏهن ڪڏهن رنجش ٿئي ٿي پر مسلسل ڇڪتاڻ ڪين مناسب نٿو لڳي محفل ۾ تهڪ گونججي ويا پر ان ڇرچڙي جي پٺيان هڪ سوال لڪل هو؛ جن ٻن ملڪن جون

حصي ۾ آهي ته جيئڻ ناظرين اهي ڳالهيون سنڌس ئي واتان ٻڌي سگهن ضروري ناهي ته اسين سنڌس هر ڳالهه سان متفق هجون پر اهو به ضروري ناهي ته اختلاف ڪانپوءِ ڳالهه ٻولهه جو در بند ڪيو وڃي ڇو ته علم جي دنيا ۾ سوال جيئرا رهڻ گهرجن ۽ تهذيب جي دنيا ۾ ڪچهري

وايسيءَ تي هڪ ئي خيال مون سان گڏ هلندو رهيو هڪ ماءُ جنهن مذهب کان مٿاڀرين ٿي علم ورهايو، مسلمان شاگرد جيڪي آخري سفر ۾ به پنهنجي هندو استاد سان گڏ بيٺل رهيا هڪ ماڻهو جنهن ڪتابن مان فڪري آزادي ماڻي ۽ هڪ فنڪار جيڪو پنهنجي وطن سان محبت لاءِ ٻئي جي وطن جي توهين کي ضروري نٿو سمجهي ظاهري طور تي اهي سڀ الڳ الڳ ڪهاڻيون هيون پر انهن جي وچ ۾ هڪ ئي لڪير هئي انسان جي سڃاڻپ رڳو سنڌس مذهب يا جاگرافي ناهي پر اها به آهي ته هو ٻئي انسان جي علم، ڏک ۽ وجود جو ڪيترو احترام ڪري ٿو؟ انسان زمين تي ڪيترين ئي سرحدون ڪڍي ڇڏيون پر محبت، علم ۽ يادن جي سفر کي روڪيندڙ ڪا سرحد اڄ تائين ناهي ٺاهي سگهيو، شايد انسانيت جي معراج اها ئي آهي ته اختلاف باقي رهي پر احترام ختم نه ٿئي سرحدون موجود رهن پر دلين جا در بند نه ٿين اها شام گذري وئي پر انهيءَ جي ڪچهري، سوال ۽ يادون مون سان گڏ رهنديون

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

...

جنهن جي نلي تي انسان جون زندگيون ختم ڪيون وڃن ٿيون ۽ پوءِ ان قتل کي غيرت جو نالو ڏئي سماج آڏو پيش ڪيو وڃي ٿو. ڪيترن ئي علائقن مان مختلف وقتن تي ڪارو ڪاريءَ جي نلي تي قتل جا واقعا سامهون ايندا رهيا آهن انهن واقعن جي پويان رڳو هڪ انسان جو قتل ناهي هوندو پر هڪ خاندان جي خوشين جو خاتمو، ٻارن جي مستقبل تي اونداهي ماءُ پيءُ جي سڄي عمر جي اذيت ۽ سماج جي ضمير تي هڪ وڏو سوال هوندو آهي ته ڏينهن اڳ پنهنجي عاقل واسڻ ڇٽن ٻارن جي ماءُ صدرا سميجو ۽ سنڌس مڙس ديدار شيخ کي

۽ فيصلي جو اختيار قانون ۽ عدالتن وٽ آهي نه ڪي ڪنهن هٿياربند ٽولي جرڳي يا ذاتي انتقام وٺندڙ ماڻهن وٽ آهي حڪومت، پوليس قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سميت لاڳاپيل ڌرين جي ذميواري آهي ته اهڙي تهمت جي نلي تي ٿيندڙ قتلن کي روڪڻ لاءِ صرف بيانن ۽ مذمتي قراردادن تائين محدود نه رکي پر عملي قدم کڻي پوليس کي اهڙين شڪايتن تي فوري ڪارروائي جو پابند بڻائي ۽ انهن اهلڪارن خلاف به قدم کڻڻ گهرجن جيڪي اهڙو واقعو پيش اچڻ تي غفلت ڪن ٿا ۽ جوابدارن کي تحفظ ڏين ٿا. (خرم سنڌيلو)

اڄوڪو ڏينهن ..... 25 آڪٽوبر

مرزا قنبر علي بيگ

مرزا قنبر علي بيگ جو جنم 25 آڪٽوبر 1906ع تي ٽنڊي ٺوڙهي حيدرآباد ۾ ٿيو. هن ايل ايل بي جي سند حاصل ڪئي ۽ عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ وڪيل جي حيثيت ۾ ڪئي اڳتي هلي ترقي ڪري سيشن جج مقرر ٿيو. هو هڪ قادرالڪلام شاعر پڻ هو. هن جي شاعريءَ ۾ حمد، نعتون، مرثيه، نوحه، سلام، منقبتون، قصيده، غزل ۽ ڪافيون شامل آهن. هن ڪجهه مزاحيه شاعري به ڪئي سنڌيءَ سان گڏ اردوءَ ۾ به شعر لکيائين. سنڌس شاعريءَ جا مجموعا ”ڪليات حيدري“ (سنڌي) ۽ ”ڪليات حيدري“ (اردو) ڇپجي چڪا آهن. هن 25 سيپٽمبر 1972ع ۾ ايران جي شهر مشهد ۾ وفات ڪئي

ورتائين. مسرور پنهور سياست ۾ به ڪافي سرگرم هو. شروع ۾ سنڌ هاري ڪميٽيءَ سان سنڌس ساٿ رهيو. اڳتي هلي يونين ڪائونسل ڏليپوٽا جو ناظم مقرر ٿيو. هو هڪ بهترين مزاحمتي شاعر پڻ هو. سنڌس شاعريءَ جو مجموعو ”زندگي ماڪ ڦڙا“ نالي سان ڇپيل آهي. هن 10 آگسٽ 2004ع تي وفات ڪئي

مختيار انڙ

سڪونت اختيار ڪيائين. انهيءَ شهر ۾ پنهنجي دوست نظر سنڌيءَ جي صحبت ڪيس پيهر شاعريءَ طرف مائل ڪيو. هن سنڌيءَ ۽ سرائيڪي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي. سنڌس شاعريءَ جا ٻه مجموعا ”اکڙيون مينگهه ملهار“ ۽ ”ٻوٽڙيون بس نه ڪن“ ڇپجي پڌرا ٿيا. هن 25 آڪٽوبر 1988ع تي وفات ڪئي

...

1934ع لکيل آهي حيدرآباد جي قاضي قيوم پرائمري اسڪول مان ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين. هن سنڌي فائنل، اديب ۽ اديب فاضل جا امتحان پاس ڪيا. عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪيائين ۽ 1996ع ۾ رٽائر ٿي ڳائڻ جي ابتدائي تربيت دادي ليلاوتيءَ کان حاصل ڪيائين. 1960ع ڌاري ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڳائڻ شروع ڪيائين. اڳتي هلي ٽيليويزن تي به پنهنجي آواز جو جادو جاڳايائين. ريڊيو تي استاد محمد جمن کان راڳ جي باقاعدي سکيا ورتائين. سنڌس ڳايل سوين صوفي ڪلام، لوڪ گيت ۽ قومي گيت سنڌي موسيقيءَ جي دنيا جو وڏو سرمايو آهن. هن ڳائڻ سان گڏ ڪيترن ئي ريڊيو ڊرامن ۾ صداڪاري پڻ ڪئي. هوءَ هڪ بهترين ڪهاڻيڪاره ۽ مترجم پڻ هئي. سنڌس پهرين ڪهاڻي ماهوار روح رهاڻ ۾ ڇپي هئي. اڳتي هلي سنڌس لکيل ۽ ترجمو ڪيل ڪهاڻين جو مجموعو ”تنهنجي ڳولا تنهنجون ڳالهيون“ ڇپجي پڌرو ٿيو. هن 25 آڪٽوبر 2005ع تي دم ڏنو. حوالي ڪيو. مشهور ليکڪ نصير مرزا ”جيجي زرينا بلوچ- شخصيت ۽ فن“ جي نالي سان هڪ ڪتاب ترتيب ڏئي ڇپرايو آهي جيڪو هڪ پڙهڻ جهڙو ڪتاب آهي

شاهده ڪوڪر



هن مشهور ليکڪا، شاعره، ڪهاڻيڪاره ۽ ڪالم نگار جو جنم 25 آڪٽوبر 1961ع تي پير ڳوٺ، تعلقي ٺٽين ديري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هوءَ هڪ اعليٰ تعليم يافته خاتون هئي جنهن ايم اي (سنڌي ادب)، ايم اي (اسلامڪ ڪلچر) ۽ ايم اي (صحافت) جون سندون حاصل ڪيون. هن عملي زندگي اسڪول جي استاد طور گذاري. هڪ مضمون نگار طور ادبي دنيا ۾ پير پاتائين. سنڌس اوائلي مضمون ”روزاني هلال پاڪستان اخبار“ ۾ ڇپيا. ان کان پوءِ هن ڪافي عرصي تائين انهيءَ اخبار ۾ ”جهاتيون“ عنوان سان ڪالم لکيا. هن جي شاعري، ڪهاڻيون ۽ ٻيو ادبي مواد مختلف ادبي رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻيو. سنڌس ڇپيل ڪتابن ۾ ”ٻري هن پنيور ۾“ (ڪهاڻيون)، ”ريشمي خواب ۽ تنهائي“ (شاعري)، ”هانءُ هاريو هتان“ (شاعري) ۽ ”آهين تون هن پار“ (شاعري) شامل آهن. هن 11 نومبر 2018ع تي هن دنيا کان موڪلائي ڪئي

اسماعيل گلجي



اسماعيل گلجي پاڪستان جو مشهور مصور ۽ خطاط هو. هن جو جنم 25 آڪٽوبر 1926ع تي پشاور ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم مريءَ جي لارنس ڪاليج مان حاصل ڪئي. ان بعد علي ڳڙهه، ڪولمبيا ۽ هارورڊ يونيورسٽين مان اعليٰ تعليم حاصل ڪيائين. هن کي ننڍي هوندي کان ئي تصويرن ۽ مورتين ٺاهڻ سان دلچسپي رهي. آمريڪا ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران سنڌس ذات ڏيهان ڏيهه مشهوري ماڻي. شروع ۾ هن مختلف شخصيتن جون تصويرون ۽ مورتيون ٺاهي مڃتا حاصل ڪئي. هن جن بين الاقوامي شخصيتن جون تصويرون ٺاهيون، تن ۾ آمريڪا جو صدر جمي ڪارٽر، جارج ڊبليو بش، شاهه فيصل، ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ٻيا اهم اڳواڻ شامل هئا. اڳتي هلي اسلامي خطاطي ۽ تجريدي آرٽ ۾ به وڏو نالو ڪمايائين. سنڌس فن کي مڃتا ڏيندي پاڪستان سرڪار کيس هلال امتياز ۽ ستاره امتياز جهڙن اهم اعزازن سان نوازيو. 16 ڊسمبر 2007ع تي کيس پنهنجي ئي گهر ۾ پنهنجي گهر واريءَ ۽ هڪ نوڪرياڻيءَ سان گڏ قتل ڪيو ويو. انهيءَ قتل جي ڏوهه ۾ هن جي ڊرائيور ۽ هڪ نوڪر کي مئي 2017ع ۾ عمر قيد جي سزا ڏني وئي

ڊاڪٽر تنوير عباسي

سنڌ جي هن مهان ڪهاڻيڪار ۽ برک اديب جو جنم 17 يا 18 آڪٽوبر 1927ع تي نوشهري فيروز جي شهر خانواهڻ ۾ ٿيو. هن ٻارهين ڪلاس تائين تعليم خانواهڻ ۽ نوابشاهه جي اسڪولن مان حاصل ڪئي. ان بعد ڊائو ميڊيڪل ڪاليج مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪري ڊاڪٽر بڻيو. هن پهرين ڪهاڻي ”همت ۽ ڪوشش“ 1944ع ۾ لکي جيڪا 1949ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي. هن 3 سئو 50 کان وڌيڪ ڪهاڻيون لکيون ۽ سنڌس ڪتابن جو تعداد 30 کان به وڌيڪ آهي. هن جي مشهور ڪهاڻين جي ڪتابن ۾ ”طوفان جي تمنا“، ”پٿر تي ليڪو“، ”جيڪي منهنجي من ۾ آهي“، ”ڪاچٽي“، ”اڻ سور سهي“، ”رشتا ناتا“، ”سورج هوندي مرجهايل“، ”للڪار“، ”پروفيسر“، ”ڪارون هن ديوانيءَ جون“، ”ڪهاڻيءَ جو قافلو“ ۽ ”چونڊ ڪهاڻين مان چونڊ“ شامل آهن. هن جيڪي ناول لکيا، تن ۾ ”پيار ڪهاڻي“، ”بلنديون“ ۽ ”تلاش“ شامل آهن. ان کان علاوه هن ڪيترين ئي ڪهاڻين ۽ ناول ڏارين ٻولين مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا. هن عظيم ليکڪ جي حياتيءَ جو سفر 25 آڪٽوبر 1995ع تي پڄاڻيءَ تي پهتو



سيد گل محمد شاهه بخاري

اڄ سنڌ جي مشهور محقق، عالم ۽ اديب سيد گل محمد شاهه بخاريءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. ادبي دنيا ۾ کيس گل بخاريءَ جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. اڪثر حوالن ۾ هن جي جنم جي تاريخ 21 آگسٽ 1960ع ڄاڻايل آهي البت ماهوار نئين زندگيءَ جي آڪٽوبر نومبر ڊسمبر 2008ع واري شماري ۾ 21 بجاءِ 24 آگسٽ لکيل آهي. سنڌس جنم جو هنڌ شهدادڪوٽ ۽ والد جو نالو سيد غلام شاهه بخاري آهي. هن اسلامڪ ڪلچر، پوليٽيڪل سائنس، سنڌي، مسلم هسٽري، عربي ۽ فارسيءَ ۾ ماسٽر ڊگريون حاصل ڪيون. عملي زندگيءَ جي شروعات تعليم کاتي ۾ ڪاليج ليڪچرار طور ڪيائين. 1977ع ڌاري هڪ شاعر طور ادبي دنيا ۾ پير پاتائين ۽ اڳتي هلي نظم ٺوڙي نثر ۾ پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪيائين. نظم ۾ ڊاڪٽر نذير احمد جروار ۽ نثر ۾ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي سنڌس استاد هئا. هن سنڌي ۽ اردوءَ ۾ 52 ڪتاب لکيا آهن جن ۾ نثر ۽ نظم سان گڏ ترجمو ۽ تاليف ٿيل ڪتاب به شامل آهن. هن پنهنجي رهائشگاهه تي هڪ شاندار ”سيرت لائبريري“ قائم ڪئي هئي جنهن ۾ 15 هزار کان وڌيڪ ناياب ديني ڪتاب ۽ قرآن شريف جا نسخا موجود هئا. هن کي 1991ع کان 2015ع تائين 8 ڀيرا صدارتي ايوارڊ سان نوازيو ويو. هن 25 آڪٽوبر 2023ع تي وفات ڪئي

شادي فقير

شادي فقير سنڌ جو مشهور لوڪ فنڪار هو. هن عمرڪوٽ ضلعي جي ڳوٺ ابوبڪر سومري ۾ اکيون کوليون. سنڌس والد جو نالو اڪبر فقير منگڻهار هو. سنڌس ڏاڏو عيسو فقير پنهنجي دور جو بهترين سارنگي نواز ۽ دهلاري هو. ننڍي هوندي کان ئي ڳائڻ شروع ڪيائين. راڳ ۾ استاد خير محمد سنڌس استاد هو. 1972ع کان ريڊيو تي به ڳائڻ شروع ڪيائين. تاريخ 25 آڪٽوبر 1980ع تي سمن سرڪار جي درگاهه تي سنڌس روح جو پکي پرواز ڪري ويو

مسرور پنهور

مسرور پنهور پنهنجي دور جو مشهور شاعر، سماجي خدمتگار ۽ سياستدان هو. سنڌس پورو نالو محمد خان ولد حاجي نبي بخش سولنگي هو ۽ هن جو جنم 25 آڪٽوبر 1947ع تي تعلقي ڀريا ضلعي نوشهروفيروز جي ڳوٺ پٺي سولنگيءَ ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ اڳتي هلي بي ايڊ ۽ ايم اي جون سندون حاصل ڪيون. عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪيائين. ان بعد تعليم کاتي ۾ سپروائيزر مقرر ٿيو ۽ 1998ع ۾ رٽائرمينٽ

زرينه بلوچ

زرينه بلوچ سنڌ جي قومي گيتن جي راڻي، بهترين ليکڪا ۽ اساهيندڙ استاد هئي. هن جا ڳايل لاڏائي لوڪ گيت ۽ جوش ۽ جذبي سان ڀريل قومي گيت ۽ وايون اڄ به سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مشهور آهن. هن جي شخصيت سنڌ جي هر ماڻهوءَ لاءِ عزت ۽ احترام جو اهڃاڻ هئي اهوئي سبب آهي جو اسين اڄ به هن کي ”جيجي“ جي نالي سان ياد ڪريون ٿا. هن سنڌي لوڪ گيتن کي پنهنجي سريلي آواز جو روپ ڏئي هميشه هميشه لاءِ امر بڻائي ڇڏيو. گلوڪار شيخ اياز، علي بابا ۽ امداد حسينيءَ سميت سنڌ جي جديد انقلابي شاعرن جي

برڙو سنڌي

هن مشهور شاعر جي ڄمڻ جو نالو محمد رمضان ۽ والد جو نالو خداڏنو لاشاري هو. هو 15 مارچ 1922ع تي ميرپور ماٿيلي جي ڳوٺ ماڪن ڪوريءَ ۾ ڄائو. هن پرائمري اسڪول ۾ پڙهڻ دوران شاعري شروع ڪئي. البت هڪ ڊگهي عرصي تائين شاعري ڪرڻ ڇڏي ڏنائين. اڳتي هلي پنهنجو ڳوٺ ڇڏي نوابشاهه ۾ مستقل

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

روزاني عبرت

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277

Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191

Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 25 آڪٽوبر 2026ع

تيل ڪمپنين جي منافعي ۾ واڌ، حڪومتي نگرانيءَ جي ضرورت

ملڪ ۾ مهانگائيءَ جي ماريل عوام لاءِ پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ لڳاتار واڌ ڪنهن وڏي عذاب کان گهٽ ناهي، ڇاڪاڻ ته تيل جي قيمتن ۾ اضافو رڳو گاڏين جي ڀاڙن تائين محدود نٿو رهي پر ان جا اثر ڪاڌي پيتي جي شين، زرعي پيداوار، صنعت، واپار ۽ روزمره جي استعمال جي تقريبن هر شيءِ تي پون ٿا. جڏهن پيٽرول ۽ ڊيزل مهانگا ٿين ٿا ته ٽرانسپورٽ جا خرچ وڌي وڃن ٿا، سامان پهچائڻ مهانگو ٿي وڃي ٿو ۽ ان جو بار آخرڪار عام ماڻهوءَ جي کيسي تي پوي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ عوام پنهنجي محدود آمدنيءَ مان گهر جو خرچ پورو ڪرڻ لاءِ پريشان هجي ۽ ٻئي پاسي تيل جون ڪمپنيون ۽ ريفائنريون پنهنجي منافعي ۾ سوين سيڪڙو اضافو رڪارڊ ڪري رهيون هجن ته اهو ڪاروباري ڪاميابيءَ جو نه پر معاشي انصاف، حڪومتي پاليسين ۽ عوامي مفادن جي تحفظ جو بڻجي وڃي ٿو. ميڊيا رپورٽن ۾ ڄاڻايل انگ اکر ان صورتحال جا ڪيترائي اهم پهلو سامهون آڻين ٿا. ايران خلاف آمريڪا ۽ اسرائيل جي جنگ ۽ آبناءِ هرمز جي بندش سبب عالمي توانائي مارڪيٽن ۾ غير يقيني صورتحال پيدا ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ ڪچي تيل ۽ ٻين پيٽروليم شين جون قيمتون وڌي ويون. ان عالمي صورتحال جا اثر پاڪستان تي به پيا ۽ جنگ کان اڳ پيٽرول جي قيمت 276 رپيا ۽ ڊيزل جي قيمت 287 رپيا في ليٽر هجڻ جي پيٽ ۾ اهي اگهه 400 رپيا في ليٽر تائين پهچي ويا. مهانگائيءَ جي شرح فيبروريءَ ۾ 7 سيڪڙو هئي، جيڪا اڄ 11 سيڪڙو تي پهتل آهي. اهڙي صورتحال جي باوجود سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ طبقي جي آمدنيءَ ۾ واڌ نه ٿئي پر پيٽ خرچ هر مهيني وڌندا رهن ٿا.

حڪومت کي اهو به ڏسڻو پوندو ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ ڪيترو حصو عالمي مارڪيٽ جي اگهن، رپئي جي مٽاسٽا واري شرح، درآمدي خرچن، ليوي ۽ ٻين سرڪاري ٽئڪسن جو آهي، جڏهن ته ڪيترو حصو ريفائنرين ۽ مارڪيٽنگ ڪمپنين جي لاڳت ۽ منافعي سان لاڳاپيل آهي. جيڪڏهن حڪومت عالمي قيمتن ۾ واڌ جو جواز ڏئي عوام تي بار وجهي ٿي ته پوءِ ان کي اهو به يقيني بڻائڻ گهرجي ته ڪمپنيون غيرمعمولي منافعي جي نالي تي گراهڪن جو استحصال نه ڪن. قيمتن جي تعين واري نظام ۾ شفافيت، ڪمپنين جي مالي انگن اکرن جي آزاد جاچ ۽ لاڳاپيل ادارن جي اثرائتي نگرانيءَ کان سواءِ عوام جي خدشن کي ختم نٿو ڪري سگهجي. ان سلسلي ۾ تيل ۽ گئس جي شعبي جي نگران ادارن، قانون تي عمل ڪرائيندڙ اختيارين ۽ مالي نگراني ڪندڙ ادارن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. حقيقت اها آهي ته پاڪستان جو عام ماڻهو اڳ ئي مهانگائي، بيروزگاري، گهٽ آمدني ۽ وڌندڙ گهريلو خرچن سبب سخت پريشان آهي. اهڙي صورتحال ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جا اگهه وڌڻ سان سنڌس زندگي وڌيڪ ڏکي ٿي وڃي ٿي، جڏهن ته تيل جي شعبي ۾ ڪمپنين جي منافعي ۾ سوين سيڪڙو واڌ جا انگ اکر ڪيترائي سوال پيدا ڪن ٿا. بهرحال حڪومت کي گهرجي ته اها انهن انگن اکرن جي بنياد تي جاچ وٺي، منافعي ۾ واڌ جا اصل سبب عوام آڏو آڻي ۽ اهو يقيني بڻايو وڃي ته عالمي بحران کي ڪنهن به ڌر لاءِ ناجائز فائدي جو ذريعو بڻجڻ ڏنو نه ويندو. ڇاڪاڻ ته معاشي پاليسين جي ڪاميابيءَ جو اندازو رڳو ڪمپنين جي وڌندڙ منافعي مان نه پر ان ڳالهه مان به لڳايو ويندو آهي ته عام ماڻهوءَ کي ڪيترو رليف مليو؟ سنڌس خريداريءَ جي سگهه ڪيتري محفوظ رهي ۽ سنڌس زندگي ڪيتري آسان ٿي؟ جيڪڏهن ملڪ ۾ تيل جي ڪمپنين جا منافعو وڌندو رهي ٿو ۽ عوام لاءِ پيٽرول، ٽرانسپورٽ ۽ روزمره جون ضرورتون ناقابلِ برداشت ٿين ٿيون ته اهڙي صورتحال تي نظرثاني ڪرڻ لازمي آهي. اسان سمجهون ٿا ته حڪومت کي پيٽروليم شين جي اگهن بابت فيصلن ۾ عوام جي قوتِ خريد کي بنيادي اهميت ڏيڻ گهرجي. ان کان علاوه هر ڀيري عالمي مارڪيٽ ۾ اگهه وڌڻ تي سڄو بار عوام ڏانهن منتقل ڪرڻ ۽ اگهه گهٽ ٿيڻ وقت شفافيت نه رکڻ سان حڪومتي پاليسين تي عوام جو اعتماد متاثر ٿئي ٿو. تيل جي شعبي بابت عوام کي واضح ڄاڻ ڏيڻ سان ئي اهو اعتماد بحال ٿي سگهي ٿو.

طاقت جي ڊوڙ ۽ انسانيت جو الميو!

منظور ڪوسو

ماڻهو فطرت جي هڪ اهڙي نازڪ، نفيس، حساس ۽ جسماني طور ڪمزور مخلوق آهي جيڪا زماني جي گرم ۽ سرد حالتن، ڏکن ۽ تڪليفن کي برداشت ڪرڻ جي به ڪا خاص سگهه نه ٿي رکي ها! پر جيڪڏهن حالتن جو جبر وڌي وڃي ٿو ته انسان لاچار ٿيو پوي، ڇاڪاڻ ته ڪي حالتون اهڙيون هونديون آهن جن آڏو سنڌس اختيار ۽ وس محدود ٿي ويندا آهن سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي بيپناهه ترقيءَ جي باوجود به اڄ جو انسان هر طرف کان مسئلن ۽ مصيبتن جي گهيري ۾ آهي الميو اِهو آهي ته انسان انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ گهربل وسيلا وقف ڪرڻ بدران، پنهنجي ئي نسل کي تباهه ڪرڻ جا نت نوان طريقا ايجاد ڪرڻ ۾ مصروف آهي جيڪڏهن هٿيارن، ميزائلن، بمبار جهازن ۽ جنگي سازوسامان جي تياريءَ تي خرچ ٿيندڙ دولت جو وڏيڪ حصو صحت، طبي تحقيق، تعليم ۽ انساني ڀلائيءَ ڏانهن منتقل ڪيو وڃي ته ممڪن آهي ته طبي سائنس ۾ وڌيڪ تيز رفتار ترقي ٿئي ها ۽ لکين انسانن جي زندگي بهتر بڻجي ها ۽ انسان طِب جي دنيا ۾ ناممڪن کان ممڪن طرف اچي ها پر افسوس دنيا ۾ انسان کي جيئارڻ کان وڌيڪ کيس مارڻ جا جتن ڪيا وڃن ٿا. هٿيارن جي واپار، سياسي مفاد ۽ فوجي برتريءَ جي ڊوڙ ڪيترن ئي خطن کي جنگين جي باهه ۾ ڌڪي رهي آهي حقيقت ۾ انسان جسماني طور ڪمزور هوندي به علم، شعور، تجسس، تخيل ۽ مسلسل جاکوڙ جي ذريعي ڪائنات جي انهن رازن تائين پهتو آهي جيڪي ڪنهن زماني ۾ سنڌس تصور کان به ٻاهر هئا. هو خلائن ۾ سفر ڪري رهيو آهي چنڊ تي قدم رکي چڪو آهي مريخ ڏانهن مشينون گاڏيون موڪلي رهيو آهي ۽ ڪائنات جي اڻڄاتل حقيقتن کي سمجهڻ لاءِ ڏينهن رات تحقيق ڪري رهيو آهي جديد مواصلاتي نظام دنيا جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين رابطي کي انتهائي آسان بڻائي ڇڏيو آهي طب ۾ نيون دوائون، جديد تشخيصي طريقا ۽ زندگي بچائڻ جون ٽيڪنالاجيز لکين انسانن لاءِ اُميد جو سبب بڻجي رهيون آهن پر اُميو اِهو آهي ته علم ۽ شعور جي اهڙين بلندين تي پهچڻ کانپوءِ به انسان پنهنجي اندر جي نفرت، لالچ، انتقام ۽ وحشي جبلت تي مڪمل ضابطو آڻي نه سگهيو آهي هڪ طرف هُو بيمارين جي علاج لاءِ جديد مشينون ۽ دوائون تيار ڪري ٿو ته ٻئي طرف اهڙا تباهيءَ وارا هٿيار به ناهي ٿو جيڪي هڪ ئي لمحي ۾ هزارين انساني زندگين کي ختم ڪري سگهن ٿا. هڪ پاسي اسپتالون ۽ تعليمي ادارا تعمير ٿين ٿا ته ٻئي پاسي بم ۽ ميزائل انهن ئي اسپتالن، اسڪولن، گهرن ۽ انساني خوابن کي ملبي ۾ تبديل ڪري ڇڏين ٿا. هيروشيما ۽ ناگاساڪي جي ايٽمي تباهيءَ کان وٺي غزه جي انساني الميي ۽ ايران تائين دنيا جي مختلف خطن ۾ جاري جنگي ڇڪتاڻ انساني تاريخ تي بار بار اِهو سوال اٿاريندي رهي آهي ته ترقيءَ جون دعوائون ڪندڙ دنيا انساني جان، عزت ۽ امن کي ڪيتري اهميت ڏئي ٿي؟ جنگين جا انگ اکر پنهنجي جاءِ تي پر هر انگ پٺيان هڪ انسان، هڪ خاندان، هڪ گهر ۽ ڪيترائي خواب موجود هوندا آهن جڏهن ڪو شهر تباهه ٿئي ٿو ته رڳو عمارتون نه ٿيون ڊهن پر انسانن جون اميدون، ٻارن جو مستقبل ۽ نسلن جي محنت به مٽيءَ ۾ ملي وڃي ٿي

انسانيت کي تباهه ڪندڙ اهڙي صلاحيت کي ترقي، طاقت يا عظمت جو نالو نٿو ڏئي سگهجي اِها اُن تضاد جي علامت آهي جنهن ۾ انسان پنهنجي ذهانت سان ته ڪائنات جا دروازا کولي ٿو پر پنهنجي اندر جي نفرت ۽ وحشت جا دروازا بند ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ٿو هن جبلن کي ٽوڙي رستا ناهيا، درياهن تي بند ٻڌا ۽ خلائن جا دروازا کوليا پر پنهنجي ۽ ٻين انسانن جي وچ ۾ نفرت جون ديوارون اڃا تائين مڪمل طور ڊاهي نه سگهيو آهي انسان جي اصل عظمت اُن ڳالهه ۾ ناهي ته هُو ڪيترا ماڻهو ماري سگهي ٿو پر اُن ۾ آهي ته هُو ڪيترين زندگين بچائي سگهي ٿو سنڌس طاقت جو اندازو هٿيارن جي تعداد مان نه پر اُن ڳالهه مان لڳائڻ گهرجي ته هُو انسانيت جي تحفظ، امن جي قيام ۽ انساني ڀلائيءَ لاءِ ڪيتري ڪوشش ڪري ٿو جيڪڏهن هٿن ۾ بندوق بدران قلم، ڪتاب، اوزار ۽ روزگار جا وسيلا هجن ته سماج جي تقدير بدلجي سگهي ٿي طاقت جو اصل امتحان ڪمزور کي چيڀاٽڻ ۾ نه پر کيس سهارو ڏئي پاڻ سان گڏ بيهارڻ ۾ آهي ساڳيءَ طرح سياست جو مقصد مخالف کي ختم ڪرڻ نه پر اختلافن باوجود گڏجي رهڻ جا رستا ڳولڻ هجڻ گهرجي اقتدار جيڪڏهن انسان کي وڌيڪ انسان دوست بڻائڻ بدران وڌيڪ ظالم بڻائي ٿو ته اهڙي اقتدار جي اخلاقي حيثيت تي سوال اٿڻ فطري آهي اڄ عالمي سياست ۾ ڪيترائي فيصلا امن انصاف ۽ انساني حقن بدران قومي مفادن، فوجي برتريءَ ۽ سياسي اثر رسوخ جي بنياد تي ڪيا وڃن ٿا. عالمي ادارا به ڪيترن ئي انساني بحرانن کي روڪڻ ۾ گهربل ڪاميابي حاصل نه ڪري سگهيا آهن جڏهن طاقتور ملڪن جا مفاد انساني حقن کان مٿانهان ٿي وڃن ٿا، تڏهن سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ باوجود انساني جان غير محفوظ رهي ٿي اهڙي صورتحال ۾ سوال پيدا ٿئي ٿو ته آخر ان ترقيءَ جي اخلاقي معنيٰ ڪهڙي رهجي وڃي ٿي جيڪا انسان کي سهولتون ته ڏئي ٿي پر سنڌس جان ۽ امن جي ضمانت نٿي بڻجي سگهي؟ تنهن هوندي به تاريخ ۾ اهڙا روشن مثال موجود آهن جيڪي ٻڌائين ٿا ته سياست رڳو طاقت، اقتدار ۽ انتقام جو نالو ناهي ڏکڻ آفريڪا جو عظيم اڳواڻ نيلسن منڊيلا اُن جو هڪ اهم مثال آهي هن پنهنجي زندگيءَ جا 27 سال جيل ۾ گذاريا، نسل پرستيءَ جي ظالماڻي نظام سنڌس آزاديءَ جا قيمتي سال کسي ورتا پر جڏهن کيس اقتدار مليو ته هن پنهنجي مخالفن کان بدلو وٺڻ بدران قومي مفاهمت، انصاف ۽ گڏيل مستقبل جو رستو اختيار ڪيو اڄ جڏهن دنيا جا طاقتور ملڪ جديد هٿيارن، فوجي برتريءَ ۽ سياسي اثر رسوخ کي پنهنجي عظمت جو معيار سمجهن ٿا، تڏهن ڪين منڊيلا جهڙن اڳواڻن جي زندگيءَ مان سبق سکڻ جي وڌيڪ ضرورت آهي دنيا کي اهڙن اڳواڻن جي ضرورت آهي جيڪي جنگ جي ميدان ۾ فتح کان وڌيڪ امن جي قيام کي اهميت ڏين جيڪي انتقام بدران انصاف، نفرت بدران مفاهمت ۽ تباهيءَ بدران تعمير جو رستو اختيار ڪن ڇو ته جنگ ۾ ڪنهن هڪ ڌر جي فتح به انسانيت جي گڏيل نقصان کي ختم نٿي ڪري سگهي هاڻي اصل سوال اِهو ناهي ته انسان وٽ ڪيتري طاقت آهي پر اِهو آهي ته هُو اُن طاقت کي ڪهڙي مقصد لاءِ استعمال ڪري ٿو جيڪڏهن سنڌس علم زندگي بچائڻ، سنڌس سائنس بيمارين جو علاج ڪرڻ، سنڌس سياست انصاف قائم ڪرڻ ۽ سنڌس طاقت امن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿي ته پوءِ اِها ئي حقيقي ترقي آهي ڇاڪاڻ ته انسان جي عظمت جبلن کي ڪيرائڻ، خلائن کي فتح ڪرڻ يا دنيا تي حڪمراني ڪرڻ ۾ ئي ناهي، سنڌس سڀ کان وڏي عظمت پنهنجي اندر جي وحشي جبلت کي مات ڏيڻ انسانيت جي حفاظت ڪرڻ ۽ نفرتن سان ورهايل دنيا کي امن ۽ انصاف جي ڌاڳي ۾ پوئڻ ۾ آهي علم جي عظمت تڏهن ئي مڪمل ٿئي ٿي جڏهن ان سان انسان جي زندگي محفوظ ٿئي طاقت جي عظمت تڏهن ئي ظاهر ٿئي ٿي جڏهن اها ڪمزور جو سهارو بڻجي ۽ ترقيءَ جي معنيٰ تڏهن پوري ٿئي ٿي جڏهن انسان پنهنجي ذهانت سان گڏ پنهنجي انسانيت کي به زنده رکي

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه (روبرو جناب عاشق علي)
فيملي سوٽ نمبر 113 سال 2026

مسمات سمير ڌيءُ غلام مصطفيٰ ذات ملاح رهندڙ تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو ..پلينٽف ...بخلاف. وقار ولد خدا بخش ذات ملاحويلل ڳوٺ بهاول پور تعلقو دادو ضلعو دادو .... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ ٻاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 30-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج V حيدرآباد
ايف سي سوٽ نمبر 1205 سال 2026

علي ناصر بلوچ ..پلينٽف ...بخلاف. (1) مسمات حاڪمزادي رهندڙ گهر نمبر C-51 ايڪٽيشن نارٿ قاسم آباد حيدرآباد (2) عبدالعزيز ولد بهرام علي خان (3) ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڇ ڊي اي لينڊ مينجمينٽ ڊپارٽمينٽ حيدرآباد .... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار سيپريٽ پزيشن پرمننٽ انجڪشن مينڊيٽري انجڪشن اينڊ مينسي پرافٽ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر 71 سال 2026

مسمات عاشي ڌيءُ الله ڏنو ذات سولنگي رهندڙ ڳوٺ پانڌي سولنگي تعلقو بلڙي شاهه ڪريم ضلعو ٽي ايم خان ..پلينٽف ...بخلاف. شوڪت ولد ڏني بخش ذات سولنگي رهندڙ ڳوٺ پانڌي سولنگي تعلقو بلڙي شاهه ڪريم ضلعو ٽنڊو محمد خان .... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ، مينٽيننس ۽ ٻاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 26-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول/ فيملي جج ٽنڊومحمد خان
فيملي ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 05 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 71 سال 2025

شريمتي سنيتا ڌيءُ مصري ذات ميگهواڙ رهندڙ پير محلو تعلقو ضلعو ٽنڊو محمد خان ..پلينٽف ...بخلاف. ڏانجي ولد ڪرشن هندو ٻاگ رهندڙ ڳوٺ لونگ تعلقو ماتلي ضلعو بدين .... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي فيملي ايگزيڪيوشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 31-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول/ فيملي جج ٽنڊومحمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي شهيد بينظير آباد (روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 424 سال 2026

مسمات Aiman ڌيءُ مرحوم آصف نواز رهندڙ IIB-551 منوآباد نوابشاهه ..پلينٽف ...بخلاف. شهزاد عرف لالا ولد اڪبر علي ملاح رهندڙ مريم روڊ نوابشاهه تعلقو نوابشاهه ضلعو شهيد بينظير آباد .... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 30-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر 127 سال 2026

(1) مسمات Kushba زال عبدالخالق ذات خاصخيلي رهندڙ ٽنڊو سومرو بي ايس عمر سانڊ تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار (2) بي بي مهڪ تاريخ پيدائش 14-02-2016 (3) محمد مزمل تاريخ پيدائش 28-08-2017 (4) مناهل تاريخ پيدائش 20-01-2019 مائٽر معرفت مسمات Kushba ..پلينٽف ...بخلاف. عبدالخالق ولد عبدالعزيز ذات خاصخيلي رهندڙ ٽنڊو سومرو تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار.... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج II شهيد بينظير آباد
ايف سي سوٽ نمبر 36 سال 2026

منير احمد ولد عبدالقادر مگسي رهندڙ ڳوٺ حاجي غلام نبي ڪاتيار ديهه 50 دلو تعلقو نوابشاهه... پلينٽف.بخلاف. (1) مسمات گل پري بيواهه (2) الله نواز (3) ياسر نواز (4) مسمات ثمينه (5) نااياب سيريل نمبر 2 ڪان 5 سڀ پٽ ڌيئرون عبدالخالق بلوچ (6) مسمات آسيه ڌي عبدالخالق (7) رينواز ولد عبدالخالق بلوچ معرفت قانوني وارث (a) مسمات گل پري (ماءُ)(b) الله نواز (پاءُ) (C) ياسر نواز (پاءُ) (d) مسمات ثمينه (ڀيڻ) (e) مسمات آسيه (ڀيڻ) (8) اي سي نوابشاهه (9)سٽي سروي آفيسر نوابشاهه (10) سب رجسٽرار نوابشاهه (11) ڊي سي شهيد بينظير آباد.. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن پزيشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن زير قلم VII رول 1 سي پي سي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج II شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج II شهيد بينظير آباد

(1) ڊي سي او شهيد بينظيرآباد (2) اي سي نوابشاهه (3) سب رجسٽرار نوابشاهه (4) مختيارڪار روينيو نوابشاهه (5) مختيارڪار ڳوٺ آباد اسڪيم شهيد بينظير آباد (6) علي خان ولد مٺل خان مگسي (7) وحيد علي ولد علي خان مگسي (8) ظهير ولد سڪندر مگسي (9) دلدار ولد علي خان مگسي (10) مولا بخش ولد علي بخش خان (11) سڪندر علي ولد الله بچايو مگسي (12) رضا محمد ولد نذر محمد مگسي (13) مهر علي رتو تپيدار ديهه لڪمير (14) ايس ايڇ او ايئرپورٽ نوابشاهه (15) حاجي رياض ولد شفيع محمد زرداري (16) واحد علي ميمڻ ولد خالد ميمڻ (17) ڊاڪٽر عبدالله رند ولد شائين ڏنو رند (18) غلام رسول بلوچ ولد غلام قادر بلوچ (19) محمد تقي ولد امام الدين پٺاڻي (20) مسمات حاڪمزادي زال روشن رهندڙ تاج ڪالوني نوابشاهه. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن پزيشن ، مينسي پرافٽ اينڊ پرمننٽ انجڪشن زير قلم VII رول سي پي سي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج II شهيد بينظير آباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏنو ٿو ڏجي ته عرضدار نالي رحيم بخش ولد عبدالرئوف سومرو رهندڙ سنڌي سوسائٽي سکر اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي عبدالرئوف سومرو ولد الهي بخش سومرو تاريخ 31-12-2018 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالن تي زرعي زمين سروي نمبر 354-586۽ بين مان ٿهيل پلاٽ نمبر 240 ايراضي 1350 چورس فوٽ حيدرآباد سٽي ديهه ناريجاڻي ٽپو ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسي عام بيان ۾ ڏني آهي فوتي غلام علي جا وارث (1) رحيم بخش (پٽ) (2) الهي بخش (پٽ) (3) مقصود احمد (پٽ) (4) سهيل احمد (پٽ) (5) واحد بخش (پٽ) (6) مسمات وزير بيگم (بيواهه) (7) مسمات سڪندر (ڌي) (8) مسمات شبانه پروين (ڌي) (9) مسمات ڪلثوم (ڌي) (10) مسمات صوبيه (ڌي) (11) نويد (پٽ) جن جي نالي تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه ڄڻو وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڻڪا مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوىٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر عام ۽ خاص کي هن عام اطلاع ذريعي آگاهه ڪيو وڃي ٿو ته نالي غلام عباس ولد علي نواز چانڊيو طرفان هن آفيس ۾ درخواست داخل ڪرائي وئي آهي ته سندس والد علي نواز چانڊيو جيڪو فوت ٿي ويو آهي. فوتي جي وارثن جي حوالي سان معززين جا بيان قلمبند ڪيا ويا آهن جن موجب فوتي جا جائز ۽ شرعي وارث هيٺيان آهن :محمد موسيٰ ولد علي نواز (پٽ)غلام حيدر ولد علي نواز (پٽ)غلام عباس ولد علي نواز (پٽ)ذوليخا (ڌي)وارث نوري (ڌي/وارث)زينب (ڌي/ وارث(زمين جا تفصيل:سروي نمبر: 381، 384 ايراضي 16 ايڪڙ 10 گهنٽاعلائقو: تعلقو ٽنڊوباگو ضلعو بدين (ديهه ڏگهه / ٽپو ڏاڏاهه)اعتراض لاءِ هدايت: مٿين ظاهر ڪيل وارثن يا زمين جي کاتي تبديل ڪرڻ بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض، اختلاف يا دعويٰ هجي، ته هو هي اطلاع شايع ٿيڻ (يا نوٽيس جاري ٿيڻ) کان پوءِ مقرره مدت (7 ڏينهن) جي اندر پنهنجو لکيت اعتراض مختيارڪار جي آفيس ۾ پيش ڪري. مقرره مدت گذرڻ بعد ڪنهن به اعتراض ٻڌو نه ويندو ۽ قانون مطابق فوتي کاتو مٿين ظاهر ڪيل وارثن جي نالي تبديل ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ٽنڊو باگو

ماڻهن ڪلاڻي تعلقہ اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران زخمي علي لاشاري کي طبي امداد ڏني وئي ۽ سندس حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ ڪري ڪجهه دير بعد هن به دم ڏئي ڇڏيو هڪ ئي گهر جي 3 ڀائرن جي فوت ٿيڻ بعد اسپتال ۾ قيامت برپا ٿي وئي، وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو ڊاڪٽرن پاران حادثي جو شڪار ٿيل ٽنهي ڀائرن جي لاشن جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا جيڪي ايمبولينس ذريعي لاش ڪلاڻي گهر روانا ٿي ويا، هڪ ئي وقت ٽنهي ڀائرن جا لاش گهر ۾ پهچڻ وقت قيامت جهڙو منظر هو گهر ڀاتين سميت سموري ڳوٺ ٽوڙي پرپاسي ۾ سوڳ واري فضا ڇانيل رهي، فوتين جي جنازي نماز ۾ سوين ماڻهن شريڪ ٿيا جنهن بعد ڪين آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو آخري اطلاعن تائين حد جي ٿاڻي تي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو.

ڪهاڙين سان حملو ڪرائي قتل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن دوران آءِ رٽورٽ ٿي ريس ۽ صونڪي سول اسپتال ۾ داخل ڪيو ريو هن چيو ته اهڙي ماسري جي حد جي ٿاڻي وڌ ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل ڪرائي

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه
(روبرو جناب عاشق علي)
فيملي سوٽ نمبر 113 سال 2026

مسمات سمير ڌيءُ غلام مصطفيٰ ذات ملاح رهندڙ ستي تعلقو ڪي اين شاه ضلعو دادو ..پلينٽف ...بخلاف.. وقار ولد خدا بخش ذات ملاحويٺل ڳوٺ بهاول پور تعلقو دادو ضلعو دادو .... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تروڙڻ ۽ ڏاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاه ڪجي ٿو ته 30-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج V حيدرآباد
ايف سي سوٽ نمبر 1205 سال 2026

علي ناصر بلوچ ..پلينٽف ...بخلاف.. (1) مسمات حاڪمزادي رهندڙ گهر نمبر C-51 ايڪٽيشن نارٿ قاسم آباد حيدرآباد (2) عبدالعزيز ولد بهرام علي خان (3) ڊپٽي ڊائريڪٽر ايچ ڊي اي لينڊ مينجمينٽ ڊپارٽمينٽ حيدرآباد .... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار سيپريٽ پزيشن پرمننٽ انجڪشن مينڊيٽري انجڪشن اينڊ مينسي پرافٽ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاه ڪجي ٿو ته 07-11-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر 71 سال 2026

مسمات عاشي ڌيءُ الله ڏنو ذات سولنگي رهندڙ ڳوٺ پانڌي سولنگي تعلقو بلڙي شاه ڪريم ضلعو ٽي ايم خان ..پلينٽف ...بخلاف.. شوڪت ولد ڏتي بخش ذات سولنگي رهندڙ رهندڙ ڳوٺ پانڌي سولنگي تعلقو بلڙي شاه ڪريم ضلعو ٽنڊو محمد خان .... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تروڙڻ . مينٽيننس ۽ ڏاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاه ڪجي ٿو ته 26-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول/ فيملي جج ٽنڊومحمد خان
فيملي ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 05 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 71 سال 2025

شريمتي سنيتا ڌيءُ مصري ذات ميگهواڙ رهندڙ پير محل تعلقو ضلعو ٽنڊو محمد خان ..پلينٽف ...بخلاف.. ٿانجي ولد ڪرشن هندو بالغ رهندڙ ڳوٺ لونگ تعلقو ماتلي ضلعو بدين .... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي فيملي ايگزيڪيوشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري ...

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏيو ڏجي ٿو ته عرضدار نالي رحيم بخش ولد عبدالرءوف سومرو رهندڙ سنڌي سوسائٽي سکر اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي عبدالرءوف سومرو ولد الهي بخش سومرو تاريخ 31-12-2018 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالن تي زرعي زمين سروي نمبر 354-586ء بين مان ٿهيل پلاٽ نمبر 240 ايراضي 1350 چورس فوٽ حيدرآباد سٽي ديهه ناريجاڻي ٽپو ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڄڻيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسهء عام بيان ۾ ڏني آهي فوتي غلام علي جا وارث (1) رحيم بخش (پٽ) (2) الهي بخش (پٽ) (3) مقصود احمد (پٽ) (4) سهيل احمد (پٽ) (5) واحد بخش (پٽ) (6) مسمات وزير بيگم (بيواهه) (7) مسمات سڪندر (ڌي) (8) مسمات شبانه پروين (ڌي) (9) مسمات ڪلثوم (ڌي) (10) مسمات صوبيه (ڌي) (11) نويد (پٽ) جن جي نالي تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه ڄڻ وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڻاڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوئ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر عام ۽ خاص کي هن عام اطلاع ذريعي آگهه ڪيو وڃي ٿو ته نالي غلام عباس ولد علي نواز چانڊيو طرفان هن آفيس ۾ درخواست داخل ڪرائي وئي آهي ته سندس والد علي نواز چانڊيو جيڪو فوت ٿي ويو آهي فوتي جي وارثن جي حوالي سان معززين جا بيان قلمبند ڪيا ويا آهن جن موجب فوتي جا جائز ۽ شرعي وارث هيٺيان آهن :محمد موسيٰ ولد علي نواز (پٽ)غلام حيدر ولد علي نواز (پٽ)غلام عباس ولد علي نواز (پٽ)ذوليخا (ڌي)وارث نوري (ڌي/وارث)زينب (ڌي/وارث(زمين جا تفصيل:سروي نمبر: 381، 384، ايراضي 16 ايڪڙ 10 گهنٽاعلائقو: تعلقو ٽنڊوباگو، ضلعو بدين (ديهه ڏگهه / ٽپو ڏاڏاهر)اعتراض لاءِ هدايت: مٿين ظاهر ڪيل وارثن يا زمين جي کاتي تبديل ڪرڻ بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض اختلاف يا دعوئ هجي ته هو هي اطلاع شايع ٿيڻ (يا نوٽيس جاري ٿيڻ) کان پوءِ مقرره مدت (7 ڏينهن) جي اندر پنهنجو لکيت اعتراض مختيارڪار جي آفيس ۾ پيش ڪري مقرره مدت گذرڻ بعد ڪنهن جو به اعتراض ٻڌو نه ويندو ۽ قانون مطابق فوتي کاتو مٿين ظاهر ڪيل وارثن جي نالي تبديل ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ٽنڊو باگو

جيڪب آباد لڳ ٽرالر جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، 3 سڳا ڀائر فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ علي مراد لاشاري جا رهواسي ڀائر شهر وڃي رهيا هئا ته اوچتو ٽرالر سان ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ انيس الرحمان، منير احمد ۽ علي لاشاري دم ڏٺي حوالي ڪيو

پوسٽ مارٽم بعد ٽنهي ڀائرن جا لاش وارثن جي حوالي، گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، علائقي ۾ سوڳ

جيڪب آباد (ڊ ر) تعلقي ٺل جي ڳوٺ علي مراد لاشاري جا رهواسي ٽي ڀائر موٽر سائيڪل سوار ٿي ڳوٺ کان پورهيو ڪرڻ لاءِ شهر طرف وڃي رهيا هئا ته اوچتو ٽرالر سان موٽر سائيڪل جو خوفناڪ ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ٽئي ڀائر انيس الرحمان، منير احمد ۽ علي لاشاري پٽ حميد الرحمان لاشاري سخت زخمي ٿي پيا، جڏهن ته ٻن ڀائرن انيس الرحمان ۽ منير احمد لاشاري سخت زخمي هجڻ ڪري موقعي تي ئي دم ڏٺي ڇڏيو جن کي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويل ٽن ڀائرن جا فائيل فوٽو

جاڙو پنهور جي رهواسي جو ڀائرن ۽ ڀائيٽن جي مبينا ظلم خلاف حيدرآباد ۾ مظاهرو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي جاڙو پنهور جي رهواسي عبدالشڪور پنهور ڀائر ۽ ڀائيٽن جي ظلم خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هن الزام لڳائيندي چيو ته اسين 8 ڀائر آهيون ۽ اسين ڪيترين

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

سائيٽ سپروائيزر گهربل آهي

هڪ معتبر تعميراتي اداري کي حيدرآباد ۾ پنهنجي سائيٽ پروجيڪٽ لاءِ **سائيٽ سپروائيزر** گهربل آهي جيڪو DAE **سول** ڪيل هجي ۽ گهٽ ۾ گهٽ **پنجن سالن** جو تجربو رکندڙ هجي ۽ سائيٽ جي تمام ڪمن جي ڄاڻ رکندڙ هجي جهڙوڪ بل ٺاهڻ، لي آئوٽ ڪرڻ، ميئرمينٽ وغيره ڪرڻ جي ڄاڻ رکندڙ هجي.
خواهشمند حضرات هيٺ ڏنل نمبر تي پنهنجي C.V واٽس اپ ڪن
واٽس اپ نمبر 03100100835

لکي غلام شاهه ڪارنهن الزام هيٺ پيءُ هٿان ڌيءَ سميت ٻنهي قتل، علائقي ۾ ڏک جي لهر

جوڻيجو محلي ۾ عيوض جوڻيجو 20 ورهين جي ڌيءَ مرڪ ۽ 21 ورهين جي نوجوان الله رکيو کي قتل ڪري ڇڏيو

اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ٻنهي مقتولن جا لاش تحويل ۾ وٺي تعلقي اسپتال منتقل ڪيا

مقتولن جا لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي، آخري اطلاع تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو

شڪارپور/لکي غلام شاهه (نمائندن وڪان) لکي غلام شاهه شهر جي جوڻيجو محلي ۾ گذريل رات دير سان ڪارنهن الزام هيٺ ٻٽو قتل جو افسوسناڪ واقعو پيش آيو جتي پيءُ عيوض پٽ ميهل جوڻيجو مبينا طور پنهنجي ڌي 20 ورهين جي غير شادي شده ڌيءَ مرڪ ۽ 21 ورهين جي نوجوان الله رکيو عرف جميل جوڻيجو کي قتل ڪري ڇڏيو واقعي جو اطلاع ملڻ تي لکي غلام شاهه پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ٻنهي مقتولن جا لاش تحويل ۾ وٺي تعلقي اسپتال منتقل ڪيا، جتي پوسٽ مارٽم جو عمل جاري آهي پوسٽ مارٽم مڪمل ٿيڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويندا. آخري

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

قتل خلاف لکي ڌرڻو ۽ روڊ بلاڪ ڪري ٽائر ساڙيا پيا وڃن

ڪراچي ۾ 33 انچ پاڻي جي لائين جي مرمت مڪمل ڪري فراهمي بحال ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن اردو ڪاليج ويجهو متاثر ٿيل 33 انچ قطر جي پاڻي جي لائين جي مرمت جو ڪم مڪمل ڪري ورتو آهي جنهن ڪانيوءِ گلشن اقبال ٽائون ۾ پاڻي جي فراهمي بحال ڪئي وئي آهي واٽر ڪارپوريشن جي ترجمان موجب چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر احمد علي صديقي جي هدايتن تي متاثر ٿيل لائين جي مرمت جو

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

شڪارپور شعيب سنجراڻي جي حياتي جي تصوير

مانجهند پرسان هٿياربندن جو عورتن تي تشدد، نوجوان ناري اغوا، مظاهرو ڌرڻو، روڊ بلاڪ

ڳوٺ بلو ۾ جوابدارن ڦٽين جي چونڊي تان واپس ٿيل عورتن کي روڪي وحشياڻو تشدد ڪيو

جوابدار هڪ نوجوان ناري مومل گراڻو کي هٿيارن جي زور تي تشدد ڪندي مبينا طور اغوا ڪري ويا

مانجهند (ن ع) مانجهند پرسان ڳوٺ ۾ ڦٽين چونڊي واپس گهر ايندڙ عورتن تي تشدد هٿيارن جي زور تي هڪ نياڻي مبينا اغوا وارثن جو انڊس هاءِ وي تي 3 ڪلاڪ ڌرڻو پوليس سان ڳوڙهن ۽ مسافر جون

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ناري جي اغوا خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

هالا ۾ عالمي پوليو جي روڪٿام واري ڏينهن تي آگاهي ريلي

ڊي ايڇ او جي اڳواڻي ۾ نڪتل ريلي ۾ آفيسرن، ڊاڪٽرن، ليڊي هيلٿ ورڪرن جي شرڪت

پوليو خطرناڪ بيماري آهي جيڪو ٻارن کي مستقل جسماني معذوري ڪري سگهي ٿو: ڊاڪٽر

مٽياري (ڊ ر) عالمي پوليو جي روڪٿام واري ڏينهن جي موقعي تي ڊي ايڇ او مٽياري ڊاڪٽر زاهد صدر جي اڳواڻي ۾ هالا ۾ پوليو جي خاتمي بابت هڪ ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ صحت کاتي جي آفيسرن ۽ ملازمن، ڊاڪٽرن، ليڊي هيلٿ ورڪرن استادن شاگردن ۽ شهرين

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

فقيرآباد ۾ چوري ۽ لٽ مار جي وارداتن خلاف رهواسين جو احتجاجي ڌرڻو

مظاهرين ڪامريڊ فريد خاصخيلي، محبت شنباڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

پوليس جونڪي انچارج تدبير خواهه ڪي عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ ڪي يقيني بڻايو وڃي

گمبٽ (ت ر) گمبٽ لڳ فقيرآباد ۾ وڌندڙ بدامني، چوري ۽ ڦر جي وارداتن خلاف شهرين ڪامريڊ فريد خاصخيلي ڪامريڊ محبت شنباڻي شمن گوپانگ جي اڳواڻي ۾ احتجاج مظاهرو ڪيو ويو ۽ ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي سبب گمبٽ _ فقيرآباد لنڪ روڊ مڪمل بند ۽ ٽريفڪ جي روانی متاثر ٿي وئي آهي جڏهن ته شهرين علائقي ۾ امن امان جي بگڙندڙ صورتحال تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي مظاهرين جو چوڻ آهي ته فقيرآباد ۾ چوري ۽ لٽ مار جي وارداتن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي جڏهن ته فقيرآباد پوليس شهرين کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ پ پ پ سينيئر نائب صدر ياران چار عبدالستار خان ڏاريجو جي سالگرهه جي تقريب، ڪيڪ ڪاٽيو ويو

گهوٽڪي (ن ع) پاڪستان پيپلزپارٽي سٽي گهوٽڪي جي سينيئر نائب صدر چوڌري محمد آصف آرائين ياران پنهنجي آفيس ۾ صوبائي وزير چار اڪرام الله خان ڏاريجو جي فرزند چار عبدالستار خان

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

خيرپور ايگريڪلچر ڪاليج ۾ ٻئي سيمسٽر جي امتحانن لاءِ فارم جمع ڪرائڻ جي تاريخ ۾ واڌ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

محفل ميلاد کي عالم خطاب ڪري رهيو آهي

ڪڪڙ ۾ روڊ حادثو، ڪوچ جي ٽڪر لڳڻ سبب ٻالهڙو فوت

فوتي شخص جو لاش پيل آهي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

مقصودو رند ويجهو استاد عبدالرزاق رند جي امو لاڏاڻو ٿي ويو، جنازي نماز ۾ معززين جي شرڪت

ڪوٽ غلام محمد ۾ ذهني صحت جي عالمي ڏينهن تي سيمينار منعقد

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد: شهري مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪري رهيو آهي

پاڪستان ۾ راندين جو بي پناهه ٽئلينٽ موجود آهي: پارس ڏيرو

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙين جي فيڪٽري جو ڇا ٿي سي

شڪارپور ۾ جماعت اسلامي جو ليوي ٽيڪس خلاف احتجاجي ڌرڻو، حڪومتي فيصلي کي رد ڪري ڇڏيو

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڏيجي تعلقي جي مختلف ڳوٺن ۾ ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو: ضمير حسين رڙ

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

رانديگرن ۾ انعام ورهايا پيا وڃن

سنڌ ۾ مهانگائي، بيروزگاري، بدامني ۽ حڪومتي نااهلي خلاف عوام جو جيمڊ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي: راشد محمود سومرو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم تعلقي اسپتال ياران پوليو جي عالمي ڏينهن حوالي سان آگاهي ريلي ڪڍي وئي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڏيجي سائيٽ

فيض گنج ۾ هٿياربندن ياران پورهيت ٽيڪسي ڊرائيور جي گهر جي ڀاڃ، الهه ڏنو رڪ ۽ ٻڪريون مري ويون

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪيرو ۾ استاد بابر علي هڪڙو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ علامتي بک هڙتال جاري، جوابدار گرفتار

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ حضرت غوث المظهر جيلاني جي ياد ۾ شاندار روحاني محفل

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

گمبٽ پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلو، هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار، پستول هٿ

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

خانپور مان بيوه عورت جو تشدد ٿيل لاش گهر مان هٿ، جاچ شروع

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

پوليو مهم جي مانيٽرنگ پلان تي مڪمل عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي: ڪمشنر سکر ڊويزن

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

سکر پوليس وڏي ڪارروائي ۾ منشيات ۽ هٿيارن سميت جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

بختيار گڙهي کيڊٽ ڪاليج ۽ تقريري مقابلو سيد غلام مصطفيٰ شاهه جي شرڪت

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

شهري مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

راڻيپور ۾ منشيات ۽ بدامني خلاف سول سوسائٽي جي احتجاجي ريلي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

تڪرار جو پرامن حل ۾ انساني وقار جو تحفظ ڳنڍيل ذميواري

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

تقريب ۾ شيلڊون ورهايون پيون وڃن

سي سي ٽي وي فوٽيج جي تصوير

گمبٽ لڳ سولر پليٽن مان ڪرنٽ لڳڻ سبب پورهيت فوت، گهر ۾ ڪهرام

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

عمران خان کي آزاد ڪري ملڪي بقا لاءِ سنجيدگي سان ڳالهين جي شروعات ڪئي وڃي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ضروري آهي: محمد بخش خان مهر

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ روهڙي واسي اڳڙا برادري جي پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

سنڌ ريڊيو جي اسسٽنٽ ڪمشنر ڪارڪردگي ۽ رشوتخوري خلاف احتجاج

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

بدوڪمبرائي ۾ آٽو 180 رپيا في ڪلو ڪرڻ تي لڳو پورهيتن جو مظاهرو

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڏيجي ٿلائي اوور پل وٽان پيرسن عورت جي پاڻي مان لاش هٿ آيو

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه عبادت شاهه جي ڳوٺ راهو ۾ سيد عليم شاهه جي نالي سان لائبريري قائم

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

شهري مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

جماعت اسلامي ياران احتجاج ڪيو پيو وڃي

احتجاج ڪيو پيو وڃي

عوامي خدمت ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي حڪومت جي پهرين ترجيح آهي: رياض شاهه شيرازي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ٽنيڪي پمپنگ ڪمپليڪس ۽ بجلي نظام جي بحالي واري منصوبي لاءِ سروي مڪمل

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ٽيلو درياهه اسڪول وين ڪري پئي، 3 ڀائر سميت 4 ٻار فوت

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

ب ٽ الف جي مطالبن ڪي نظرانداز ڪيو ويو آهي: غلام رسول مهر

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح، صوبي ۾ امن ۽ امان جو قيام آهي: گهوٽو وزير

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ پوليس ۽ ڦورن وچ ۾ مقابلو، هڪ ڌاڙيل مارجي ويو

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

پوليو کان پاڪ پاڪستان شهيد بينظير ڀٽو جو خواب هو: بلاول ڀٽو زرداري

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.